
بهندڙ
ليڪا
رزاق مهر

# ٻهنڊڙ ليڪا

(ڪهاڻيون)

## رزاق مهر

ڪاچو پبليڪيشن
2009ع

ڊجيٽل ايڊيشن:
2018ع

سنڌ سلامت ڪتاب گهر

ڪتاب جو نالو: ڏهنڊڙ ليڪا (مُختصر ڪهاڻيون)
ڪهاڻيڪار: رزاق مهر
ڪمپوزنگ: جمال ڄامڙو، 03212072889
ڪتابن جو ڳاڻيٽو: ١٠٠٠
ڇپائيءَ جو سَن: 2009

| | |
|---|---|
| Book Name: | Dahandar Leeka |
| | (Short Stories) |
| Written by: | Razaque Mahar |
| Composed by: | Jamal Jamro (03212072889) |
| Edition: | first |
| Year of Edition: | 2009 |
| Price: | 150/= |

# سنڌ سلامت پاران :

سنڌ سلامت **ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن** سلسلي جو نئون ڪتاب **”ڊھنڊڙ ليڪا“** اوھان اڳيان پيش آھي. ھي ڪتاب ناميارې ليکڪ، شاعر، ڊراما نگار ۽ ڪھاڻيڪار رزاق مھر جي ڪھاڻين جو مجموعو آھي.

ڪيھر شوڪت لکي ٿو:

”رزاق مھر جي ڪھاڻين جا مجبور، ڏٻايل، ستايل، جڪڙيل، قاتل، وساريل، بيمار، ڏنل، بي آرام، سڪون ۽ سلامتيءَ جي ڳولا ۾ ڀٽڪندڙ، زندگيءَ ۽ موت جو چاھ ۽ ڏپ ڪٽي جيئندڙ ڪردار ۽ انھن جي بي رحم، ظالم، مفادپرست، اوپري، ويساھ گھات، قياس جوڳي ۽ پوائتي دنيا. ان سڀ کي رزاق مھر فيشن پرستيءَ، نعريبازيءَ، ذات پرستيءَ ۽ وات ڳاڙھائپ کان ھٽي ڪري جنھن سنجيدگيءَ، گھرائيءَ ۽ فنڪاريءَ سان پيش ڪيو آھي اُن رزاق کي اڄ جي مکيہ جوابدار ۽ وڏن ڪھاڻيڪارن ۾ ڪٽي بيھاريو آھي.“

ھي ڪتاب ڪاچو پبليڪيشن پاران 2009ع ۾ ڇپايو ويو. ٿورائتا آھيون آصف رزاق مھر جا جنھن پنھنجي والد جي ڪتاب جي ڪمپوز ڪاپي موڪلي سنڌ سلامت ڪتاب گھر ۾ پيش ڪرڻ جي اجازت ڏني.

اوھان سڀني دوستن، پيارن، سڄڻن، بزرگن ۽ ساڃاھ وندن جي قيمتي مشورن، راين، صلاحن ۽ رھنمائي جو منتظر.

**محمد سليمان وساڻ**
**مينيجنگ ايڊيٽر ( اعزازي )**
**سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام**
sulemanwassan@gmail.com
www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

## ستاءُ

- بابا ڪردارن جو اصل روپ پاڻ هو          آصف رزاق مهر

## ڪهاڻيون

1. آڙاھ
2. اجهل هوا
3. اُوندھ پُنيان سوجهرو
4. تڏي تي وينل ماڻهو
5. پيڙيل وجُود
6. پروٽوڪول
7. ميران مئي ڪان پوءِ
8. عقيدو
9. ترورا
10. ڊهنڊڙ ليڪا
11. نظر انداز ٿيل احساس

## بابا ڪردارن جو اصل روپ پاڻ هو

اديب، شاعر ۽ ساڃهه وندن جي زندگيءَ ۾ جيڪي تڪليفون ايندڙيون آهن سي سڀ انهن جي لکڻين جو روپ وٺي پيش ٿينديون آهن. ڪڏهن شاعري بڻجي تخليق ٿينديون آهن ته ڪڏهن ناٽڪ جو روپ وٺي نکرنديون آهن. صحيح معنيٰ ۾ اديب اهو آهي جيڪو پنهنجي ذاتي غمن سان گڏوگڏ ٻين جي تڪليفن کي به سمجهي. غور ڪندي محسوس ٿو ٿئي ته هو انهن منجهان ڪيترن ڪردارن جو اصل روپ پاڻ هو. لکڻ دوران روئيندو به هو ته کلندو به هو.

بابا جي وصال کان چار پنج ڏينهن اڳ پڇيومانس ته، ”بابا توهان ايڏو المياتي tragic ڪردارن ۾ پيهي ڇو ويا آهيو .

موت ۾ چيائين ته، ”حقيقت اها آهي ته دنيا ۾ اڌ کان وڌ تقريباً ٽي حصا دنيا انهن تلخ حالتن ۾ گذاري ٿي ۽ مان به انهي دنيا جو رهاڪو آهيان.“

بابا جو گهڻو خيال هو ته زندگيءَ ۾ جيڪو ڪجهه انسان وجائي ٿو، اهو سڀ آهي ۽ ٽريجڊي حقيقت ۾ تڏهن هوندي آهي، جڏهن ان ۾ ڪا شيءِ وڃائجي (Tragedy) وڃي، ختم ٿي وڃي. انهي تسلسل ۾ ويچارڻ سان محسوس ٿئي ٿو ته اسان جيڪي بابا جا پوئلڳ، جيڪي ان جو اولاد آهيون، اسان به ان ٽريجڊيءَ جو شڪار ٿي وياسين ۽ هڪ سنو پيءُ ۽ اديب وڃائي ويناسين. بابا اهو رائيٽر هو، جيڪو ڪتاب ۾ به ساڳيو ته عملي زندگيءَ ۾ به ساڳيو، يعني قول ۽ فعل جو سچو ۽ شفاف انسان. هن جي زندگيءَ جو گهڻو حصو اڻ ڳڻين تڪليفن جو باب هو، جيڪو هن جي يتيم ٿيڻ کان پوءِ شروع ٿي چڪو هو، پنج سالن جي عمر ۾ هو اهڙن ماڻهن جي سرپرستيءَ ۾ رهيو جيڪي ”مار ئي سنوار“ سمجهندا هئا ۽ هرهڪ پنهنجي وڏي هجڻ جو فرض نڀائڻ ضروري سمجهندو هو.

مائٽن جي رواجي بي حسي ان مان ظاهر پئي ٿئي جو هڪ دفعي جڏهن بابا کي پنجين درجي جو امتحان ڏيڻو هو ۽ ڪتابن جي نه هجڻ جي ڪري هو پنهنجي مائٽ جي گهر وڃي ان جي پرسان وينو ۽ هن جو ڪتاب پڙهڻ لڳو ۽ ٿوري دير کان پوءِ ڇوڪري جي ماءُ بابا کي اٿاريو ۽ چيائين ته، ”ابا تون هن جي پرسان نه ويهه، متان منهنجي پٽ کان سبق نه وسري وڃي.“

بابا جي جوانيءَ وارو دور چاچا واجد منگي، چاچا ڪيهر شوڪت، چاچا زيب سنڌي ۽ محبوب دوست چاچا محمد علي پنهاڻ سان گڏ گذريو، چاچا محمد علي به بابا کان محروم

تي ويو، خبر نہ آھي تہ مقدر اھا راند اڄ تائين الائي ڪيترن انسانن سان ڪيڏي آھي. ھي دنيا بہ عجيب آھي، روز خوشين جا ڪٽولا ڪڇن ٿا ۽ روز غمن جون ڇپون ٽيون ڪرن.

15 آگسٽ 2002ع تي اھو ڪٽولو اسان جي گھر مان ڪڇي اوڏانھن ويو، جتان اڄ تائين ڪو بہ واپس ناھي وريو. بابا جي ٽيبل تي خالي پيل پنا، اڃا ان تيز ڌار جھڙي قلم جا منتظر آھن، جيڪو سماجي اوٽاين ڪي بي ڊپو ٽي نروار ڪندو ھو. مون ڪي پڪ آھي تہ سندس ڊرامن جا اڻ مٽ ڪردار ھن سماج جا ترجمان ضرور ٽيندا.

**آصف رزاق مھر**

# آڙاھ

سوچي ٿو، جي مري ويو تہ ھيڏي وڏي دنيا ۾ ڪير ھن جي ٻارن جي سار لھندو، ڪير انھن جي ننڍڙين ننڍڙين خواھشن جو مان رکندو. ھن وانگي انھن جا انگل پورا ڪندو، ۽ لاڏ ڪوڏ سان انھن کي پاليندو. اکين ۾ ڳوڙھا پرجي تا وڃنس. ننڍي اک وڏيڪ ننڍي ۽ وڏي اک وڏيڪ وڏي ٿي وڃيس ٿي. ڦريل واڄ ۾ ڪُٻ پئجي وڃيس ٿو. انھن لمحن ۾ ھن کي ايئن لڳي ٿو، ڄڻ تہ ھن جو گھر ديوارن کان آزاد ٿي ويو ھجي. کليل آسمان ھيٺان ھو سيني ياتين سميت پاڻ کي ڪنھن اھڙي ھنڌ ڏسي ٿو، جتي ماڻھن جو بي پناھ ھجوم آھي، ڪارون آھن، موٽرون آھن. بي قابو ٽرئفڪ آھي، ۽ انھن ماڻھن کي ڄڻ تہ ھڪ جنون ٿي ويو آھي تہ ڪنھن طرح اڳتي نڪري وڃجي. اھڙي سمي ڪو بہ ھنن جي تباھ حال زندگيءَ متعلق نہ ٿو سوچي، ڪو بہ ساڻن ھمدردي نہ ٿو ڪري. ھر ڪنھن کي فقط اڳتي نڪري وڃڻ جي ڇڪتاڻ آھي، بس.

”بابا.....“ ھن جو پنجن سالن جو ساجد ھن جي پير ۾ اچي بيھي ٿو، ”بابا قلفي وارو آيو آ، قلفي وٺي ڏي.“

ھو اجا ڪجھ ڳالھائي، ان کان اڳ ٻار وري چوي ٿو، ”وٺي ڏيندين نہ ـ ھان؟“

ھو سجو ٽڙڪڻ لڳي ٿو. ڇچريل لفظن ۾ ڪيس چوڻ ٿو چاھي تہ ماءُ کان وڃي وٺ، پر ٻار ڪجھ بہ سمجھي نہ ٿو سگھي.

”بابا ڏي نہ، ھليو ويندو.“

”زبيده.....او زبيده.“

”وري ڇا ٿيو؟“ ٻاھران جوڙس جو چڙ ڀريل آواز اچي ٿو.

”ساجد کي پئسا ڏي.“

”ھان؟“

”ساجد کي پئسا ڏي تہ قلفي وڃي وٺي.“

”قلفي؟ ھاڻي تون قلفي کائيندين؟“

هو پنهنجي ان بيوسيءَ تي روئڻ لڳي ٿو، ۽ ٻار قلفي کائڻ جي خواهش دل ۾ دٻائي چپ چاپ پيءُ جي پيراندي کان وڃي ٻيهي ٿو.

مڙس جي روئڻ تي زال هن ڏانهن وڌي اچي ٿي. هن جا هٿ ٿانون ملڻ ڪري، ڪارنهن ۾ آلا ٿيل آهن، جن مان ڪارا ريڳاڙا وهندا رهن ٿا.

”ڇاتيو؟ ڪنهن تي پيو پار ڪيين؟“ جوڻس جي آواز ۾ ڏک ۽ چڙ ٻئي ملي ويا آهن.

”پنهنجي نصيبن تي پيو روئان!“ هٻڪي هٻڪي ايئن ڳالهائي ٿو، جيئن اڌ رنگ جي زد ۾ آيل اڪثر بد نصيب ڳالهائيندا آهن، جن جي زندگي بي رحم تماشو بڻجي ويندي آهي.

”قلفي کائيندين نه؟“ هاڻي الاءِ ڪيئن جوڻس ڪي ترس اچي وڃي ٿو ۽ هوءَ هن جي ان گهر ڪيل خواهش کي پورو ڪرڻ لاءِ تيار ٿي وڃي ٿي. ”گهرائي ٿي ڏيانءِ. پر ڏس نه، تو کي ته ٿڌيون شيون نقصان ڏينديون آهن، پوءِ ڇو ڪرڻ لڳندو آهين اهي فرمائشون. هان؟!“

” نه.... مان نه“ هو ڪنڌ کي نهڪر ۾ لوڏي ٿو.“ ساجد کي پئسا ڏي ته اهو وڃي وٺي.“ هو هڪ هڪ لفظ الڳ ڪري وضاحت ڪري ٿو.

۽ زال غلط سمجهڻ تي ڪجهه ڦڪائي محسوس ڪندي اٿي ٿي ۽ سامهون وارو ڪٻٽ کولي، ان مان اٺ آنا ڪڍي ٻار کي ڏئي ٿي. ٻار ننڍڙيون ننڍڙيون وکون کڻي ٻاهر نڪري وڃي ٿو.

” مان غلط سمجهيو هو، سڄو ڏينهن ڳڻتين ۽ فڪرن ۾ ڪو هوش ئي ڪو نه ٿو رهي.“ هوءَ صفائي پيش ڪندي انتهائي پاٻوهه منجهان وراڻي ٿي.

هو وري ڳالهائڻ جي ڪوشش ڪري ٿو، ”زبيده....هتي ويهه. هتي ويهه. منهنجي پير ۾ تي ويهه.“

زال هن جي پير سان سري اچي ٿي ته هن جي اندر ۾ سمنڊ جي ڇولين جهڙو اضطراب ڦهلجي وڃي ٿو. هو وري روئڻ لڳي ٿو. لانڍ ۾، جيئن پريان ڪا ريل جي انجڻ ڪوڪ ڪري رهي هجي. ”اون....اون.....اون.“

”بس ڪر...هاڻي صبر ڪر.“ زال گهرو شوڪارو ڀري ٿي. ”روئڻ سان ڪجهه ورندو ڇا، جو روئين ٿو.“ ڪيس ماٺ ڪرائڻ لاءِ رويي ۾ اجا به گهڻي نرمي ڀري ٿي چڙي.

پر هو ماڻ نہ ٿو ڪري. پلا ماڻ بہ ڪيئن ڪري. وڏي عرصي بعد ئي تہ هن کي موقعو مليو آهي، زال جي دل ۾ همدردي پيدا ڪرڻ جو. هن جي ويجهي ٿيڻ جو اهو احساس ئي تہ آهي جو هن کي روئاري ٿو، ۽ هو چاهي ٿو تہ ايئن ئي روئيندو رهي. ۽ هن جي زال بار بار هن کي آٿت ڏيندي رهي. هن کي پرچائيندي رهي. ان روچ سان هن کي هڪ قسم جي آسودگي ملي رهي آهي. ذهني سڪون ملي رهيو آهي.

اوچتو هن جي ڦريل واچ وٽان ڳِڱَ جي هڪڙي ڏکهي لار وهي، هن جي ڪاڏيءَ وٽ مڙي بيهي رهي ٿي، جنهن کي ڏسندي ئي زال جي منهن ۾ اڻ وٽندڙ گهنج پئجي وڃن ٿا. پوءِ هوءَ اتان اٿي ٻاهر وڃي ويهي ٿي ۽ هو ساڳيءَ ريت روئندو رهي ٿو، پنهنجي بيوسيءَ تي پنهنجي تباهيءَ تي، پنهنجي حال ۽ آئندي تي.

ڪڏهن تہ هو بہ ماڻهو هوندو هو. هڪ اهڙو ماڻهو، جو سوسائٽي ۾ عزت ڏئي ۽ وٺي ڄاڻندو هو. پيشي جي لحاظ کان هيڊ ڪلارڪ هو. تڏهن بيمار نہ ٿيو هو. پوءِ جڏهن ڪريو تہ دنيا ئي بدلجي ويس. دوستن جو وسيع حلقو ٽٽي ويس. زنده دل ليکيو ويندڙ ساڳيو شخص، بور، چڙچڙ ۽ جهڳي هٽندڙ مشهور ٿي ويو. رستي تان هلندو هو تہ ڏنل دڳ مٽائي ويندا هئا. جي ڪنهن کي وڃي زوري چنبڙندو هو تہ "ها، هون"، کان وڌيڪ موٽ نہ ڏيندا هئس. تڏهن بيحد دکي ٿي، گهر جي هڪ ڪنڊ ۾ وڃي سڏڪندو هو.

ڪڏهن ڪڏهن تہ دل ۾ ايندو هيس تہ رڙهندو رڙهندو ريل جي پٽڙين تي وڃي پهچي ۽ پنهنجو انت آڻي ڇڏي. پلا ڇا رکيو هو ان زندگيءَ ۾، جا رڳو ڏکن، سورن ۽ اذيتن سان ڀريل هئي. پر هر ڀيري هو پاڻ مارڻ واري خيال کي عملي صورت بخشڻ کان رهجي ٿي ويو ۽ زندگيءَ جي اڻ ڳڻين ذلتن ۾ وڃي ٿي ڪريو. هن جي نہ مرڻ جو ڪارڻ اهو هرگز نہ هو تہ کو هو موت کان ڊنو ٿي. موت، اهڙي زندگيءَ کان وڌيڪ اذيت رسائيندڙ هو ڇا؟ ان زندگيءَ کان وڌيڪ بہ کو پوائتو روپ ٿي سگهيو ٿي ڇا؟، جو هو خودڪشي نہ ڪري ها. پر هن جي اهڙين حالتن ۾ بہ جيئڻ ۽ جيئڻ جي نالي ۾ مرڻ جو هڪڙو ڪارڻ هو، ۽ اهو هو هن جو ساجد. پنجن سالن جو ننڍڙو ساجد، جيڪو هن جي ڪمزوري بڻجي ويو هو، جو هر وقت هن جي حواسن تي ڇانيل رهندو هو.

هو جڏهن پتين سان ڳالهائڻ چاهيندو هو، تڏهن ساجد ئي هوندو هو، جو ڪيس ٻڌندو هو ۽ هو ٻڌائيندو هو دنيا جون منافقيون، خود غرضيون ۽ دکن ۽ سورن جون ڪهاڻيون ۽ وري جي ساجد ڳالهائيندو تہ دل پئي چوندس پيو ڳالهائي. وينو ڳالهائي ۽ هو ٻڌندو رهي.

"بابا مان توکي پارو (پيارو) آهيان."

"ها."

”ڪيترو.“

”تمام گهڻو.“

”پلا ساجو، مان تو کي پيارو آهيان؟“

”ها، تون بہ مون کي پارو آهين....بابا، ماني ڪاڍي ٿئي......پاڻي ڏيانءِ.“

خود غرضي ۽ منافقي جڏهن هر چهري پنيان هن کي صاف نظر ايندي هئي، تڏهن ساجد ئي هوندو هو، جنهن وٽ هن کي خالص پيار ملندو هو. جنهن وٽ ڪا ملاوٽ ڪا نہ هئي. چور بازاريءَ جي هن دور ۾ ننڍڙو ساجد ڪنهن ليڪٽو ميٽرlactometer جيان ئي تہ هو، ڪري ۽ ڪوڙي جي سڃاڻپ ڪرائيندڙ.

هڪ ڏينهن الاءِ ڪيئن هو ساجد کي چئي وينو، ”ساجد مان جي مري وڃان تہ روئندين؟“ ”چو مرين ڏاڻ (ڏاڻ) الله پنا (پناھ) ڏئي.“ وڏن ڪان ٻڌل جملو ورجايو هئائين. تڏهن پيءُ جي اکين ۾ ڳوڙها پرجي ويا هئا ۽ اهڙين حالتن ۾ پاڻ کي جيئڻ لاءِ آٿت ڏني هئائين. هو ٻيو

ڪجھ ڪري نہ ٿي سگهيو تہ، گهٽ ۾ گهٽ ننڍڙي ساجد لاءِ هڪ ڳالهائيندڙ ۽ گهمندڙ ڦرندڙ رانديڪي جو ڪم تہ ڏئي ٿي سگهيو، جو بازار مان خريد ڪرڻ ڪيڏو مشڪل هو.

۽ ڪڏهن تہ هو صفا ٻر ٿي ويندو هو، انسان هو، تڪليف پهچڻ تي پڇي پري پوندو هو، تڏهن ڪجھ بہ نہ وڻندو هوس، نفرت ٿي ويندي هئس پنهنجو پاڻ کان، رشتن ناتن کان ۽ دنيا کان. تڏهن دل ۾ ايندو هوس تہ دنيا تباھ ٿي وڃي. لمحن جي وڇوٽيءَ اندر هر شيءِ تهس نهس ٿي وڃي. ڌرتي ۽ آسمان جي وچ ۾ زندگي نہ بچي، تباهيءَ جا آثار بچن، ڪندر بچن ۽ موت جهڙي ماٺ رهجي وڃي.

پر ائين ڪٿي ممڪن هو. ماڻهوءَ جي وس ۾ هجي ها تہ، هن دنيا ۾ اچي ئي چو ها. جتي جمڻ کان وني مرڻ تائين رڳو ڏک آهن. اذيتون آهن. جا پوڳنائن جي دنيا آهي، جتي ماڻهپي ڪنهن گمنام جاءِ تي وڃي پناھ ورتي آهي. جتي بيوفائي آهي، خود غرضي آهي، مفاد پرستي آهي ۽ ماڻهوءَ جي ماڻهوءَ سان ويساھ گهاتي آهي، اهڙي دنيا جي تباهيءَ لاءِ هو سوچيندو هو. پر جڏهن ڪجھ بہ نہ ورندو هوس تڏهن زهر جو ڍڪ پري ماٺ ٿي ويندو هو، ۽ اهڙا زهريلا ڍڪ هن کي ڏينهن ۾ ڪيئي پيرا پرڻا پوندا هئا.

ھن کي سڀ کان وڌيڪ اذيت ڏيندڙ ھن جي زال ھوندي ھئي، جا ھن کي ٻڍو اڻ ٻڍو ڪري چڙيندي ھئي. ھن جي ھٻڪي ھٻڪي ڳالھائڻ تي ھن کي دڙڪا ڏيندي ھئي. مٽس چٽرون ڪندي ھئي. پر ان ۾ ھن جو ڏوھ بہ ڪھڙو ھو. ھو تہ گھڻي ئي ڪوشش ڪندو ھو تہ چٽو ڳالھائي، پر ڪٿي نہ ڪٿي الجھي ضرور ويندو ھو.

”تو کي بہ ويندي ڪرڻ جي عادت پئجي وئي آھي.“ ھن جي ھٻڪي ھٻڪي ڳالھائڻ تي جوٽس ٽوڪيو ھو، ”بيزار ڪري ڇڏيو اٿئي سيني کي.“

تڏھن ھو روح تائين رتوڇاڻ ٿي پيو ھو. ”تو کي بہ مون کان بيزاري ٿيڻ لڳي آ زبيده.“ ھڪ ھڪ لفظ الڳ ڪري ڏوراپو ڏنو ھئائين تہ جيئن ھو دل کي رسيل چوٽ جو احساس ڏياري سگھي.

”پنھنجو ڳالھائڻ ڏنو اٿئي. ايندو آ ڪنھن کي سمجھ ۾. اجا بيزاري نہ ٿيندي؟“

”ان ۾ منھنجو ڪھڙو ڏوھ آ. مان ڪو ڄاڻي واڻي تہ ايئن ڪو نہ ٿو ڪريان.“

”منھجي ئي قسمت ڦٽل آھي جو تون ڪرمن ۾ لڳي وئين. منھنجو ئي ڏوھ آ.“

زال جي اھڙي بي رخيءَ تي ھن کي پنواتي اچي وئي ھئي. جيئن نند پڻ ۾ چيڪلي تان ڇڪر ڪاٽيندي ڪري پيو ھجي.

جڏھن نئين نئين شادي ٿي ھئس تہ زال ڪيڏو نہ خيال رکندي ھئس. ڪيڏو نہ فخر محسوس ڪندي ھئي جو سلجھيل ۽ اعتدال پسند مڙس مليو ھوس. جنھن وٽ عورت جو تصور روايتي مرد وانگر پير جي جتي نہ ھو، جو گھر جي ڪم ڪار ۾ ڪنھن سٺي دوست وانگر ھن جي مدد ڪرڻ ۾ عيب نہ سمجھندو ھو، ۽ جنھن سگھڙ ھئڻ جي اعتراف ۾ گھر جي ھر شيءِ زال جي ھٿن ۾ ڏئي ڇڏي ھئي. اھو ساڳيو شخص جڏھن ڪريو تہ شروع ۾ زال بہ وسان ڪو نہ گھٽايو. جيڪو پڄي سگھيس سو ڪيائين. پر جڏھن پينشن جا پئسا اڌ کان وڌيڪ سندس بيماري تي خرچ ٿي ويا تہ وني ڏاڙ ڏاڙ ڪيائين مھانگائي جو پٽڙو پٽيائين. ماضي وساري حال ۽ مستقبل جو اونو ڪرڻ لڳي، ۽ ھڪ ڏينھن صفا پڙ ڪڍي بيھي رھي.

”ھاڻي علاج ٻلاج جي سڌ ڇڏ، اھو ڪي سوچ جنھن سان گھر جو چرخو ھلائي سگھجي.“

”مان نيڪ ٿي ويندس تہ سڀ نيڪ ويندو زبيده!“

”تون خوش ٿيندين ۽ ڏيھ ڏسندو. اجايو ٿو ٻاڻي ولوڙڻ جون ڳالھيون ڪرين.“

زال جي سرد مهريءَ جي نتيجي ۾ دوا درمل بند ٿي ويس. نہ صرف ايترو پر اعلاج موجب هلندڙ ڪاڙهو بہ جڏهن رڪجي ويو تہ مرض وڏيڪ بگڙي ويو، ۽ هو تيزيءَ سان تباهي ڏانهن ڌڪجڻ لڳو.

هاڻي تہ چوڏهن سالن جي ڌيءَ بہ ماءُ سان ڀٽ تي ويهي رهي هئي. ان وٽ بہ هن لاءِ ڪا همدردي ڪا پنهنجائپ نہ رهي هئي. تنهن ڏينهن جي ئي تہ ڳالهہ آهي، ڏيٽس صفحي ۾ ڪٽ رکڻ جي ڪيئن نہ ڪليل لفظن ۾ مخالفت ڪئي هئي، ۽ پيءُ ڏکويل لهجي ۾ رڳو ايترو چيو هو، ”مان جڏهن نيڪ هئس تڏهن بہ اتي ئي سمهندو هوس، پوءِ هاڻي ڇو جاءِ مٽايان؟“

”هاڻي تون بيمار آهين بابا. آيو ويو اچي ٿو، ڪجهہ ان جو خيال ڪر. ڪمري جو حال تہ ڏس ڇا ٿي ويو آهي. سچ مون کي تہ ٻڌڻ ٿو اچي.“

هو ڏک ۽ پشيمانيءَ جي شديد احساس ڪان هڪ لفظ بہ ڪچي نہ سگهيو هو. ماٺ ڪري وراندي ۾ ڪٽ ڪٽائي آيو هو.

ڪالهہ تہ بي عزتي ڪرڻ ۾ زال انتها ڪري ڇڏي. تڏهن ڏيٽس ڪجهہ نہ چوندي بہ ڇڻ تہ گهٽو ڪجهہ چئي ورتو هو. اُگرو، تڪو ۽ دل کي مُنُ ۾ پڪڙي نپوڙڻ جهڙو.

جوٽس ڪاڙو وني ڪيو هو. ”مئا، مان ڪا تنهنجي غلام آهيان جو سڄو ڏينهن تنهنجون ٿڪون ۽ ڪانگهارا ويهي ميڙيان، واڇ ڦري اٿئي، انڌو تہ ڪو نہ ٿيو آن، جو ڏسين ئي نہ ٿو. ڪيڏن حيلن سان فرش ڌوتم تہ ان جو ڪٽي ستياناس ڪري ڇڏيئي، گدلا، بد فضيلتا.“

تڏهن هو هڪو ٻڪو ٿي ويو هو. هيڏي وڏي تذليل ۽ هيڏي بي عزتي ٿيندي هن جي، هن تہ ڪڏهن سوچيو ئي نہ هو. پنهنجو پاسو ڪٽڻ لاءِ ڌيءَ ڏانهن ڏنائين تہ وڏيڪ تتي پيو. ڏيٽس نڪ تي رئو ڏئي اندر صفحي ۾ وڃي ويني. پوءِ هو اٿيو، رڙهندو رڙهندو نلڪي ۾ ويو ۽ اتان پاڻيءَ ۾ پُسيل ٽپڙيءَ جو ٽڪرو ڪٽي واپس اچي، فرش جو اهو حصو صاف ڪيائين، جنهن جي خراب ٿيڻ تي جوٽس گهر ڪٽي مٿي تي ڪنيو هو.

”بابا، قلفي ڪائيندس؟“ ننڍڙو ساجد پيءُ جي پر سان اچي چوي ٿو.

”نہ......“ پيءُ ننهڪر ڪري ٿو.

”ڪاءُ نہ.“ هو تيليءَ ۾ چنبڙيل مائي جو ذرو چٽي وري چوي ٿو.

”ٻاهر هلندين ساجد....هان؟“

”هل.....هل نہ.....“ ٻار چئي تہ اڳ ۾ ئي تيار آهي.

هو اٿي ٿو، پير جي گيساڙي تي جوٽس ٻاهران ئي پڇي ٿي. ”ڪاڏي ٿو وڃين؟“

”ٽورو ٻاهر.....“

”ٻاهر وڃي گلا جو گهانگهو نہ ڏجانءِ. آئي وئي سان ٿو شڪايتون ڪرين، ڪجھ غيرت بہ ڏار. منهنجي گلا ڪري پنهنجو ئي ڪپڙو ٿو لاهين.“

هو ڪو بہ جواب نہ ٿو ڏئي، ۽ چپ چاپ ٻاهر نڪري ٿو اچي.

ٻاهر جون جي مهيني جي ڪچڙي منجهند پنهنجي عروج تي آهي. سج ڪنهن ماٺيلي ماءُ وانگر پچري، بغض جي باه دنيا تي اچلائي رهيو آهي. گرمي معمول کان وڌيڪ ٿي پاسجي. هو سامهون موريءَ تي نظر اينڌڙ سرهن جي وڻ ڏانهن ڏسي ٿو، ۽ پوءِ اوڏانهن وڌڻ لڳي ٿو، ڪنهن نئين پنڌ ڪندڙ ٻار وانگر، جنهن کي ڊپ هوندو آهي تہ ڪنهن وقت بہ پاڻ نہ سنڀالي هيٺ وڃي ڪرندو. حال بہ تہ اهڙو ئي تي ويو اٿس نہ. ساڄو پاسو فالج هجڻ سبب ٽنگ ۽ ٻانهن ڦري ويئي اٿس. جنهن ڪري هلي ٿو تہ هڪ پير سان گيساڙو ڏئي پوءِ ٿو هلي.

وڏي مشڪل سان پاڻ گهليندو، ساهيون پٽيندو، پنجن منٽن جو پنڌ ويهن منٽن ۾ طئي ڪري موريءَ تي پهچي ٿو. پوءِ هلندو سرهن جي گهاٽي ڇانو ڏانهن وڌي وڃي ٿو، جتي اڪثر اچي ويهندو آهي.

ننڍڙو ساجد آڱر چڏائي پر سان واهہ جي ڪڙ تي اچي ويهي ٿو.

”ساجد.....هيڏانهن اچ.....هيڏانهن اچ پٽ، ڪٿي پير نہ ترڪي وڃئي.“

پيءُ خوف وچان ڪيس سڏ ڪري ٿو. ٻار تجسس پريل نظرن سان واهہ سان گڏرندڙ هڪ ننڍي ٽاريءَ ڏانهن ڏسي ٿو، جنهن جي پنن تي بہ ماڪوڙا پاڻيءَ کان پاڻ بچائڻ لاءِ هيڏانهن هوڏانهن وڃي رهيا آهن.

پيءُ ڪيس وري سڏ ڪري ٿو تہ هو اتان هٽي پيءُ جي پر ۾ ويهي ٿو.

انهن لمحن ۾ هڪ ستن ـ اٺن سالن جو ٻار ظاهر ٿئي ٿو، ان جي متي تي گجرن جو ٿالھ آهي. پيرن ۾ ربڙائي چمپل اٿس. منهن جو رنگ اُس ۾ رلڻ ڪري ڪاراٽيل لڳيس ٿو. هو ڪمزور آواز ۾ هوڪو ڏئي ٿو، پوءِ ٿالھ سرهن جي پاڙ ۾ رکي نلڪي ڏانهن وڌي وڃي ٿو. پهريان پاڻي پيئي ٿو، پوءِ ننڍا ننڍا ٻڪ ڀري منهن تي هڻي ٿو. آخر ۾

پير ڏوئي گوڏ جي پلوَ سان منهن اگهي ٿو. هاڻي هو سامت ۾ اچي پهريائين جي پيٽ ۾ ڪڙڪ آواز ۾ هوڪو ڏئي ٿو. ”گجر.....مني لاهوري گجر.“

ننڍڙو ساجد گجر وٺڻ جي خواهش ظاهر ڪري ٿو. ”بابا گجر وٺي ڏي.“ ”گجر وارا، هيڏي آ، گجر ڏي.“

گجر وارو گهورڙيو ٻار ساجد جي ويجهو سرڪي اچي ٿو. پيءُ کي خبر آهي ته هن جي کيسي ۾ پئسا ڪونهن، پوءِ به اوپري ٻار اڳيان ڪوڙو ڀرم رکڻ لاءِ ايئن ئي ڪاٻو هٿ قميص جي کيسي ڏانهن کڻي وڃي ٿو.

گجرن وارو تياري وٺي ٿو. ڪيس پڪ ٿي وڃي ٿي ته گجرون ضرور وڪامنديون.

”پئسا ته هٿ ڪو نه آهن.“ ڪجهه ڦڪائي سان پيءُ چوي ٿو.

”پر سائين گهرجن گهڻي جون؟“ گجرن وارو گراهڪ وڃائڻ نه ٿو چاهي.

”روپئي ڪن جون گهرجن پر........“

”پرواه ناهي، مان شام توهان جي گهر اچي وٺي ويندس.“

”تون مون کي سڃاڻندو آهين ڇا؟“

اٿلندو ٻار پنهنجي سڃاڻپ ڪرائي ٿو، ”سائين! مون کي نه ٿا سڃاڻو، مان جمال الدين جو پٽ آهيان.“

”ڪهڙو جمال الدين ؟“

”جمال الدين مستري سائين! هو جنهن جو ويلڊنگ جو دوڪان نه هوندو هو جاڙل شاه جي پڙسان. او جيڪو اڳئين سال بجليءَ جي ڪرنٽ لڳڻ ڪري گذاري ويو هو. مان ان جو پٽ آهيان.“

”هان، تون جمال الدين جو پٽ آهين!“ هو حيرت ۾ ڏک منجهان ٻارڙي ڏانهن ڏسي ٿو. پيءُ جي موت جو ذڪر ايندي ٻار اداس ٿي وڃي ٿو. هن جي اکين ۾ ڳوڙها پرجي وڃن ٿا، جن کي روڪڻ لاءِ هو تڪڙيون تڪڙيون اکيون ڇنڀڻ لڳي ٿو، پر جڏهن ڳوڙها هن جي وس کان ٻاهر ٿي وڃن ٿا ته پگهر اگهڻ جي بهاني گوڏ جي پلئه سان منهن اگهي ٿو.

پيءُ ھاڻي ساجد ڏانھن ڏسڻ لڳي ٿو ۽ گھورڙيو ٻار پنھنجي ننڍڙن ننڍڙن ھٿن سان چاقو کولي اخباري ڪاغذ جي ننڍڙي ٽڪر تي گجر جا ننڍا ننڍا ٽڪر ڪٽي ساجد جي اڳيان رکي ٿو. ساجد ڏاڍي شوق منجھان بي فڪر تي گجر کائڻ لڳي ٿو. پوءِ گھورڙيو ٻار اتان اٿي ٿو. ننڍڙو معصومڙو ننڍي وجود تي ٿالھ جو وڏو بار کڻي گھلجڻ لڳي ٿو.

اوچتو پيءُ کي لڳي ٿو. پريان پگھريل ۽ ڪاراٽيل چمڙي ۽ گجرن جي ٿالھ جو بار کڻي ھلندڙ ٻارڙو ھن جو ساجد ھجي، جو گھر جي ضرورتن جو شڪار ٿي، تتل ڏينھن ۾ ھوڪا ڏيندو ھجي. ھن کي الائجي ڇو اھو ٻار ساجد جو مستقبل ٿو لڳي. شايد ڏک ۽ اندر جي ڪنھن اونھي عذاب ڪان دل ۾ وڍ پويس ٿو. ھو ٿورو سُري ساجد کي ڀڪر ۾ ڀري ٿو ۽ ساجد اھو سمجھي ته بابو شايد گجر کائڻ ٿو چاھي، پيءُ جي وات ۾ گجر جو ھڪ ٽڪر وجھي ٿو. پيءُ اوڇنگارون ڏئي ٿو.

# اجهل هوا

نيري بس ڊوڙي رهي آهي سڄي ڏينهن جي تپي ويل ڏامر جي روڊ مٿان. ويهه منٽ اڳ جڏهن شهر جي حدن مان نڪري موڙ وٺان مُڙي هئي، تڏهن وشال آڪاش مٿان ڦهليل ميرانجهڙي ٻاڙهاڻ ڪنهن سڄاڻ چترڪار جي لڳايل رنگن جهڙي ڏاڍي خوبصورت ۽ بي پناهه ڇڪ رکندڙ نظر اچي رهي هئي، ۽ تڏهن جمالياتي ذوق رکندڙ ماڻهو درين منجهان منهن ٻاهر ڪڍي ان فطرتي نظاري جي سونهن ۾ ڪوئجي ويا هئا.

پر هاڻ جڏهن ڏرتيءَ ڪان آسمان تائين مٽيءَ جا وڏا وڏا واچوڙا طوفاني شڪل اختيار ڪري چڪا آهن ۽ سڄاڻ چترڪار جي خوبصورت رنگن جهڙي ميرانجهڙي ٻاڙهاڻ ڌوڙ جي گهاٽن تهن وچ ۾ دٻجي سموري سندرتا وڃائي چڪي آهي، تڏهن بس ۾ وينل هر هڪ ماڻهوءَ جي چهري تي بيزاري جهلڪڻ لڳي آهي. ڪڏهن ڪڏهن ڪو ماڻهو مٽيءَ جي چادر اوڙهيل ان گدلي گدلي آسمان ڏانهن ڏسي ٿو ونڌي ۽ وري ساڳيا ئي اڻ وڻندڙ ڀاوَ منهن تي آڻي ڪپڙن ۾ انهن اندر پگهرجي ويل جسم مٿان مٽيءَ کي چنبڙڻ جي ناڪام ڪوشش ڪرڻ لڳي ٿو. مٽيءَ ڪان بچڻ لاءِ ڪجهه ماڻهو دريون بند ڪري رهيا آهن، جنهن ڪري بس اندر سخت گهٽ ۽ ٻوسٽ ڦهلجڻ لڳي آهي، ۽ ان گهٽ ڪان بچڻ لاءِ ڪي ماڻهو درين کولڻ جي حق ۾ نظر اچن ٿا. جڏهن ته دريون بند ڪرڻ جي راءِ رکندڙ ڪجهه ماڻهن کي جسم تي چنبڙيل مٽيءَ ڪان ڏاڍي بڇان ٿي لڳي ۽ اهي دريون بند ڪرائڻ لاءِ هلڪو گوڙ ڪن ٿا.

بس اندر زندگيءَ جي هر شعبي سان تعلق رکندڙ ماڻهو سفر ڪري رهيا آهن. هر هڪ چاهي ٿو ته، ڪنهن نه ڪنهن نموني ان بور ڪندڙ سفر مان جلد نجات حاصل ڪري وڃي.

مين گيٽ جي لڳو لڳ ٻن ماڻهن جي ويهڻ واري سيٽ تي هڪ ناڪام فلمن جو فلاپ ايڪٽر وينل آهي. هن جي هٿ ۾ سستي معيار جو هڪ فلمي رسالو پڪڙيل آهي، جنهن جي هڪ صفحي کي هو بار بار ايئن اٿلائي پٿلائي ڏسي رهيو آهي، جيئن ڪو ڪڙپيل دڪاندار ڪنهن نوٽ کي باريڪ بينيءَ سان ڏسي اهو اطمينان ڪرڻ چاهيندو آهي ته ڪٿي ڪيس نقلي نوٽ نه مليو هجي. ٺيڪ اهڙيءَ ريت هو به رسالي جي هر صفحي کي بار بار اٿلائي پٿلائي ڏسي رهيو آهي. جنهن ۾ هن جي ايندڙ فلم متعلق هڪ ٻن انچن جيتري غير اهم خبر لڳل آهي. هن جي ذهن جي اسڪرين تي هڪ ڊائمنڊ جوبلي فلم هلي رهي آهي، جنهن اندر ملڪ جي سُپر هِٽ اداڪارن وچ ۾ هو لازوال

پرفارمنس ڏيندي فن جي بلندين کي ڇهندو ڏسي رهيو آهي. اوچتو هن جي روئڻ جو ڪلوز اپ اسڪرين مٿان ايرڻ لڳي ٿو ۽ هو خاص فلمي انداز ناهي، پنهنجي محبوبہ کي ڏوراپو ڏئي ٿو. سندس ڪاڏي ۽ چپ ڏڪڻ لڳن ٿا. هن جو وات "او" چوڻ جي انداز ۾ گول ٿي وڃي ٿو ۽ ٻن پروئن جي وچ ۾ وڏي ليڪ ايري هن جي اندر جي المناڪ ڪيفيت کي ظاهر ڪرڻ لڳي ٿي ۽ انهي لمحي هو زمان ۽ مڪان جون سموريون حدون اورانگهي هلندڙ بس ۾ ئي خاموش ايڪٽنگ جو مظاهرو ڪرڻ لڳي ٿو. هو بنھ روئڻ لڳي ٿو.

هن جي آڏو واري سيٽ مٿان ڪٽل ڪنين واري ولايتي ڪڪڙ سان مشابهت رکندڙ هڪ پوڙهي عورت ويني آهي، جنهن جي ٿلهي مٽي تان لڙڪندڙ ڳاڙهو ماس، سندس مالي خوشحاليءَ جي شاهدي ڏئي رهيو آهي.

پوڙهي عورت جي اڳيان هڪ بيروزگار شاعر ويٺو آهي، جو دريءَ منجهان روڊ جي پرسان گذرندڙ هڪ عورت کي ڏسي رهيو آهي، جنهن جي مٿي تي جهنگ جي ڪانين جي ڀري رکيل آهي. هو لاڳيتو عورت ڏانهن ئي ڏسندو رهي ٿو، جا اهڙي طوفان جي پرواه ڪرڻ بنا رڻ ۾ اڪيلي وڃي رهي آهي. جنهن جي اوسي پاسي جي هر شيءِ ۾ اڪيلائيءَ جو شديد احساس سمايل آهي. ڏور ڏور تائين سڄ ئي سڄ ڦهليل آهي ۽ انهيءَ خوفناڪ سڄ ۾ ڪانين جي ڀريءَ جو بار ڪٽي هوءَ زنده رهڻ جو جتن ڪري رهي آهي. شاعر هوا جي زور تي اڏامندڙ مٽيءَ ۾ گم ٿيل عورت ڏانهن لاڳيتو گهوريندو، هن جي حال، هن جي مستقبل تي لکڻ لاءِ اکيون پوري چڏي ٿو.

شاعر جي اڳيان واري سيٽ تي هڪ صحافي پنهنجي سنهڙي ڳچيءَ ۾ لڙڪيل وزني ڪيمرا ڏانهن ڏسي ٿو، جا بس جي ڌڏڪن ۾ هن جي جهول مٿان لڏي لمي رهي آهي. هو ڪيمرا جي چمڙي واري پٽيءَ کي پنهنجي آڱرين تي ويڙهي وري کولي ٿو ڇڏي. هن جي انهيءَ عمل مان هن جي ذهني بي چيني بکڻ لڳي ٿي. اوچتو هن جي نظر ڊرائيور جي پرسان واري سيٽ مٿان ٻيٺل هڪ نهايت ئي ٻي ڍولي شخص ڏانهن کڄي وڃي ٿي، تہ کن لاءِ هن کان ڇرڪ نڪري وڃي ٿو، پر اهو ڇرڪ هن کان غلط فهميءَ وچان نڪتو آهي. اهو ٻي ڍولو ۽ ٿلهو شخص هن جي اخبار جو ايڊيٽر قطعي نہ آهي، جنهن جي ڇهري تي هن ڪڏهن بہ مرڪ جهڙي ڪنهن شيءِ کي ناهي ڏٺو ۽ جو هن مٿان ان ڪري ڪڏهن بہ مهربان ناهي رهيو جو سندس چوڻ موجب، "هو ڪم جو صحافي ناهي،" ۽ واقعي هن جي ايڊيٽر جو اهو چوڻ غلط بہ ڪونهي، ڇاڪاڻ تہ هو هيل تائين اهڙي ڪنهن بہ خبر هٿ ڪرڻ ۾ ناڪام ويو آهي، جنهن کي "بينر هيڊ لائين،" يا "فرسٽ لِيڊ اسٽوريءَ،" جو درجو مليو هجي. هن جو ايڊيٽر گهٽائي ڀيرا هن کي وارننگ ڏئي چڪو آهي تہ هو پنهنجي ڪم مان ڪيس مطمئن ڪري، نہ تہ، ٻيءَ

صورت ۾، هن جي جاءِ تي ڪنهن اهل شخص کي مقرر ڪيو ويندو. ”تڏهن هو ڇا ڪندو؟“ ۽ اهڙين گهڙين ۾ هميشه هو اداس ۽ پريشان ٿي ويندو آهي.

هاڻي ته سچ پچ هن کي پنهنجي پيشي کان نفرت ٿي وئي آهي. هو زندگيءَ ۾ خواب ئي ته ڏسندو رهيو آهي. سڀ خواب اڻ مڪمل، سڀ تصور پوائتي حقيقت ئي ته ڪٽي ٽنا آهن، هن جي سامهون. زندگيءَ جي هر شعبي ۾ ناڪامي ملي اٿس ۽ تڏهن ئي شايد امتحان ۾ فيل ٿيندڙ شاگرد واري بي دليائي واسو ڪري ويئي آهي هن جي وجود ۾.

هاڻي هن کي انهن سيني صحافين تي چڙ اچي رهي آهي، جيڪي هن جي منزل ڏانهن ڪنيل وکن ۾ هميشه ڏانوڻ بڻجي حائل ٿيندا رهيا آهن. چار ڏينهن اڳ جڏهن غير ملڪي سفير جي خوبصورت زال گم ٿي وئي هئي ۽ جڏهن ملڪ جي سيني اخبارن ۾ ”اغوا“ واري خبر ”فرسٽ ليڊ اسٽوري“ ٿي لڳي هئي، تڏهن هن کي الائجي ڇو يقين ٿي ويو هو ته ان غير ملڪي عورت جي واپسيءَ واري خبر هن جي هٿان ئي ”فليش اپ“ ٿيندي. هن جي ڪيمرا مان نڪتل تصويرون ملڪ جي وڏين وڏين اخبارن ۾ شايع ٿينديون ۽ تڏهن هن جي ايڊيٽر کي پنهنجي ان راءِ کي بدلائڻو پوندو ته ”هو ڪم جو صحافي ڪونهي.“

۽ ان ڳالھ کي ثابت ڪرڻ لاءِ ڪنهن انٽيليجنس جي پگهاردار ملازم جيان ان عورت جي تلاش ۾ نڪري پيو هو. ٽاٽن کان آفيس، آفيس کان وري وڏايل سوشل ڪانٽيڪٽ ۾ گم ٿيڻ ۽ پريس ڪلب مان حاصل ڪيل راين ۽ اڳڪٿين جا تجزيا ڪرڻ، هنن جو معمول بڻجي ويو هو.

۽ نيٺ اڄ هن ايڊيٽر جي نالي ۾ آيل ٽيليفون تان اها خبر رسيو ڪئي هئي. اها ٽيليفون اغوا ڪندڙن طرفان ڪئي وئي هئي، جن رضاڪارانه طور تي ان عورت کي ڇڏڻ جي هام ڀري هئي. تڏهن هو ڪيئن نه تيزيءَ سان ڏسيل ان ويراني ۾ پهتو هو، جتي سفير جي خوبصورت زال هن زندگيءَ جي اهم خبر بڻجڻ کان سواءِ ئي هلي وئي هئي. هو ڪڏيون نه خوشيون کڻي اتي پهتو هو ۽ هن جون اهي خوشيون ڪيئن نه پاڻيءَ جي ڦوٽي جيان مختصر عمر جون ثابت ٿيون هيون. هو ناڪامي ۽ مايوسيءَ جو هڪ سوال بڻجي رهجي ويو هو، جڏهن ڪيس بڌايو ويو ته هن کان اڳ ئي ملڪ جي ڪافي اخبارن جا عيوضي پهتا هئا، جيڪي خبرون ناهي ۽ تصويرون وٺي هليا ويا هئا. هينئر ان هنڌ تي هاريل پاڻي، سگريٽن جا ٽوٽا ۽ ڪيمرا جا رنگ برنگي خالي ڪوڪا ٽڙيا پکڙيا پيا هئا، جيڪي جڻ ته ڪنهن شرارتي ٻار جيان هن جا ويچارا ڪيڏڻ لڳا هئا ۽ تڏهن هو سڌو ان بس ۾ اچي چڙهيو آهي، جا طوفان سبب ٻه پيرا روڊ تي ڪجھ لمحن لاءِ بيهي رهي آهي. طوفان جو زور ڪجھ ساعتن لاءِ جيئن ئي ٽٽي ٿو ته بس وري هلڻ لڳي ٿي.

هاڻي هن کي ور ور ڪري ايڊيٽر جا سخت جملا ياد اچڻ لڳن ٿا، جن ۾ هن جي تمام گهڻي بي عزتي ڪيل هوندي آهي. هو اندران ئي اندران ان غم کان ڪاچي رهيو آهي، ته ڪِرڙيءَ جي پيٽ جهڙي ڇهري وارو ايڊيٽر هن کي سخت لفظن ۾ تنبيهه ڪندو، ڪم چور چوندو، نا اهل چوندو ۽ پوءِ هن کي خاموشيءَ سان ڪنڌ جهڪائي ٻاهر اچڻو پوندو.

هو سوچي رهيو آهي ته جيڪڏهن هو ايڊيٽر کي پنهنجي ڪم سان متاثر ڪري نه سگهيو ته هڪ ڏينهن ڪنهن بگڙيل ڪارٽون جهڙو ڇهرو ڪڍي هو ٻاهر نڪري ايندو. ڪيس نوڪريءَ مان ٻاهر ڪڍيو ويندو. انهيءَ ڳالهه تي هن کي سخت رنج ٿيڻ لڳي ٿو. ڪجھ لمحن لاءِ هو پنهنجي پويان ويٺل شخص ڏانهن ڏسڻ لڳي ٿو، جو زور زور سان ڪنگهي رهيو آهي. هن جي زرد ڇهري ۽ ڦهريل ڪپڙن مان هو ڪنهن مِل جو مزدور ٿو لڳي. سندس وڌيل ڏاڙهيءَ جي ڪارن ۽ اڇن وارن تي ڪپھ جي دز ڇنبڙيل آهي.

سنهڙو صحافي مل جي انهيءَ مزدور مان نظرون ڪڍي بس جي آڏو واري شيشي ڏانهن ڏسي ٿو، جتي جيئن پوءِ تيئن طوفان جو زور وڌندڙ محسوس ٿئي ٿو.

اوچتو سست رفتار هلندڙ بس اندر ويٺل ماڻهن جي ڇهرن سان مٽيءَ جو هڪڙو واچوڙو ٽڪرائجي وڃي ٿو، تڏهن ويٺل سيئي ماڻهو منهن تي هٿ ڏئي مٽيءَ کان پاڻ کي بچائڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪن ٿا. پر هوا کي ڪو به روڪي نه ٿو سگهي. بس اندر ويٺل ماڻهن مٿان جيئن پوءِ تيئن مٽيءَ جو وسڪارو تيز ٿي وڃي ٿو. امالڪ بس جي ڦيٿن مان چرڙاٽ نڪرن ٿا. هڪدم بريڪ لڳڻ سبب ماڻهو پنهجي سيٽن تان اٿل ڪائي پاسي وارين درين سان ٽڪرائجي وڃن ٿا. هوا جي زوردار حملي سبب ورهين کان بيٺل هڪ جهونو وڻ رستي جي وچ ڏانهن ڪرڻ لڳي ٿو. هوا رڙيون ڪندي، سامهون ايندڙ هر شيءِ سان ٽڪرائيندي ايئن ڌوڪيندي پئي وڃي جڻ ته مچريل هاٿين جي وڏي اٽالي پنيان ڪي شڪاري ٻرندڙ اُماڙيون ڪڍي ڊوڙندا هجن. هوا جي شدت سبب ڪمزور ۽ سڪل وڻ پاڙن سوڌا اکڙجڻ لڳن ٿا.

پوئتي چڙهي آيل مسافرن جي ذهنن کان تيز ڊوڙندڙ هيءَ هوا لڳي ٿو جڻ ڪڏهن نه ختم ٿيڻ لاءِ ڌرتيءَ جي سيني تي لهي آئي هجي. تيزيءَ سان ڊوڙندڙ هوا جي لپيٽ ۾ هڪڙو ننڍڙو ڳوٺ اچي وڃي ٿو. هوا جي بي پناهه ڊوڙ سبب گهرن جا در، دريون ۽ ڪانن مان ٺاهيل پٽرون گڙڪي رهيون آهن. گهرن جا در زور زور سان کلي رهيا آهن ۽ ساڳي ئي زور سان بند ٿي رڙيون ڪري رهيا آهن.

هوا هڪ ڪچي گهر جي صفحي منجهان داخل ٿئي ٿي. گهر جا رهواسي ڪوٺيءَ ۾ رکيل ٻن کٽن تي خاموش ويٺل آهن. سيني جا منهن لٿل آهن. هڪ پوڙهو شخص،

جنهن جي ڳالهائڻ ڪري اڄن وارن سان جهنجهيل ڪاڏي ڏڪي رهي آهي، سو هيٺ جهڪي ڪٽ تي ستل ٻارڙي ڪي چمي ڏئي ٿو.

”مڙس تجانءِ شَبن....يَر سياڻي تائين......“ هن جو آواز شديد غم وچان قاسي پوي ٿو. ”صبح ٿيڻ ڏي شبن....اڙي وڏي ڪان وڏي ڊاڪٽر وٽ وني هلندو سانءِ.......تنهنجو علاج.....“

”پر بابا..........؟“ پوڙهي جي پر ۾ ويٺل اداس سنڌوءَ جهڙي اڪين واري ڇوڪري هڪ لمحي لاءِ چپ ڪولي ٿي ۽ وري ماٺ ٿي وڃي ٿي. پوءِ هوءَ پنجن سالن جي بيمار شبن ڏانهن فقط اٽڻ وچان ڏسڻ لڳي ٿي.

”پر چا.......؟“ پوڙهي ڪي ڏڪ سان ڳڏ ڪاوڙ اچي ٿي. هن جي اڄن وارن سان جهنجهيل ڪاڏي اندر جي ڪنهن اونهي عذاب ڪان وڏيڪ ڪنبڻ لڳي ٿي. عمر جي لڳل جهولن سبب ڪاراتجي ويل منهن ۾ رت مڙي اچيس ٿو. ”ويهه ورهيه اڳ جڏهن اُرڙيءَ مان بدلي هئينءَ.......تڏهن ڪير هو......جيڪو تنهنجي مٿان گهول ويندو هو.......ڪير پڳو هو حڪيمن ۽ ڊاڪٽرن ڏي.......“ هن ڪي ڪنگهه جو هڪ دورو پئجي وڃي ٿو. تڏهن هوا جو هڪ بي لغام جهوٽو اندر گهڙي اچي ٿو ۽ جاري ۾ رکيل لالٽين جي زرد روشنيءَ ۾ نظر ايندڙ ڏنڌلا ڏنڌلا چهرا اونده ۾ گم ٿي وڃن ٿا.

ننيڙي شبن جا ڊگها ڊگها ساه گهري اونده ۾ جاري آهن. ٽڪل ماٽڪين واري جهور پوڙهي سان عمر پر جو سات نيائيندڙ پوڙهي عورت جهٽ ۾ قرآن واري جاري ڏانهن وڏي وڃي ٿي. هوا جي زور سان صفحي جي درن جا طاق پاڻ ۾ ٽڪرائجي آواز پيدا ڪرڻ لڳن ٿا. هوا کي ڪو به روڪي نه ٿو سگهي......

هوا هڪ وڏي شور سان هڪ ڀئي گهر جي روشن دان مان اندر ڪاهي ٿي اچي.

”امان ..... او امان.......“ هڪ ٻارڙو هڪ نوجوان عورت جي چوليءَ کي پنهنجن پتڪڙن هٿن سان سٽون ڏئي ٿو. هن جو ڌيان دل جي ڪنهن ننيڙي خواهش ڏانهن ڇڪائي ٿو. هو ڏاڍو بيتاب نظر اچي ٿو.

”ائي امان ٻڌين نه ٿي .......؟“

”چاهي ......چا تي متو ٿو هٽين.....؟“ عورت چڙ ۾ چوي ٿي. ”ٻاهر ڏس ته سهي.......ڪيڏي نه غضب جي انڌاري آهي........اي رب منهنجا تون ٻاجه ڪر...........“ هوءَ گهبراهٽ وچان رب ڪان دعا گهري ٿي.

”امان.......اون.....اونهون.....جيجڙِي امان...... ٻڏنِي..........“ ٻار چلولائي سان چوي ٿو، ”امان ٻاهر وڃان......“

”اڙي..........اڙي لخ لعنت ٿئي............“ پوندو، جيڪو نفرت جي علامت آهي، ڪلي ٿو پر ان ۾ ٻه ٻار لاءِ ڪا ڌڪار ناهي.......ڪا نفرت ناهي......... ”اسان جا ٽا ڏوھ ڏکن ۽ هن چوري ڪي ڏس ته سهي، ڪيڏي نه هورا ڪورا آهي.......“ اوچتو ٻاهريون در زور زور سان ڪڙڪڻ لڳي ٿو ۽ ماءُ بي خيالي وچان چوي ٿي، ”وڃ ٻاهر ڏس شايد پڻهين آيو آهي.....“ ٻار خوشيءَ وچان ماءُ جي پر مان ٽپ ڏئي ٿو، ”تون ويھ ......... مان پاڻ ٿي وڃي ڏسانس..........“ ماءُ جي آواز سان خوشيءَ ۾ ٽمڪندڙ ننڍڙيون اکيون وري اداس ٿي وڃن ٿيون. ماءُ ٻاهر اچي ٿي هوا ۾ مليل ڌوڙ هن جي منهن ۾ زور سان لڳي ٿي ۽ انهيءَ لمحي در زور سان ڪلي وري بند ٿي وڃي ٿو. هوءَ زور زور سان ڪڙڪندڙ در بيهر بند ڪري اندر اچي ٿي ۽ لٽل منهن واري ٻارڙي کي هنج ۾ ڪٽي هن جي مٿي تي هٿ گهمائڻ لڳي ٿي. سندس دل ڪنهن اڻڄاتل خوف ڪان زور زور سان ڌڙڪڻ لڳي ٿي.

ٻارڙو وري هڪ نئين خواهش جي پورائي لاءِ ماءُ جي خوف پريل اکين ۾ ڏِپ ڪان بي نياز نظرون وجهي ٿو. ”امان.....“

”هون......“

”يلا ماني ڏي......“

خاموشي.....

”ڏي نه ماني........ نه ته مان ٻاهر ٿو وڃان.........“

ماءُ جي لهجي ۾ ممتا وارو پيار اوتجي اچي ٿو، ”ماني......ماني ڪوڙ پنهنجي بابلي کي..........“ مٿي تي هٿ گهمائي چمي ڏئيس ٿي. ”تورو ترس منا.........پڻهين سيڌو وني اجهو آيو.......۽ پوءِ............“ در وري ڪڙڪڻ لڳي ٿو. بي خياليءَ وچان ڳالهائڻ، ”ڏس شڪيل........هاڻي پڻهين ضرور آيو هوندو.........وڃ در کولينس.......“ ٻار وري ٽپ ڏئي ٿو. ماءُ جي آواز ۾ هڪدم خوف پرجي وڃي ٿو، ”نه ٻاهر نه وڃجانءِ...........ٻاهر سخت طوفان هلي رهيو آهي......ننڍڙين اکين ۾ مٽي پئجي ويندءِ....“ ٻار هڪ پيرو وري اداس ٿي ماءُ کي ٻاهر ويندو ڏسي ٿو. هوءَ ٻاهر اچي ٿي. پر در تي ڪو به موجود ناهي. امالڪ مٽيءَ جو هڪڙو تيز واچوڙو هن کي وکوڙي وڃي ٿو، هوا کي ڪو به روڪي نه ٿو سگهي.....

هوا ڪنهن پڳل بند مان نڪتل پاڻيءَ جيان هر شيءِ کي پنهنجي تيز وهڪري سان ڌوڪيندي پئي وڃي، ڌوڙ ئي ڌوڙ پکڙيل آهي هر طرف.........

هوا تيزيءَ سان هڪ بند ٿيل دروازي جي چير مان اندر گهڙي وڃي ٿي. سامهون بيزار بيزار چهرن وارا ڀاتي هڪٻئي ڏانهن تڪي رهيا آهن.

”نه ٿي گهرجي اهڙي مائٽي......“ هڪ نوجوان سٺ واري بلب جي روشنيءَ ۾ پنهنجي وڏي ڀيڻ سان مخاطب آهي، ”روز ڏس ته نيون ڳالهيون.....آخر ڇا سمجهيو اٿئون اسان کي......“

”آهستي ڳالهاءِ....... مان چوانءِ ٿي آهستي ڦاٽ......“ هڪ اڌڙ عمر واري عورت، جا کاڏيءَ تي هٿ رکي بيزار بيزار ويٺي هئي، اوچتو ڏند ڪرٽي ڳالهائڻ لڳي ٿي، ”ڏسين به سهي ٿو، ته وچ ۾ رڳو هڪ ڀت آهي......جي پريان ڪنهن ٻڌي ورتو ته ڪير وسائيندو ان مچ کي.....“

”تو ئي ته سيني جو نڪ ٻوڙيو آهي.....“ نوجوان سخت ڪاوڙ مان ماءُ ڏانهن نهاري چوي ٿو، ”رڳو ٻه ڏينهن جيڪڏهن زبان بند رکين ته قرآن جو قسم آ......اهي گيسيون پائيندا، در تي اچي آڻ مڃني ..... پر ڪير سمجهاءِ تو کي ...... ٿي پئي آن ماءُ ماتا نه ته .......“

”نهيو نهيو........جيڪا وري تو ۾ بردباري آهي........ان جي ٻه ڏيهه کي خبر آهي.......اڙي ڪير ويو هو ناس پتو ٻوڙي شاهوءَ کي ايلاز ڪرڻ ..... ڪنهن ٻانهون ٻڌي پٽڪا ميڙ ڪئي هئس ...... مان يا تو.....“

”ڪير ٿو چوي ..... ظاهر ڪرينس ته ڪيانس ته آندا........“

”بڪ نه ڪر بيهودا........“ ورانڊي ۾ رکيل کٽ تي آهليل پيلي چهري وارو بيمار شخص اٿي ٿو.

”تون آن بيهودو ....... “ نوجوان جو نئون رت جوش ۾ اچي وڃي ٿو.

”اڙي...........“ بيمار چهري وارو وڏو ڀاءُ ٿڙندڙ قدمن سان وڃي لٺ کڻي ٿو.

”او ابا.......“

”او ادا....... ٻيلي خدا جو واسطو اٿئي ..........“ گهر جون پريشان عورتون ٻن حصن ۾ ورهائجي وڃن ٿيون.

طوفان نہ صرف پنھنجي آڏو ايندڙ ھر شيءِ کي ڏاھيندو اڳتي ڌوڪيندو پيو وڃي، پر ڌرتيءَ تي رھندڙ ماڻھن جي رشتن جون ديوارون بہ ان طوفان ۾ ڪري رھيون آھن. ڏھي رھيون آھن ۽ ھوا کي ڪو بہ روڪي نہ ٿو سگھي......

ھوا جي ارڙاٽ سبب ڳوٺ جي خاموش گھٽين ۾ گھرن مان رڙين جون صدائون بلند ٿيڻ لڳن ٿيون، ٻارن ۽ عورتن جون آسمان جي سيني ڏانھن ويندڙ آھون ۽ دانھون جاري آھن ۽ ھوا مچريل ھاٿين جي ٽولي جيان سيڪجھ لتاڙيندي پئي اچي. ھن جي بي رحم حملي سبب ڪچن گھرن جون ڇتيون رڙيون ڪرڻ لڳن ٿيون. بجليءَ جا ٿنڀا ڌرتيءَ جي سيني تان اٿيل مٽيءَ جي طوفان ۾ زور زور سان لڏڻ لڳن ٿا. گھرن ۾ بيٺل وڻ ڌرتيءَ ڏانھن نوڙي گھرن ۾ رھندڙن تي موت جھڙي ھيبت طاري ڪن ٿا. ماڻھو ٻي واھ نہ ڏسي قرآن شريف کڻي ويھن ٿا.

ھڪ گھر ۾ بيٺل ڪجيءَ جو پراڻو وڻ وڏي نڪاءَ سان ڪري ٿو. گھر ۾ رھندڙ ھڪ ماءُ جي ھنج ۾ جھليل ٻار طوفان جي ان ڏاڍ کي آخري پيرو ڏسي ٿو. زخمي ماءُ چرين جيان رڙيون ڪرڻ لڳي ٿي. اوچتو انسانن ۽ بي جان قوتن جي وچ ۾ مھاڀاري جنگ شروع ٿي وڃي ٿي. ھڪ ڪکائين گھر جي مٿان بيٺل طاقتور پول ھوا جي آڏو ڪمزور ٿجي وڃي ٿو ۽ ڌڙام ڪري ٻن گھرن مٿان ڪري ٿو ۽ تڏھن گھر ۾ ماڻھن جا ھراسيل ڪيئي آواز گونجن ٿا. انساني زندگيءَ آڏو موت جو رقص شروع ٿي وڃي ٿو. اليڪٽرڪ تارن جي وجود مان اٿيل باھ جا اُلا چوطرف ڦھليل ڪانن ۾ باھ جو ھڪ سمنڊ پکيڙي ڇڏين ٿا. لمحن جي وچوٽيءَ ۾ ھيڏو سارو ڳوٺ باھ جي پيپ ۾ اچي وڃي ٿو، گھر گھر ۾ قيامت جو دونھو لھي اچي ٿو، دونھي جي وچ ۾ گھٽيل، دانھون ۽ باھ جي ڄر ۾ سڙندڙ ماڻھن جون خوفناڪ رڙيون ۽ ڪوڪون.

سڙندڙ ڳوٺ کان پريان روڊ جي سيني تي بس جي ڦيٿن مان بريڪ لڳڻ ڪري چرڙاٽ ٿئي ٿو. ڊرائيور بس جي گرم ٿيل مشين کي ڪجھ لمحن لاءِ بند ڪري ٿو. بس ۾ ويٺل ماڻھو ڇھرن تي عجيب عجيب ڀاوَ آڻي سڙندڙ ڳوٺ مان اٿيل دونھي ڏانھن ڏسڻ لڳن ٿا. جنھن ۾ انساني جسمن جي سڙاند ڦھلجي وئي آھي. سيٽن جي پرسان ٺاھيل شيشن وارين درين مان ماڻھو منڍيون ٻاھر ڪڍي انسانن ۽ باھ جي وچ ۾ ڇڙيل ڇتي ويڙھ متعلق ڳالھيون ڪن ٿا.

”ھيءَ باھ ڳوٺ جي ھر فرد کي ساڙي رک ڪري ڇڏيندي........“ فلاپ ايڪٽر ھڪ ماڻھوءَ جي ڪلھي ۾ ھٿ وجھي پنھنجي ڳالھ جاري رکي ٿو، ”تو ٽاورنگ انفرنو فلم ڏٺي ھئي.......؟“

بس جي وچ ۾ مسافرن جي رکيل سامان ۾ قاتل سنھڙو صحافي اوچتو چرڪ پري ٿو. ڏور سڙندڙ ڳوٺ مان ماڻھن جون رڙيون اجا بہ تيز ٿي وڃن ٿيون. صحافي پنھنجي

سنهڙي ٻچيءَ ۾ لڙڪيل وزني ڪيميرا ڏانهن ڏسي ٿو. هن کي لڳي ٿو ته هو جنهن خير لاءِ هڪ عرصي کان پٽڪيو آهي. اها هن کي انهيءَ سڙندڙ ڳوٺ مان ضرور ملي ويندي.

ڊرائيور گاڏي اسٽارٽ ڪري ٿو. ان مهل سنهڙو صحافي بي ترتيبيءَ سان ٽڙيل پکڙيل سامان مان پاڻ کڻي ڊرائيور جي سيٽ ڏانهن وڌي وڃي ٿو. ڊرائيور گيئر بدلائڻ لاءِ هٿ کي حرڪت ۾ آڻي، بس ۾ ويٺل ماڻهن جي چپ ۾ معلوم ڪرڻ واري پنهنجي مٿان لڳل آئيني ۾ ڏسي ٿو. صحافي ڊرائيور سان مخاطب ٿئي ٿو، ”استاد!.......ڪجهه گهڙين لاءِ گاڏي روڪيو.“

هڪ پل لاءِ ڊرائيور ڪو به جواب نه سوچي هن ڏانهن ڏسي ٿو.

”ڇا استاد !..............توهان گاڏي روڪي نه ٿا سگهو.“

”پر ڇو روڪجي بابا............!“

سڙندڙ ڳوٺ مان ماڻهن جون دانهون ۽ ڪوڪون اڃڻ جاري آهن. هراس ۽ دهشت ۾ ٻڏل آواز هوا سان شامل ٿي بس ۾ ويٺل ماڻهن جي ذهنن سان ٽڪرائجي رهيا آهن.

”انهن ماڻهن لاءِ.....استاد!......انهن ماڻهن لاءِ........“

ڊرائيور بدران فرنٽ سيٽ تي ويٺل هڪ شخص ڳالهائي ٿو، ”انهن سان همدردي ڪرڻ جو تو واهه جو ڏڦ ورتو آ......يعني روزي رکڻ جو شوق هجي توکي ۽ احترام ۾ پاڻي ۽ ماني وري اسان جو بند ٿئي......“

هو ان ماڻهوءَ کي جواب نه ٿو ڏئي. ڊرائيور سان ڳالهائي ٿو، ”استاد!............ مان هڪ اخبار جو صحافي آهيان .......اها ڳالهه منهنجي ذميوارين ۾ شامل آهي ته مان انهن بي پهچ ماڻهن جون تصويرون ڇڪي حڪومت جو ڌيان انهن جي تباهيءَ ڏانهن ڇڪرايان .......همدرديون پيدا ڪريان .......استاد! هي هڪ انساني مسئلو آهي ......ڪجهه منٽن لاءِ استاد......رڳو ڪجهه منٽن لاءِ گاڏيءَ کي بيهاريو.......“

بس ۾ ويٺل ماڻهو، بس کي هلائڻ لاءِ ”ڊبل ڊبل“ چئي درين کي ڌڪ هڻن ٿا. ڏسندي ڏسندي بس اندر هڪ شور وڌي وڃي ٿو. جنهن ۾ سنهڙي صحافي جو آواز دٻجي وڃي ٿو، هو اڪيلو رهجي وڃي ٿو ۽ ان اڪيلائي جي احساس سبب هو ڏاڍو ڪڪو ڪو ٿي وڃي ٿو.

گاڏيءَ جي انجڻ مان ڪَلچ تي پير جي دٻاءُ سبب ڪجھ آواز نڪرن ٿا. اوچتو ڊرائيور ڪجھ سوچي ڪَلچ تان پير هٽائي گاڏي بند ڪري ڇڏي ٿو، ”نيڪ آهي........تون وڃ.....“

گاڏي بند ٿيڻ سان گاڏيءَ ۾ شور وڌي وڃي ٿو.

”گاڏي نہ هلندي........“ ڊرائيور پنهنجي سيٽ تان اٿي ٿو. ”هي صحافي جيستائين نہ موٽندو ...... گاڏي نہ هلندي.......“ هو پنهنجو فيصلو وينلن تي مڙهي ٿو.

ڊرائيور جو بدليل لهجو ڏسي مجبور ٿي ماٺهو آهستي آهستي خاموشي اختيار ڪن ٿا، پر آخري سيٽ تي وينل ٿي فيشن ايبل نوجوان ساڳيءَ طرح ”ڊبل اي....ڊبل اي....“ چوندا رهن ٿا. انهن جي گوڙ جو ڊرائيور مٿان ڪو بہ اثر نہ ٿو ٿئي. هو صحافيءَ سان گڏ هيٺ لهي اچي ٿو.

”اچڻ جي جلدي ڪجانءِ......هتي جو حال ڏسيو ٿو وڃي.......“

صحافي شڪر گذار نظرن سان سندس ٿورو مڃي ٿو ۽ پوءِ سڙندڙ ڳوٺ ڏانهن وڌڻ لڳي ٿو. هن جي ڇهري تي اهڙو نهر ڦهليل آهي، جهڙو ڪنهن وڏي پهاڙ ڪي سر ڪندڙ اڳواڻ جي ڇهري تي هوندو آهي. هو انهيءَ پهاڙ ڪي سر ڪرڻ لاءِ چند وکن جي فاصلي تي پهچي وڃي ٿو. باھ ۽ طوفان جي حملي هيٺ پيڙجندڙ ماڻهن جون رڙيون ۽ دانهون ٻڌندو هو هڪ گهر جي آڏو بيهي رهي ٿو. باھ جي جسم سان ساڙيندڙ ڄر سبب هن جي ڇهري تي ڪجھ ڪنن لاءِ ايذاءَ جا گهنج پئجي وڃن ٿا، پر پوءِ جڏهن هڪ جهور پوڙهو ڇرين جيان هڪ پاسي کان ٻئي پاسي ڏانهن ڊوڙڻ لڳي ٿو، تڏهن صحافيءَ جي ڇهري تي باھ جي تپش کان وڌيڪ ان ڳالھ جي ڪري ڳڻتي ظاهر ٿئي ٿي تہ هو، ان بدحواس پوڙهي کي ڪنهن ريت ڪيميرا جي زد ۾ آڻي سگهي. پوڙهو ٻاٽليون ڪٽي ڊوڙندڙ ماڻهن جي آڏو ليلائيندو رهي ٿو، ”اڙي منهنجو بيمار شبن .....اڙي منهنجي شبن کي ڪو بچائي.....“ اوچتو هڪ لمحو اهڙو بہ اچي ٿو، جڏهن اهو پوڙهو ماڻهن آڏو آزي نيزاري ڪرڻ بجاءِ سڙندڙ گهر ۾ ڪاهي پوي ٿو، پر هو جيئن ئي ابهرائيءَ مان وڌي ٿو تہ هن جي اڳيان ڪريل بجليءَ جون ننگيون تارون هن جو دڳ روڪي ڇڏين ٿيون. ماڻهن جي رڙين ۽ دانهن ۾ هڪ وڏي دانهن جو اضافو ٿئي ٿو ۽ هو انهن خوني تارن مٿان ڦٿڪڻ لڳي ٿو. ڦٿڪندڙ پوڙهو ”ڪلڪ“ ڪري ڪيميرا ۾ محفوظ ٿي وڃي ٿو.

صحافي پريان کان نظر ايندڙ هڪ نوجوان عورت ڏانهن ڏسي ٿو، جا ڌرتيءَ تي پلٽي ماري پار ڪڍي روئي رهي آهي. صحافي هن ڏانهن وڌي وڃي ٿو ۽ پوءِ خبر ناهي الائي ڪهڙي جذبي کان ان روئيندڙ عورت جو فوٽو ڪڍي ٿو.

صحافي هڪڙي سڙندڙ جهڳيءَ ڏانهن وڌي وڃي ٿو، جتي ماڻهو مشين واري چر پر سان پاڻيءَ جون ٻاٽليون هاري رهيا آهن. انهن ماڻهن کان پرڀرو هڪ ننڍڙو ٻار، جو شايد پنهنجي ماءُ جي چولي کي پنهنجن پتڪڙن هٿن سان سٽون ڏيڻ ٿو چاهي، جو باهه ۽ طوفان جي هن ڏاڍ ڏانهن پنهنجي ماءُ جو ڌيان ڇڪائڻ ٿو چاهي، ڏاڍي بيوسيءَ وچان روئي رهيو آهي. زنجيرن جهڙو مضبوط رشتو ڪڙيون ڪڙيون ٿي انهيءَ جهڳيءَ ۾ سڙي رهيو آهي ۽ ٻار انهيءَ ڏاڍ خلاف دانهون ڪري رهيو آهي. انهيءَ ٻارڙي اوچتو ڪيميرا جي وات مان ”ڪلڪ“ جو آواز ٻڌي ورتو آهي ۽ الائي ڪهڙي ڳالهه کان هراسجي ماڻهن ۽ باهه جي شور کان دور ڀڄڻ لڳو آهي.

ماڻهو جيئن پوءِ تيئن انهيءَ بي قابو ٿيندڙ باهه مٿان بالٽيون پاڻيءَ جون هاري رهيا آهن. باهه جو دوزخ هوا جي زور تي هڪ گهر کان ٻئي گهر ڏانهن ڦهلجي رهيو آهي.

ماڻهن سان گڏ گهرن ۾ رهندڙ چوپايو مال به دانهون ڪندي بدحواسيءَ ۾ ڊوڙندي نظر اچي ٿو، صحافي هڪ ماڻهوءَ کان باهه جو سبب معلوم ڪرڻ لاءِ هن کي روڪڻ ٿو چاهي. پر اهو ماڻهو بيهڻ بدران زري گهٽ هن کي ڪيريندو هڪ پاسي ڊوڙي وڃي ٿو. هو پاڻ سنپالي هڪ ٻئي شخص ڏانهن وڌي وڃي ٿو، جنهن جو گهر مڪمل طور تي باهه جو ڪاج ٻڻجي ويو آهي ۽ هو اڌ بچيل سامان ڏانهن ڏک ۽ اچرج ۾ ڏسي رهيو آهي.

صحافي ان شخص کان به سبب معلوم ڪري نه ٿو سگهي ۽ ان کي به غمن جي غفائن ۾ اڪيلو ڇڏي اڳيان وڌي ٿو اچي.

رستي تي بيٺل بس جو هارن زور زور سان صحافيءَ کي سڏڻ لڳي ٿو. جواب ۾ هو هڪ اگهاڙي گار بس ڏانهن منهن ڪري ڪڍي ٿو ۽ پوءِ هڪ پريشان عورت ڏانهن وڌي وڃي ٿو، جنهن جي گهر جي هر شيءِ سڙي وئي آهي، هوءَ فقط هٿن ۾ جهليل قرآن شريف بچائي سگهي آهي.

”ڪلڪ“.

صحافي ڪيميرا هٿن ۾ لڙڪائي هڪ ٽڪل اکين واري پوڙهي عورت ڏانهن وڌي وڃي ٿو، جا بنا ڪنهن روج راڙي جي باهه ۾ سڙندڙ گهر ڏانهن خالي خالي نظرن سان ڏسي رهي آهي. هوءَ موهن جي دڙي جي اسٽوپا جيان اداس بيٺي آهي. صحافيءَ کي پهريون ڀيرو ان ساڪت ٿيل پوڙهي عورت مٿان حيرت ٿيڻ لڳي ٿي، جنهن جي گهر جي هر شيءِ سڙي رهي آهي، پر هوءَ ان تي ڪا دانهن نه ٿي ڪري. صحافي هن جي بلڪل ويجهو اچي وڃي ٿو، ”امڙ ..... اهو ٻڌائيندينءَ ته هيءَ باهه ڪيئن لڳي.....؟“

....... خاموشي.

”امڙ! ...... هي سڀ ڪجهه ڪيئن ٿيو .... ؟“

پوڙهيءَ جا پهريان چپ لڏن ٿا ۽ پوءِ ڪاڏي. اکين ۾ پريل ٻه هوڙها ليڪا ٺاهي هن جي گهنجن واري چهري ۾ لڙي پون ٿا. پوڙهي ٿَتَل لهجي ۾ چوي ٿي، ”بجليءَ جي ٿنڀي هي پيڙ ٻاريو آ ابا ...... بجليءَ جي ٿنڀي......!“ ڪجهه لمحن لاءِ ان گهر ڏانهن خالي نظرن سان گهوري هوءَ واري خاموش ٿي وڃي ٿي.

صحافي مڪمل خبر وٺڻ لاءِ ان عورت کي کولڻ چاهي ٿو، ”امڙ! تون اهو ٻڌائيندينءَ ته تنهنجو هن گهر ۾ ڇا ڇا سڙيو آهي.....؟“

پوڙهي چپ پيڪوڙي ڪنڌ جي اشاري سان ننهڪر ڪري ٿي ۽ پوءِ اوچتو جڻ ته ٻرندڙ جبل ڦاٽي پوي ٿو. هوءَ رنيون ڪري رو؟ن لڳي ٿي. صحافيءَ کي معلوم ٿي نه ٿو سگهي ته اها عورت حل نه ٿيندڙ مئٿميٽڪ جي سوال جيان ڇو ٿي وئي آهي. هو ان کي ساڳئي حال ۾ ڇڏي سامهون واري گهر ڏانهن وڌي وڃي ٿو، جنهن جي ڊهي ويل ديوار پرسان هڪ نوجوان بيهوش پيو آهي. صحافي ڪيميرا سنڀالي ٿو.

”ڪلڪ“. بس هڪ دفعو وري زور زور سان هارن ڏئي ٿي ۽ ٻُو تيزيءَ سان رستي جي سيني مٿان ڊوڙڻ لڳي ٿي. صحافي حيران ۽ پريشان ڊوڙندڙ آخري بس پنِان هٿ لوڏي ڊوڙڻ لڳي ٿو، پر بس بيهي نه ٿي، ويندي رهي ٿي.

هو شهر ڏانهن ويندڙ روڊ ۽ سڙندڙ ڳوٺ جي وچ واري حصي تي پهچي ويو آهي. ڳوٺ مان ماڻهن جون وحشتن ۾ ٻڏل دانهون ۽ ڪوڪون اجا به جاري آهن. جاين جي ڪرڻ جا آواز ۽ ماڻهن جو شور اجا پڙاڏجي رهيو آهي، پر هاڻ صحافيءَ کي انهن آوازن سان ڪا دلچسپي نه رهي آهي. هن کي ان ڳالهه جو فڪر آهي ته هن جي هيءَ خبر به هن کان اڳ ئي ”فليش اپ“ ٿي ويندي.

# اوندهہ پٽيان سوجهرو

هو پٽيوالو هو، گهٽتائي جو احساس ڪٽي هلندڙ پٽيوالو، سڄو ڏينهن هلندو، رلندو، هڪ ٽيبل کان ٻي ٽيبل تائين ڊڪندو الہ دين جي جن وانگر ڪم پيو ڪندو. ٽڪجي پوندو، سهڪندو تہ متس ڪو کهل نہ ڪائيندو.

”شدن هيڏانهن اچجانءِ.“

”شدن پنا تہ ڪٽي ڏي.“

”شدن پاٽي تہ پيارجانءِ.“

”شدن هي ڪم ڪري آءُ.“

۽ شدن اسٽول تان هيٺ لهندو. مشيني انداز ۾ سڀ ڪم ڪري ڏيکاريندو. سدائين حڪم جو منتظر.

ڏينهن گذرندو رات ايندي، هو اڪيلو ٿيندو تہ اڪيلي ڪوٺيءَ ۾ پيو ڇت جا ڪانا ڳڻيندو. ڪو بہ حال اوريندڙ ڪو نہ، ڪو بہ راز سٽندڙ ڪو نہ، سيڪو، پنهنجيءَ ۾ پورو، شدن ڇت ۾ ڪانا پيو ڳڻيندو.

شدن جڏهن ڳوٺ ۾ هيو تڏهن بہ ساڳيو ئي حال هيس. پڻس پوڙهو ضعيف. سڄ لٿي پيو ڪنگهندو، پيو ڪنجهندو. ساٽا هڏا هلڻ کان هلاڪ، سدائين بيمار، نتيجي ۾ شدن ڍورن جيان ڳهندڙ.

گهر ۾ اٽپوري ۽ زري گهٽ بيروزگاري. هڪ ڏينهن مزدوري لڳيس تہ ٻي ڏينهن نڪمٽائي، لنگهڻ، جانورن جهڙي حياتي. ان حياتيءَ مان نڪرڻ جا هميشہ جتن ڪيائين.

ننڍي لاڪر ٻڪرين سان ويندي، ٻارن کان اسڪول جون ڳالهيون ٻڌائين. شوق وڌيس تہ پيءُ متان ظاهر ڪيائين. پڻس ڏاڍو ڪاوڙيو. مثال ڏنائين، ابي ڏاڏي جا مثال. پنهنجا مثال. پر هو ضد تان لهي ئي ڪو نہ. ”ابا مان اسڪول ويندس.“ اڪين مان لڙڪ وهي هليس. بس ئي نہ ڪري. وڏن حيلن کان پوءِ پڻس مڃيو.

پوءِ صبح جو اسڪول، منجهند جو گاهہ پنو، شام جو مال جي لاءِ ڪُتر ۽ رات ٿيندي تہ ماستر جا ٻڌايل شهري قصا ۽ ريل گاڏيون، ڪارون ۽ موٽرون خوابن ۾ ڏسڻ لڳندو.

ڳوناٽي شدن نيٺ پنج درجا پاس ڪيا. ماڻس خوش ٿي. پڻس جو چهرو ڪومائجي ويو. پيءُ ڪي پٺ ايلاز ڪيا، ڏوراپا ڏنا، ”بابا مان ماستر ٿيندس.“

پڻس تري ئي هڪ هنئي، ”ڪٿي آ ايڏي سگهه جو توکي وڌيڪ پڙهايان. مون جيڏو قد اچي ٿيو اٿئي،، ڪجهه احساس ڪر، تون به ساٿ نه ڏيندين ته شريڪن کي ڪسوٽو ايندو ڇا؟“

شدن وڃي ڪوڏر ڪنئي. ڳوٺ ۾ ئي ڪڏهن بيگر، ڪڏهن ڪاتي، ته ڪڏهن مزدوري تي هارپو، پڻس چار پيسا ڏسندو ته اول گهول ويندس. دعائون پيو ڏيندس.

هڪ ڏينهن ماڻهس هڪ نئين ڳالهه ڪري ويئي. پيڻس کن ۾ سس پس ڪئي ته ٽڙي پيو. خواب جاڳي پيس. ننڍپڻ ياد آيس.

جڏهن ننڍو هو، اباڻڪو ٿيندو هو ته زينيءَ جي گهر وڃي زينيءَ سان راند ڪندو هو. ڪڏهن اڪبوٽ ته ڪڏهن گڏين راند. ”هي گڏي ساهرين گهر ۾ ڏاڍي ڏکي آهي.“ ننڍڙي زينيءَ ڳالهايو، ”سس ڏاڻ ڏاڍو ٿي وڙهيس.“

”مان نونشو هٽي هن جا ڏند پيچي ڇڏيندس.“ هن جو هٿ امالڪ هڪ پوڙهي گڏيءَ ڏانهن ڪچي ويو.

”اڙي اڙي ايڏو نه مارينس، مري ويندي. بس بس، توبهه ٿي ڪري. هاڻي ڇڏينس.“ پوءِ ٺهڪڙا ٺهڪن ۾. پڇيائين، ”هيءَ گڏي توکي ڪيئن ٿي لڳي؟“

ڪنوار گڏيءَ کي هٿ ۾ ڪٽي ٿورو لڄارو ٿي وراڻيائين، ”ڏاڍي سني.“

زينيءَ سان شاديءَ جي ڳالهه پڪي ٿي شدن کي ائين لڳو ڄڻ ٽنهڻ اس ۾ ٽڪجي ٽٽي ڪنهن گهاٽي وڻ جي ڇانو ۾ اچي ليٽيو هجي.

هاڻ هو ڪم ڪندي ڪلام پيو جهونگاريندو. شام جو تيل سرما ڪري ڳوٺ جي هوٽل تي وڃي جلال چانڊئي کي ٻڌندو ته هنيانءُ ٺري پوندس.

شادي ٿيس ته ڪٿو نه ٿي ماپيو، پهريان ڏينهن ڏاڍو خوش ٿي گذاريائين، پر پوءِ ستت ئي مينهن جي ڪنييءَ جيان اجڙ ٿي ويو، اڳي چار ڀاتي، هاڻ زيني به شامل. گهر ۾ اٽپوري. نفسا نفسي. ڪڏهن وڏيري جي بيگر، ڪڏهن ڏهاڙي نه ملڻ جي توائي. گهر ۾ لنگهڻ. پڻس هر وقت پيو ڪنگهندو. پيو ڪنجهندو. شدن ڳوٺ ڇڏي شهر هليو آيو. شهر جا رستا ويڪرا، ماڻهو اوپرا، شدن پريشان، هڪ ڪنڊ ڪان ٻي ڪنڊ تائين ايندو ويندو رهيو، پر ڪٿي به روزگار ملي نه سگهيس. هو هشام ماڻهن جي وچ ۾ بيئل نا

اميد، مايوس ۾ بدليو، ته اوچتو شهري قصن ۾ ڪهاڻين ٻڌائڻ وارو پوڙهو ماستر ملي ويس. شدن پيرن تي ڪري پيس. هن ڪيس ڪٽي ڳلي سان لاتو، حال احوال ٿيا. ڳوٺ جون ڳالهيون، اسڪول جون سارو ٽيون، شدن پنهنجي در بدر ڀٽڪڻ جو ذڪر ڪيس ته ماستر پني نپيس. شدن کي ساهه پئجي ويو.

ٻئي ڏينهن هڪ آفيس ۾ شدن پٽيوالي جي جاءِ حاصل ڪري ورتي. پوڙهي ماستر جي پيرن ۾ ويهي هن جا احسان مڃيائين. ماستر آفيسر جا احسان مڃيا. خوشيءَ ۾ شدن روئي پيو.

گهر وارن ڏانهن خط لکيائين. هاڻ هو ڏاڍو خوش هو. روز روز جي ڏچن مان نجات ملي ويس. نوڪريءَ لڳ ئي ناري چڙيس. پهرين پگهار ورتائين ته هٿ ڏڪيس، دل ڌڙڪيس. اکين ۾ خوشيءَ جي چمڪ هن جي اندر کي ظاهر ڪرڻ لڳي.

پر اها خوشي به چند ڏينهن جي ثابت ٿي. پوءِ ساڳي ئي هڪجهڙائي. ساڳي بيگر. گهر کان دور، زينيءَ کان دور، سڄو ڏينهن هلندو، رلندو، هڪ ٽيبل کان ٻي ٽيبل تائين ڊڪندو. الا دين جي جن وانگر ڪم پيو ڪندو. ٿڪجي پوندو، سهڪندو ته مٿس ڪو ڪهل نه ڪائيندو. ڏينهن گذرندو، رات ايندي، هو اڪيلو ٿيندو ته اڪيلي ڪونيءَ ۾ پيو چت جا ڪانا ڳڻيندو. ڪو به حال اوريندڙ ڪو نه، ڪو به راز سٽندڙ ڪو نه. سڀڪو پنهنجيءَ ۾ پورو شدن چت ۾ ڪانا ۾ پيو ڳڻيندو.

هڪ ڏينهن صاحب گهرايس. پر ۾ بيهڻ لاءِ چيائينس ته شدن حيران، ڳوناٽي ابوجهائي سان چرڪي ويجهو ويس.

”هتي ڪڏهن کان آيو آهين؟“ صاحب پڇيس.

”ڏيڍ سال کن ٿيندو.“

”رهين ڪٿي؟“

شدن ڳوٺ جو نالو ٻڌايس.

”منهنجو مطلب آهي ته هن وقت ڪٿي ٿو رهين؟“

”سائين جن جي پر ۾ انين نمبر ڪوارٽر ۾ رهان ٿو.“

”شام جاءِ تي اچجانءِ، تو ۾ ڪم پيو آ. ڪم ڪندين ته توسان دوستي رکبي.“

شدن هاڪار ڪري ٻاهر نڪري آيو. خوشيءَ ۾ نه ٿي ماپيو. چال ڦري ويس. ٻانهن ٿي لڳس. صاحب جو هٿ پانيائين ڇڻ ته آفيس سپريٽنڊنٽ ٿي ويو هجي.

شام ٿي ته صاهب جي بنگلي تي ويو. ساڳي ئي لوڏ، ساڳي ئي رڳ رڳ ۾ خوشي ڊوڙندڙ، ساڳيو ئي اکين ۾ خوشيءَ جو چمڪو.

صاحب ويهڻ لاءِ چيس. هو گلم تي هيٺ ويهي رهيو. صاحب مٿي صوفي تي وجي وينو ته اعتبار ئي نه ٿي آيس.

صاحب سگريٽ جو ڪش هنيو. دونهون ور وڪڙ کائيندو نيرن پروئن سان ٽڪرائجڻ لڳو.

شدن چپ دل سيني اندر اڇلون ڏيندڙ. ڌڪ ڌڪ جو تيز آواز.

”ڪنهن آفيسر سان اڳ ويجهو ٿيو آهين؟“

نهڪر ۾ ڪنڌ لوڏيائين.

”منهنجي دوستي ته قبوليندين نه؟“

شدن جي اکين ۾ ساڳيو چمڪو. جسم ۾ ساڳي لرزش، جهڙي پڳهار وٺڻ واري پهرين ڏينهن ٿي هيس. ڳيت ڏئي هاڪار ڪيائين.

”توکي پنهنجي پير ۾ ويهاري مون دوستيءَ جي ابتدا ڪئي آهي. هاڻ نيائڻ تنهنجو ڪم آهي.“

خوشيءَ ۾ شدن جا چپ ڪنبڻ لڳا. سيني ۾ دل اڇلون ڏيڻ لڳس. پانيائين ته دل ٻاهر نڪري ايندي.

صاحب وري ڳالهايو، ”معنيٰ ته دوستي پڪي، ڪيئن؟“

ڳونگاٽو شدن چيا ڳالهائي. مِڻ مِڻ. بي مطلب لفظ. جيئن آيس اوئين صاحب جو ٿورو مڃيائين.

اٺڻ مهل صاحب ڪجهه چيس. شدن جو منهن ٽامٽي هٽي ويو. ڳونگاٽي غيرت پڙڪو ڏئي جاڳي پيس. منهن ۾ شور، اکين ۾ ڪروڌ، ڪجهه به ڳالهائڻ بنا اونداهي ڪوارٽر ۾ هليو آيو.

سڄي رات اڻ تڻ، بي چيني، ننڊ ڪوهين ڏور، اندر ۾ سڙڻ، پڇرڻ، لڇڻ، ڄڻ ته ڪنهن تيلي ٻاري بارود جي ڍير کي باهه ڏني هجي.

پوءِ فيصلو ڪيائين ته نوڪري ڇڏي ڏيندس.

تڏهن اونادهي ڪونيءَ ۾ پٽس جو چهرو اڀري آيو ضعيف هڏائون پڃرو، لڪ ساٽا، هر وقت شڪايت ڪندڙ. تڏهن هڪ ٻيو چهرو به پٽس جي پر ۾ اڀي بيٺو جو هن جو پنهنجو چهرو هو. ڪوڏر هٿ ۾ ٻيگر، بيروزگاري، اٽپوري، ۽ زيني اڳيان مايوسيءَ منجهان لڙڪ وهائيندڙ چهرو.

”ڇا ڪريان؟“ پنهنجو پاڻ سان وڙهڻ لڳو.

”ڇوڻ مڃانس؟ بيغيرت ٿيان!..........ڪمايان، ڇا ڪريان؟“

صبح جو شدن جو ڪنڌ جهڪيل. اکيون ڏرا ڏنل، ڀانءِ ته سڄي رات ڪنهن جنگ جي محاذ تي لڙي آيو هجي. ٿڪل قدمن سان آفيس ۾ داخل ٿيو. صاحب گهرايس. انڪار نه ڪيائين. صاحب هڪ سو روپيه انعام طور ڏنس.

شدن سڄو ڏينهن چپ رهيو. گم سم، خاموش. ڪنهن سان ٻه نه ڳالهايائين. ڪم سان ڪم. ڪيس سدائين دڙڪا ڏيندڙ، رهڙ ڏئي ڳالهائيندڙ آفيس سپريٽينڊنٽ الائي ڪهڙي جذبي تحت مٿس راضي ٿي پيو. خاموشيءَ جو سبب پڇيائين، پر شدن ڇا ٻڌائي. همدردي ڪندڙ ان رُکي شخص کي ڇا ٻڌائي ته هن جي اندر ۾ ڇا هي، بهانو بٽائي ويو.

ستين بڄي صاحب جي بنگلي تي وڃڻ لڳو. هيڏانهن هوڏانهن ڏسندو. پاڻ بچائيندو ڄڻ ته ڪا چوري ڪري رهيو هجي. ڪيترا ڀيرا اڳ ۾ ڏٺل صاحب جو بنگلو ڏاڍو اوپرو پئي لڳس.

بيل جي بٽڻ تي هٿ رکيائين. ٻي پاسي ڪان گهنڊڙين جهڙو آواز گونجيو. چوڪيدار در کوليو. شدن هڪ ٻڪو تي بيهي رهيو. هو ڪجهه چوي ئي چوي، پريان صاحب ظاهر ٿيو. هو ويجهو آيو. چوڪيدار کي موڪل ڏئي هن کي پاڻ سان اندر وٺي آيو. چوڪيدار جي سامهون ٿيڻ ڪري دل ۾ لڪل چوريءَ سبب پريشان ٿي ويو. ڳالهائڻ لاءِ لفظ نه ٿي اکليس.

صاحب مرڪيو. شدن ڦڪو ڪليو. پوءِ ٻنهيءَ جي وچ ۾ اجايون سڄايون ڳالهيون هليون، اوچتو صاحب مقصد جي ڳالهه ڪيس ۽ هو ٻاهر نڪري آيو.

روڊ تي ٽريفڪ جي اچ وڃ جاري هئي. ڪيترائي رڪشا آيا ويا پئي. ڪيترن رڪشن ۾ شرافت جي چادر اوڙهي شريف زاديون آيون ويون پئي. هڪ رڪشو جيڪو پريان ڪان ئي جهڪي رفتار ۾ پئي آيو سو هلندو مين گيٽ آڏو اچي بيٺو. رڪشي مان هڪ نوجوان عورت لٿي، ڪيس ڪارو برقعو اوڍيل هو.

هو عورت ڪي وٺي صاحب جي بنگلي اندر رسائي آيو ۽ پاڻ ٻاهر در تي اچي بيٺو.

دور ڪٿان گهڙيال يارنهن ڏڪ هنيا، ته دروازو کليو. شدن اڳتي وڌي آيو. صاحب گهر تائين ڇڏي اچڻ جو تاڪيد ڪيس.

شدن هڪ خالي رڪشا ڪي هٿ ڏنو. رڪشا واري سان شدن نه پر عورت ڳالهايو. شدن کي ڦڪائي ويڙهي ويئي. عورت ٽپ ڏئي سيٽ تي وڃي ويٺي. شدن ڪنڌ جهڪائي ٻئي پاسي ڪان اچي ويٺو. رڪشا هلڻ لڳو.

دور اونده جي هن پار شدن ڪي هڪ خوددار شدن نظر آيو. ڪوڏر نظر آئي. ڪاٿيءَ تان ڪمايل پيسا نظر آيا. رڪشا جي لوهي پائپ ۾ هن جو هٿ مضبوط ٿيندو ويو.

اوچتو هن وري ڏٺو. اونده پنيان ڪم ڪندڙ شدن، شڪايت ڪندڙ پوڙهو پيءُ، جو مسلسل ڪنگهي رهيو هو، ڇنگهي رهيو هو. شدن ڏندن پڪوڙيا ۽ پوءِ هڪ گهرو ساهه کڻي پنهنجو پاڻ ڪي ڍلو ڇڏي ڏنو ڪيس پاڻ ۾ ۽ ان عورت ۾ ڪو ٻه فرق محسوس نه ٿيو.

رڪشا هڪ گهر جي آڏو اچي بيٺي ته سامهون وينل هڪ شخص ۾ زندگي جاڳي پئي. هو ان ڏانهن وڌڻ لڳو. شدن بيهي رهيو. عورت مجبورين جي ٻڌل آواز ۾ سرگوشي ڪئي، ”بابا سان ملي وڃ. اڳتي ايندين ته اوپرائپ نه ٿيندئي.“

شدن پوڙهي ڪي پاڻ ڏانهن ايندو ڏسي هراسجي ويو. هو روح تائين ڪنبي ويو. ”ڪيئن ٿيان هن جي سامهون؟“ شهري قصا ۽ ڪهاڻيون ٻڌائڻ واري ان پوڙهي رٽائر ماسٽر اڳيان وڃڻ جو ست ساري نه سگهيو، تيزيءَ سان پوئتي موٽڻ لڳو. ٽلهن شيشن مان جهڪو ڏسندڙ ماسٽر شايد هن ڪي سڃاڻي نه سگهيو، ٻنهي جو ڀرم رهجي ويو.

شدن گهر موٽي آيو. گهر ۾ اهائي اڪيلائي. اڻ تڻ. بي چيني. ڪو حال پائي نه. سڄي رات ڇت جي ڪانن ۾ نظرون وجهي گذاري ڇڏيائين ماستر ۽ پاڻ تي سوچيندي. ٻنهي جون مجبوريون ڪيئن نه هڪٻئي جي آمهون سامهون اچي بيهي رهيون هيون! ماڻهو ڪيئن نه بدلجي ٿو وڃي! ماستر جي مجبوري، پنهنجا ڪپڙا ڦاڙي ڪيئن نه هن جي اڳيان ننگي ٿي بيهي رهي هئي!

صبح ٿي تہ شدن سئو جو نوٽ وچي صاحب جي ٽيبل تي سٽيو ۽ ٻاهر نڪري آيو. اڄ هن ۾ وڏو اعتماد هو، وڏو حوصلو هيو. پهريون ڀيرو پٽيوالي هجڻ تي گهٽتائيءَ جو احساس نہ پئي ٿيس. ساڳيو ئي پيشو ڪيس ڏاڍو مانائتو پئي لڳو، ۽ وڏي ڳالھ تہ رات اڪيلي ٽيڻ تي ڇت جا ڪانا بہ ڪو نہ ڳڻيائين.

# تڏي تي ويٺل ماڻهو

انهيءَ شام، جڏهن ڏينهن جا ٽڪل پاچا لڙي رهيا هئا، ۽ سج جي آخري ڪرڻن به اونده ۾ ٽٻي هڻي پنهنجي هستيءَ جي اجڙي وڃڻ جو اعلان ڪيو هو، تڏهن پيءُ وري اٿيو هو ۽ هلندو ان ساڳي در تي آيو هو، جتي اڱ ۾ به ڪيئي پيرا ان ڏينهن اچي چڪو هو ۽ ان ويل ته هوا ۾ پڙڪو ڏئي اجهامندڙ ڪنهن ڏيئي جي لاٽ وانگر اجهامي ويو، جڏهن ڊنل ۽ پشيمانيءَ جي احساس ۾ وڪوڙيل هڪ نوجوان ٻاهر آيو.

زلزلا رڳو ڌرتيءَ تي ئي ته نه ايندا آهن. ڪي زلزلا اهڙا به ايندا آهن، جيڪي اندر ئي اندر، انساني زندگين جي پيچ ڊاهه ڪري تباهي ڦهلائي ڇڏيندا آهن. نوجوان پٽ جي ٻڌڻ جو ٻڌي، پوڙهي پيءُ کي ائين لڳو هو، جڻ زلزلو اچي ويو هجي، جڻ وڏو ڌماڪو ٿيو هجي، جنهن ۾ اندر ئي اندر هو ننڍڙن ننڍڙن ٽڪرن ۾ ورهائجي ويو هجي.

۽ اڄ ٽيون ڏينهن هو، گهر ۾ اهڙو ئي زلزلو آيل هو، تباهي متل هئي، موت جهڙي ويراني گهر جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ پکڙيل هئي. مري وڃڻ کان پوءِ لاش نه ملڻ جو ڏک، اندر ئي اندر هن کي درياهه جي چوهي پاڻيءَ جيان ڪوريندو رهيو هو، پيچندو ۽ ڊاهيندو رهيو هو، هن جڏهن به پٽ جي جدائيءَ تي ويچار ڪيو هو، تڏهن پاڻ کي به اهڙي لاش وانگر محسوس ڪيو هئاين، جو ڪليل آسمان هينان بي ڪفن ڇڏيو ويو هجي ۽ وقت جون بي رحم ڳجهون جنهن جي ماس پٽڻ لاءِ تيز چهنبن ساب حملو ڪرڻ لاءِ پر ڦڙڪائينديون هجن!

هاڻي ڇا ٿيندو هن جو! شاهن ئي ته هن جي پوڙهپ جو آخري سهارو هو: هن جو دوست هو، همدرد هو. هاڻ ڪنهن سان ويهي ڏک سور اوريندو؟ ڪير هن جي گهر جو بوجهه شاهن وانگر پنهنجي ڪلهن تي کڻي هلندو.

هو خلائن ۾ گهورڻ لڳو. ڏور ديوارن ۽ وڏين عمارتن جي هن پار، ماضيءَ جي رڻ ۾ هڪ وڏو طوفان اچي ويو، پنتي ڇڏيل گس نظر آيس. پوءِ گسن مٿان ڌنڌلا عڪس آهستي آهستي چٽا ٿيڻ لڳا ۽ هو شاهن ڏانهن ڏسڻ لڳو. ننڍڙو شاهن، ٻاتا ٻاتا ٻول ٻوليندڙ شاهن، جو ڄائو هو ته پيءُ ڪيڏو نه خوش ٿيو هو، ڪيڏي نه آسيس ملي هئس. جيئن ڪنهن اڃايل کي صحرا جي تپندڙ ميدانن ۾ مٺي پاڻيءَ جو چشمو ملي ويو هجي. اهڙيءَ خوشيءَ جو احساس ڦهلجي ويو هو هن جي نس نس ۾. هن جو آئيندو شاهن ئي ته هو، شاهن ئي ته هن جي خوشين کان خالي اونداهي زندگيءَ ۾ روشنيءَ جي علامت هو.

هن پٽ کي پڙهايو، وڏن ڪشالن سان هن جي تعليم جي سلسلي کي جاري رکيائين، اهو سوچي تہ پٽ وڏو ماڻهو بنجي، هن جا سڀ اهنج لاهي ڇڏيندو، پوءِ هو بنا ڪنهن خواهش جي مري سگهندو.

هو جڏهن سڀ ڏينهن جي هڻ وٺ کان پوءِ ٿڪجي ٽٽي، ڪٽ جي قبر ۾ داخل ٿيندو هو تہ، هن جي خواهشن جا لاش زنده ٿي هن سان سرگوشيون ڪرڻ لڳندا هئا. عمر جي سموري عرصي ۾ ڇا مليو هو هن کي؟ غربت، اڌپوريون خواهشون ۽ محروميون ئي تہ پلئہ ۾ ٻڌي هن زندگي گذاري هئي. هاڻي تہ عمر جي ان حد کي پهچي ويو هو جتي پنهنجي آئيندي لاءِ ڪو موهہ نہ رهيو هئس. رڳو هڪ آس ئي بچي هئس تہ، هو جيڪي سک نہ ڏسي سگهيو، خوشيون ماڻي نہ سگهيو، اهي سڀ پٽ حاصل ڪري سگهي. زماني ٻين ماڻهن وانگر مزدوريءَ جي پڙيءَ تي ويهي اهو عذاب سهڻو نہ پوي، جو ڏينهن چڙهئي تائين، ڪڏهن ڪڏهن ڏهاڙي نہ لڳڻ ڪري هن کي سهڻو پوندو هو.

شاهن جي بهتر مستقبل لاءِ هو دعائون گهرندو هو. پيرن جي مزارن تي اگر بتيون ٻاري خدا کي ٻاڏائيندو هو، ۽ هڪ ڏينهن شاهن کي بئنڪ ۾ ڪلارڪي ملي ويئي تہ پيءُ کي ائين لڳو هو، ڄڻ هن جي ڪاڙهن سان لوساتجي ويل جسم ۾، بهار جي مند ۾ گهلندڙ ٿڌڙي هير گهلي وئي هجي. ڪيڏو نہ خوش ٿيو هو. پنجاهہ سالن تائين موسمن جي بي رحم زد ۾ اچي هن جيڪو سخت پورهيو ڪيو هو، سرون ڍويون هئائين ۽ تغاريون کنيون هئائين، پٽ جي نوڪريءَ جو ٻڌي سمورو ٿڪ ۽ سمورو سور لهي ويو هئس. بي پناهہ خوشيءَ جي احساس کان جسم ۾ ڦڙڪٽي اچي وئي هئس. ڪيڏو نہ هلڪو محسوس ڪيو هئائين پاڻ کي.

ٻئي ڏينهن شاهن جي چوڻ تي، پڙيءَ تي وڃڻ ڇڏي ڏنو هئائين. هاڻ ڪيس ڦاٽل ۽ ميرا ڪپڙا پهريل نہ هوندا هئا ۽ نہ ئي ڏهاڙي لڳڻ ۽ نہ لڳڻ جي اڻ تڻ هن جي اکين مان ليئا پائيندي هئي. اڇا اجرا ڪپڙا پهري هو ڪڏهن مسجد جي ٿڌي ڇانو ۾ وقت گذاريندو هو ۽ ڪڏهن گهر کان پريان جهوني سرنهن جي وڻ هيٺان، موريءَ تي وڃي ويهندو هو. اڳي زندگي ڪنهن دٻي جي بيٺل پاڻيءَ وانگر محسوس ٿيندي هئس ۽ هاڻ ڄڻ تہ موريءَ هيٺان وهندڙ شفاف پاڻيءَ جهڙي رواني اچي وئي هئس ساڳي زندگيءَ ۾. وقت سنو گذري رهيو هئس، ڪو غم، ڪا ڳڻتي نہ هئس، پيءُ جي ناتي رڳو هڪ چنتا هئس تہ جيترو جلد ٿي سگهي، نوجوان ڌيءَ جو بار لاهي ڇڏي.

پوءِ ڌيڻس جي شاديءَ جون ڳالهيون اجا هلندڙ ئي هيون تہ هڪ ڏينهن هو بيمار ٿي پيو. زندگي ڀر مايوسيون ۽ محروميون ڪٽي جيئندڙ پيءُ جڏهن کٽ تي ڪريو تہ هن جو پنهنجو پاڻ مان ويساهہ نڪري ويو، هن کي خوف ٿيڻ لڳو هو تہ هو بچي نہ سگهندو، مري ويندو، ۽ تڏهن ڪنهن سڪٽي ٻار واري بيوسي اکين ۾ آڻي، هڪ ٻي خواهش بہ

ظاهر ڪري وينو هو، شاهن جي متي تي شاديءَ جا موڙ ڏسڻ جي خواهش، موت ۾ شاهن آتت ڏني هئس، وچن ڏنو هئائينس ته پيءُ جي اها تمنا به ضرور پوري ڪندو.

۽ پيءُ جو اعلاج ٿيڻ لڳو، هڪ هفتي تائين شهر جو وڏو ڊاڪٽر هن جي دوا ڪندو رهيو، پوءِ زندگيءَ مان نا اميد پيءُ دوائن جي زور تي موت کي شڪست ڏيڻ ۾ ڪامياب ويو. شاهن مري ويو!

تي ڏينهن اڳ هو دوستن سان گڏ رائيس ڪئنال تي وهنجڻ ويو هو ۽ وري اتان واپس نه وريو هو. تڏهن هوا جي زور تي اڏامندڙ ڪنهن پن جهڙي زندگي گهاريندڙ پيءُ جا سمورا خواب جڻ ته شيشي جي نازڪ گلاس جيان پچي پيا هئا.

ڏور ديوارن ۽ وڏين عمارتن جي هن پار نظر ايندڙ عڪس وري ڏند ۾ وڪوڙجي ويا. ماضيءَ جو عذاب ڏيندڙ رڻ جهاڳي، هو بي رحم حال ڏانهن موٽي آيو. تڏهن اندر جي ڪنهن ايذاءُ ڪان هو ڪنبڻ لڳو ۽ سامهون جڏهن در جي چائنٽ وٽ ڪليل وارن واري نوجوان ڌيءَ ڏانهن نظر ويس ته جڻ اٿلي پيو. اندر جو سمورو ڪرب هن جي چهري تي مڙي آيو ۽ هو وڏيون اوچنگارون ڏئي روئڻ لڳو.

بيحال پيءُ کي ائين روئندو ڏسي، ڌيءَ، پيءُ ڏانهن وڌي آئي ۽ پنهنجو منهن هن جي سيني سان لڳائي روئڻ لڳي. پوڙهي زال بيماري مان اٿيل ڪمزور مڙس کي دلاسو ڏيڻ چاهيو ته هوءَ به پاڻ کي روڪي نه سگهي ۽ پار ڪڍي روئڻ لڳي.

پوءِ، گهڻي دير بعد، جڏهن روئي روئي ٿيئي ماٺ تي ويا ۽ پاڙي جي گهرن ۽ گهٽين ۾ زندگي ٻيهر پنهنجي معمول تي موٽي آئي، ماڻهو پنهنجن ڌڪن، سورن ۽ ٻين مسئلن تي سوچڻ لڳا. تڏهن اوچتو هڪ ڀيرو وري روج ۽ راڙو مچي ويو، ٽن ڏينهن جي ڳولا کان پوءِ شاهن جو لاش مليو هو، جنهن کي پوسٽ مارٽم ڪرڻ لاءِ اسپتال ۾ رکيو ويو هو.

اها خبر جڻ ته تيزاب جو ڀريل شيشو ٻڻجي گهر ڀاتين جي اندر تي پرٽجي پئي. ڦٽ وري چڪي پيا هئا. ڳوڙهن ۽ اوسارن جو هڪ نئون اڻ کٽ سلسلو جاري ٿي ويو. غمزده ڀاتين جي دانهن ۽ ڪوڪن تي، گهٽيءَ ۾ ماڻهو مڙڻ لڳا، ڪونن جي وڏن پلويڙن تان عورتون منديون ڪڍي حيرت زده بت ٻڻجي ويون.

پيءُ اوچنگارون ڏيندو ٻاهرين در ڏانهن آيو ۽ پوءِ در کي چنبڙي ڪنهن اهڙي ٻار وانگر رانيات ڪيائين، جنهن سڪي سڪي کو رانديڪو ورتو هجي، ۽ پاڻ کان کو ڏاڍو جهٽ هٽي ڪائنس ڦري ويو هجي.

همدردي ڪٽي آيل ڪجھ ماڻھو پيءُ ڏانھن وڌي آيا. ھڪ پيرسن شخص ھن جي ڪلھي تي ھٿ رکيو، ”الله جي شيءِ ھئي ڏٽي بخش. الله ڪي پرتي.“

پيرسن شخص جي لفظن تي پيءُ جڻ ڦسي پيو، ”اڙي مون سان ڪيس تي ويو ادا. ڏاڙو لڳي ويو منھنجي پيريءَ جو سھارو ڪسجي ويو!“

پيءُ کي روئندو ڏسي، ھڪ ٻي سمجھ ٻار کي بہ روئڻ اچي ويو.

”بس ڙي ڏٽي بخش......باريءَ جي سرڪار ڏاڍي آھي.“ پيرسن شخص ڀاڪر ۾ ڀري ھن کي تڏي تي وٺي آيو، تڏھن ھر ھڪ ماڻھوءَ ساڻس ھمدردي ڪئي، دلاسا ڏنا ۽ خدا جي رضا تي راضي رھڻ جي تلقين ڪئي.

۽ پريان گھر جي اڱڻ ۾، ڏڪوئيندڙ آوازن جو سلسلو جاري ھو. ماءُ ۽ ڏيءَ لانڊ ۾ پار ڪڍي روئي رھيون ھيون. گھر مان ايندڙ اوسارن ۾ جو درد سمايل ھو تنھن ھرشيءِ مٿان دک جو ھڪ گھرو رنگ چاڙھي ڇڏيو ھو. پيءُ ماڻھن جي دلاسن ۽ خدا جي رضا تي راضي رھڻ ۽ صبر ڪرڻ جي تلقين وساري، بي قابو ٿي ويو ھو.

”صبر ڪر چاچا“، ھڪ نوجوان ڏٽي بخش سان ھمدردي ڪئي. ”جيڪي ٿيڻو ھو سو تہ ٿي ويو. ھاڻي ھمت ڪر تہ شاھن جو لاش ھلي ڪٽي اچون......“

پيءُ ڪڇيو ڪجھ بہ نہ. فقط ڪنڌ جي اشاري سان ھاڪار ڪيائين، پوءِ ٿلھن شيشن واري عينڪ لاھي، ميري پھراڻ جي آڳي سان منھن اگھيائين، ۽ اٿي اسپتال ڏانھن روانو ٿيو ويو. پيءُ سان گڏ ڪجھ گھڙيون اڳ ھمدردي ڪندڙ نوجوان ۽ ڪجھ ٻيا ماڻھو بہ وڃڻ لڳا.

در جي ڀر ۾ وڇايل تڏي تي آھستي آھستي ماڻھو ويھندا ويا. ماڻھن جا منھن ان اوچتي المئي سبب لٿل ھئا. پريان گھر جي اڱڻ مان اوسارن جا آواز اجا بہ اچي رھيا ھئا، جن ماحول کي وڌيڪ دکدائڪ بڻائي ڇڏيو ھو، ڪجھ گھڙين تائين ڪنھن بہ نہ ڳالھايو، پوءِ ھڪ پيرسن شخص ڳالھائڻ جي ابتدا ڪئي، ”ھاءِ! ھاءِ!، ڇوڪر تنھنجو اخلاق، ڪڏھن بہ پيءُ نہ پٽايائين. گھٽيءَ مان ويندو ھو تہ ڪنڌ ھيٺ نہ تو ڏنو نہ مون.“

”جنت ۾ ويندو.“ ھڪ ٻيو ماڻھو شاھن جون خوبيون بيان ڪرڻ لڳو. ”پيءُ جي اھڙي خدمت ڪيائين جو ڇئي ڪٽي بس ڪجي. بيمار ٿي پيو تہ ٻڪن ۾ ڪانگھارا ميڙيائين، واھ ڙي شاھن تنھنجي وفاداري.“

”مون کي تہ يار ڏٽي بخش جو ٿو ارمان ٿئي. پوڙھو مڙھ ڪيئن ڪندو.“ پڪي عمر جي ھڪ شخص کي پيءُ جي حال تي جھبو آيو.

”بس ڙي يار، سائين پنهنجا راز پاڻ تو ڄاڻي.“ پيرسن شخص ڏکهو شوڪارو ڀري ڳالهايو، ”ڪنهن کي سرئون سر ڪري ته ڪنهن کي نهوڙي ماري.“

ڪجھ وقتن لاءِ ويٺلن پنهنجي گفتگو روڪي ڇڏي، ڀاڙي جون ڪجھ عورتون تڏي اڳيان لنگهيون ته ڪنڌ جهڪائي ماٺ ٿي ويا، ۽ تيستائين نه ڳالهايائون جيستائين اهي گهر ۾ داخل نه ٿي ويون. گهر ۾ جوان جماڻ شاهن جي موت تي وري اوسارا گونجڻ لڳا ۽ تڏي تي ڏکوئيندڙ گفتگوءَ جو ساڳيو سلسلو شروع ٿي ويو. ماڻهو ڳالهائڻ وقت وڏا وڏا شوڪارا ڀري پنهنجي ڏک ۽ همدرديءَ جو اظهار ڪرڻ لڳا.

تڏهن اداس ماحول ڪان پريان گهٽيءَ جي مهڙ وٽان هڪ ننڍو ٻار ظاهر ٿي، هو ننڍيون ننڍيون وکون کڻندو، هٿ جي تريءَ کي سڌو ڪري هوائي جهاز واري انداز ۾، هوا ۾ لهرائيندو تڏي تي آيو، تڏهن تڏي تي ويٺلن مان ڪنهن به ڌانهنس ڌيان نه ڏنو ۽ هو اڳتي وڌي، پٽ کي ٽيڪ ڏئي ويٺل هڪ اٽين ۽ وڪريل وارن واري پريشان شخص مٿان اچي بيٺو.

ٻار هن جي مٿان بيهي ڪجھ چيو، پر ماڻهن جي گفتگوءَ سبب ٻار جو آواز اهو شخص ٻڌي نه سگهيو، ٻار هن ڪلهي ۾ هٿ وجهي ٿورو ڌوڏيا ڳالهايو، ”بابا بابا، هو آ نه ڪاڪو گلو رانديڪن وارو، اهو آيو آهي.“

گهڻو سوچڻ ڪري ان شخص جي منهن ۾ پيل گهنج، هڪ لمحي لاءِ ڍهي ويا، ۽ وري سوچ جي ساڳي ليڪ نرڙ جي وچ ۾ نهي هن جي پريشانين کي ظاهر ڪرڻ لڳي. هن ڪو جواب نه ڏنو. رڳو ٻار ڏانهن خاموشيءَ سان ڏٺائين.

”ڪاڪو گُلو آيو آ بابا.“ ٻار وري چيو. ”روپيو ڏي ته جهاز وٺي اچان. ڪوڙ جهاز اٿس.“

”روپيو ڪونهي.“ سوچن ۾ گم ٿيل شخص سرد لهجي ۾ چيو، ”شام ونجانءِ.“

”شام ڪاڪو هليو ويندو.“

”ضد نه ڪبو آ. شام شهر ويندس ته اتان تو لاءِ وٺي ايندس.“

”پوءِ ثمينه کي هاڻي چو ڏنئي. مون کي به هاڻ ڏي...ڏي..ڏي هاڻي ڏي.“

اٽين وارن واري شخص وري به ڪيس ڌيرج ۽ نهنائي سان سمجهائڻ چاهيو، پر جڏهن ڏٺائين ته سڀ ماڻهو ٻار جي سبب گفتگو روڪي هن ڏانهن ننول ڀريل نظرن سان ڏسڻ لڳا هئا، تڏهن هڪدم هو ڪکو وکو ٿي ويو. هيٺرن ماڻهن جي وچ ۾ هن جو ٻار چوڻ

نہ وني، ڪيڏي نہ هن جي بيعزتي ڪري رهيو هو، ڪيئن نہ هن ڪي ماڻهن جي نظرن ۾ ڪيرائي رهيو هو، ان احساس ٻار لاءِ هن جي دل ۾ ڌڪار پيدا ڪري ڇڏي.

ٻار وري ضد ڪيو، ”ڏئين نہ ٿو، ڪاڪو ڳُلو هليو ويندو.“ ٻار جي اکين ۾ ڳوڙها ڇلڻ لڳا.

پريشان شخص آپي مان نڪري ويو. ”اڙي وڃين نہ ٿو، هان.....هيڏو ڇوان ٿو تہ بہ ڪتي وار ضد نہ ٿو ڇڏين.“ ٻہ چماٽون هڪٻئي پٺيان واهئي ڪديائين. ”ڪندين ضد! هان، ڪندين ڪتي وارو ضد؟“ هو ٻار تي مچرجي ويو.

ڌڪ لڳڻ تي ٻار ٿيڙ ڪائي پريان وڃي ڪريو. ماڻهو وچ ۾ اچي ويا تہ اهو شخص اجا بہ طيش ۾ اچي ويو ۽ پير سان پيل چمپل ڪڍي ٻار ڏانهن اڇلايائين.

ماڻهو ٻن گروپن ۾ ورهائجي ويا، هڪڙن پيءُ کي سمجهائڻ جو ذمو کنيو ۽ ٻين روئندڙ ٻار کي وڌيڪ ڌڪن کان بچائڻ لاءِ پيءُ کان پري ڪري ورتو، نينڍڙو ٻار سڏڪا پري روئڻ لڳو. ٻار جي سڏڪن تي ماڻهن جي سينن ۾ هن لاءِ رحم جاڳي پيو، همدردي پيدا ٿي ۽ اهڙي ئي جذبي تحت هڪ ماڻهو پنهنجي جاءِ تان اٿيو ۽ روئندڙ ٻار کي پنهنجي پر ۾ وني آيو.

”ٻار کي ڪهڙي خبر سائين.“ هو ڳالهائڻ لڳو. ”ٻار تہ هر ماحول ۾ ٻار ئي هوندو آهي.“ هن ڪيسي ۾ هٿ وجهي روئندڙ ٻار کي رپيو ڏيڻ چاهيو، پر ٻار ڪنڌ لوڏي وٺڻ کان انڪار ڪيو. هو ڪاوڙيل پيءُ ڏانهن ڏسي وري سڏڪا پرڻ لڳو.

”وٺ پٽ، وٺ. .....شاباش.“ همدردي ڪندڙ شخص زوريءَ هن جي ڪيسي ۾ روپيو وڌو ۽ ٻار سڏڪا پريندو اتان هليو ويو.

تڏي تي بحث ڇڙي ويو. ماڻهن ان ننڍڙي واقعي تي ڳالهايو، پڻس اخلاقي قدرن تي ڳالهايو، وينلن ٻين ٻارن جا مثال ڏنا ۽ اهو بحث تڏهن ختم ٿيو، جڏهن تڏي تي هڪ ٿلهو شخص اچي وينو. هن ويهڻ شرط مري ويل تي ڳالهايو، هن جي خوبين تي ڳالهايو ۽ ٻين اهڙن ڪيترن ماڻهن تي ڳالهايو جيڪي ڪنهن نہ ڪنهن طرح پاڻيءَ ۾ ٻڏي مريا ويا هئا، پوءِ گهرو ساهہ ڪڍي، ٽنگن کي ٿور ڏکهو ڪري پاڻ کي پٽ جي سهاري ڍلو ڇڏي ڏنائين. هن جي پرسان وينل هڪ ماڻهو خاموشيءَ سان اٿيو ۽ بوٽ پائي اتان هليو ويو.

”پلا اسپتال ڏانهن ڪوئي ويو آهي؟“ ٿلهي شخص پيٽ سان چنبڙيل قميص کي ٿورو مٿي ڇڪيندي چيو.

”چاچو ڏٽي بخش ۽ ٻہ چار همراھ ويل آهن.“ ويٺلن مان هڪ ٻڌايس.

هڪ ٻيو ماڻھو، جو هيترو وقت خاموش ويٺل هو، تنهن ڳالهايو.

”بئنڪ وارن ستو نپايو اٿس. ڪلھ تہ مئنيجر بہ آيو هو.“

”سائين لائق بہ تہ هو نہ، ڪيئن نہ سات ڏيندس.“ ٿلهي شخص گهرو شوڪارو ڀري چيو، ”واھ جو نالو ڪمايو اٿائين.“

”مون وٽ پڙهيو هو.“ ساڳي پيرسن چيو، ”ننڍي ڪان ئي سلڇڻو هو، ڪڏهن ڪا شڪايت نہ آئي شاهن جي.“ هو شاهن جي ننڍپڻ ڪان وٺي جوانيءَ تائين، سموري دور جا واقعا ۽ هن جون خوبيون بيان ڪرڻ لڳو ۽ اهڙيءَ طرح ٻيا ويٺل بہ شاهن جي اخلاق ۽ نيڪين بابت ڳالهائيندا رهيا.

پوءِ هڪ وقت اهڙو بہ آيو، جڏهن ماڻهن ان موضوع ڪي بدلائڻ چاهيو، هاڻ انهن ڪي شاهن جي ذات سان لاڳاپيل ڳالهين سان ڪا دلچسپي نہ رهي هئي، هڪ ئي موضوع تي گهڻو ڳالهائڻ ڪري، اهي ٿڪجي پيا هئا. بيزار ٿي پيا هئا، اهڙي بيزاري هنن جي چهرن مان ظاهر ٿي، انهن جي اندر جي ڪيفيت کي ظاهر ڪرڻ لڳي هئي.

موضوع کي بدلائڻ لاءِ، هڪ نوجوان پنهنجي پر ۾ ويٺل هڪ همراھ کان هڪ ذاتي نوعيت جو سوال پڇيو ۽ موٽ ۾ هو بہ ڪائنس اهڙو ئي سوال پڇي ويٺو، پوءِ جواب ڏيندڙ نوجوان، پنهنجي پوڙهي آفيسر تي لعنتون وڌيون، ان جي ذليل رويي تي ڪيس گاريون ڏنيون، ڪيس منافق ڪوٺيو ۽ زهر سڏيو.

باقي ماڻهن پھريان ٻنهي جي ڳالهائڻ تي، همدردي ۽ حمايت ۾ ڪنڌ لوڏيا ۽ پوءِ اهي موضوع جي هڪجهڙائي وارو قيد ٽوڙي، آزاديءَ سان ڳالهائڻ لڳا. هاڻي بہ ماڻهو ملڪي حالتن تي ڳالهائي رهيا هئا. دليل بازي ڪندي هڪڙو همراھ تيز ٿي ويو. ڦرين، ڌاڙن ۽ لاقانونيت تي ڳالهائيندي هن جو منهن ڳاڙهو ٿي ويو، اکيون ٻاهر نڪري آيس، بحث وڌي ويو.

پوءِ سياست، هندستان ۾ سکن جي جي ويڙھ، ايران ـ عراق جنگ، بيروت، روس ۽ آمريڪا، افغاني، مهاجر، هيروئن، هٿوڙا گروپ، ڪلاشنڪوف ۽ فلمن جي عام موضوعن تائين انهن ڳالهايو ۽ ڀرپور ڳالهايو، ذاتي نوعيت جي پڇيل سوالن کان شروع ٿيندڙ اها گفتگو ايئن اڳتي وڌي ۽ اهڙو اڳتي وڌي جو لڳو ٿي، ڄڻ تہ شاهن جي موت جو تڏو نہ هجي، ڪو هوٽل هجي، جنهن جي ٽيبل تي سياسي، سماجي، ادبي ۽ عام سوچ رکندڙ فرد اچي گڏ ٿيا هجن.

ٽلهو شخص هڪ ماڻهوءَ جي ڪنهن ڳالهه تي هاڻي ڪلي رهيو هو ۽ شاهن ڪي پڙهائيندڙ پيرسن شخص، ٽڪجي پوڻ سبب پت ڪي ٽيڪ ڏئي جهوٽا ڪائي رهيو هو.

بحث هلي رهيو هو ۽ اهو تڏهن ختم ٿيو، جڏهن هڪ ٽانگو هلندو در جي اڳيان اچي بيٺو، ٽانگي مان جيئن ئي اڇن برقعن پهريل ٻه عورتون لٿيون ۽ پار ڪيدنيون گهر ۾ داخل ٿي ويون تہ گهر ۾ وري ڪهرام مچي ويو.

تڏي ڪان ذهني طور هٽي ويل ماڻهو، وري تڏي تي موٽيا. اٿين ۽ وڪريل وارن وارو پريشان شخص بيحد دکي ٿي ويو. هو منهن ۾ گنهج وجهي ڳالهائڻ لڳو،”زندگي بہ ڇا ڇا ويل ٿي ڪري، ماڻهو سڄي ڄمار رڳو پوڳي ٿو. سور سهي ٿو ۽ مري ٿو وڃي. ڇا حال آ ويچاري انسان جو.“ هو گهرو ساھ کڻي سامهون گهر ڏانهن ڏسڻ لڳو، جتان روئڻ جا آواز اڃا بہ اچي رهيا هئا.

”ٿن ڏينهن جو ٻڏل آ.“ هڪ ماڻهو چوڻ لڳو، ”حالت ڏاڍي خراب ٿي وئي هوندس.“ جواب ۾ ماڻهو وري شاهن جي موت ۽ پيءُ جي ڏکن ڏاکڙن تي ڳالهائڻ لڳا.

ٻارهن ٿي ويا هئا، سج جي رخ مٽجڻ سبب، ڪجھ ماڻهن مٿان اس پئجي رهي هئي، ان پريشانيءَ کان بچڻ لاءِ هڪ ماڻهوءَ تڏي کي ٻي پاسي رکڻ جي صلاح ڏني، ماڻهو يڪدم اٿيا ۽ تڏو کڻي پت جي ٻئي پاسي ڇانو ۾ ٿي ويٺا ۽ ڪجھ ماڻهو ويهڻ بدران اتان ئي هليا ويا.

گهڻن موضوعن تي ڳالهائي ڳالهائي ماڻهو هاڻ چپ ٿي ويا هئا. تڏي تي مڪمل خاموشي ڇانئجي وئي هئي. ڪڏهن ڪڏهن پت جي ڏار مان جهرڪيءَ جي ٻچن ”چڙڪ چڙڪ“ ڪري زندگيءَ جو احساس ٿي پيدا ڪيو ۽ اهي بہ جڏهن چپ ٿي پئي ويا، تڏهن ساڳي ئي موت جهڙي خاموشي ڇانئجي ٿي وئي.

ماڻهن جي چهرن تي هاڻ سخت بيزاري ۽ چڙ نظر اچڻ لڳي هئي. سماجي لاڳاپن جي ڪين پرواھ نہ هجي ها تہ شايد لاش جي اچڻ جو انتظار نہ ڪن ها، هليا وڃن ها، جڏهن ڪان اهي اس ڪان بچي ڇانو ۾ ٿي ويٺا هئا، تڏهن ڪان ڪنهن بہ نہ ڳالهايو هو.

اوچتو ماڻهن کي ساھ کڻڻ ۾، هڪ اڻ وڻندڙ بوءِ جو احساس ٿيو، بوءِ جا آهستي آهستي وڌندي ماڻهن جي حواسن سان ٽڪرائجڻ لڳي.

بوءِ هڪ لمحو اهڙو بہ آيو، جڏهن موڙ وٽان ماڻهن جو هجوم نظر آيو ۽ تيزيءَ سان ڦهلجندڙ بوءِ شاهن جي لاش اچڻ جي خبر چوطرف پکيڙي ڇڏي، تڏي تي ويٺل ماڻهو اٿي بيٺا.

لاش سان گڏ ايندڙ ماڻهو پنهنجن ڇهرن کي رومالن ۽ انگوڇن سان ڍڪي اچي رهيا هئا. جن ماڻهن جا منهن ڍڪيل نہ هئا، انهن جا ڇهرا اگري بوءِ سبب ڇڪجي، پنهنجي اصل شڪل ۽ صورت بگاڙي چڪا هئا. جيئن جيئن، لاش ويجهو ايندو ويو، ماڻهن جي حالت خراب ٿيندي وئي، ساھ گهٽجڻ لڳن. ايئن ٿي لڳو، ڄڻ تہ ڪنهن ڪوس گهر جو بدبودار ڍير هجوم پنهنجي ڪلهن تي کڻي ايندو هجي. ٽن ڏينهن جو بڏل شاهن، پنهنجي جسماني جوڙجڪ کان ٽيڻ تي سڄي ويو هو، هن جي منڍيءَ وٽان اڇو ڪپڙو، هن جي وات مان نڪتل ناسي پاڻيءَ سبب آلو ٿي ويو هو، جنهن مٿان ڪجھ مکيون، لوڏن ۽ ڏڏڪن جي باوجود چنبڙيل نظر اچي رهيون هيون.

لاش تڏي جي ويجهو آيو تہ ماڻهن جون نڪن وٽان چمڙيون ڇڪجي ويون. وات ۾ پاڻي گڏ ٿيڻ لڳن ۽ اجهڪا اچڻ لڳن.

”توبھ ڪيڏي تہ ڌپ آ، ساھ تو نڪري.“

”جيئن مهينن کان پوسرجي ويل ڍونڍ مان ڌپ ايندي آ، اهڙي ڌپ ٿي اچي.“

”اچ تہ نڪري هلون، نہ تہ دم گهٽجي ويندو.“

اهڙا ڪيئي آواز گونجيا، ڪرب ۽ ڪراهت جو دٻيل لفظن ۾ اظهار ٿيو، ۽ پيھ گهٽجڻ لڳي.

۽ انهن ماڻهن کان پريان پيءُ روئندو، پنهنجي ماضيءَ، حال ۽ مستقبل جو لاش ڪلهن تي کڻي هلي رهيو هو. گهٽيءَ ۾ بيٺل ماڻهو ٽولن جي شڪلين ۾ ورهائجي ويا هئا. هاڻ تہ شاهن جون خوبيون ۽ وفاداريون بيان ڪندڙ بہ ٽڙي پکڙي ويا هئا، انهن ساڳين ڇهرن تي نہ همدردي هئي، نہ ڏک هو. اتي وحشت ۽ هراس پکڙيل هو، ڪرب پکڙيل هئي ۽ ڏڪاري ڦهليل هئي. انهن کان پريان ڪوٺن جي وڏن پلويڙن تان نظر ايندڙ عورتن جي ڍڪيل ڇهرن تي بہ ساڳيو خوف ۽ هراس نظر اچي رهيو هو.

لاش جڏهن در کان لنگهايو ويو تہ پوڙهي ماءُ گهگهي آواز ۾ رڙيون ڪيون، ڪوڪون ڪيون، پيٽس پار ڪيا. جوانيءَ ۾ ياءُ جي وچوڙي تي آهون پريون، ۽ پوڙهو پيءُ پٽ جي پيرن کان ويهي مٿو پٽڻ لڳو ۽ سڏڪڻ لڳو.

لاش مٿان بيٺل عورتن جو، تيز بوءِ سبب ساھ منجهڻ لڳو، اتي ويهڻ جي انهن ۾ جڏهن سگھ نہ رهي تہ آهستي آهستي اتان وڃڻ لڳيون. سماجي لاڳاپن جا ڌاوڻ پنهنجو پاڻ ٽٽي پيا. انسانيت شاهن جو روپ ڌاري ورتو.

۽ سامهون ماءُ پٽ جي وڇوڙي تي اڃا ماتم ڪري رهي هئي. ڪليل وارن واري پيئڻ جا اوسارا ختم ٿي نه ٿي ٿيا هئا ۽ پيءُ پنهنجي نصيبن تي روئڻ کان ماٺ نه ڪئي هئي ته اتي بينل هڪ عورت وات کي هٿ ڏئي نلڪي طرف ڊوڙي وئي، تڏهن پيءُ شايد نلڪي مان ايندڙ اوڪارن جا آواز ٻڌي ورتا ۽ اوڏيءَ مهل ته هن جو وجود ڪنهن ٻرندڙ جبل جيان ٽٽي ويو. وقت جي اهڙي ڪلور تي هن جي اندر واري شخص وٺي دانهن ڪئي، هو وڏي واڪي روئڻ لڳو، لڇڻ ۽ ڦٿڪڻ لڳو.

پوءِ ڪجھ گهڙين کان بعد هن جڏهن ڪنڌ مٿي ڪنيو ته ڪافي عورتون وڃي چڪيون هيون، جيڪي بينل هيون انهن جي نڪن تي به روا ڏنل هئا، ۽ انهن جي اکين مان وحشت ليئا ٿي پاتا.

هو اٿيو، آهستي آهستي هلندو در تائين آيو، اندر عورتن جا چهرا ڍڪيل هئا، ۽ ٻاهر به ان بوءِ کان بچڻ لاءِ مردن وٽ رومال هئا، انگوڇا هئا ۽ پيءُ وٽ بيوسي هئي، ڏک هو، نوجوان پٽ جي وڇوڙي جو فقط درد هو. پيءُ ته ڪڏهن سوچيو به نه هو ته زندگيءَ جي پوين پهرن ۾ پٽ ڪائنس ايئن کسجي ويندو، هن ته ڪڏهن خواب ۾ به اهڙو موت نه ڏٺو هو، جو موت نه لڳي هڪ خواري لڳي.

پر وقت ڪيڏا نه هاڃا ٿو ڪري، شاهن مئو هو ته اهڙي موت، جنهن ۾ ماڻهن وٽ هن لاءِ ڪا پنهنجائپ نه هئي، انهن جي هٿن ۾ گلن جا هار نه هئا، جي هئي ته ڪرڀ هئي، وحشت هئي ۽ هٿن ۾ رومال هئا، جن سان اهي پنهنجا نڪ ڍڪ ٿي هليا.

پيءُ ٿلهن شيشن واري چشمي پنيان ماڻهن جي اهڙن چهرن کي ڏسي ورتو هو، جيڪي بيوسيءَ جي مرندڙ موت شاهن تي جڻ هڪ ٺٺول هئا. پيءُ هڪ وڏي اوڇنگار ڏني، ۽ پوءِ ٽڙيل پکڙيل ماڻهن ڏانهن ايئن ڏٺائين جڻ ته اکين ئي اکين ۾ چوندو هجي، "نڪن تان رومال هٽايو.......منهنجي شاهن جي توهين ٿئي ٿي."

پر ماڻهو پيءُ جي اکين مان وهيل لڙڪن سان گڏ، اهي لڙڪ ڏسي نه سگهيا، جيڪي شاهن جي اهڙي بيوسيءَ واري موت تي لڙي پيا هئا.

# پيڙهيل وجود

هو هڪ آفيس ۾ پنهنجي مرضيءَ جي خلاف ڪلارڪ آهي، ان ڪري سدائين پريشان رهندو آهي. ان نوڪريءَ سان گڏ هڪ ٻي به وڏي ٽريجڊيءَ ۾ هن جي پنهنجي مرضي

شامل آهي. يعني هو سنڌي ڪهاڻيڪار آهي. زندگي ۾ جيڪي ڪجھ ضروري آهي، اهو هن کان ڏور، آسمان جيان گهڻو ڏور آهي. هن جون خواهشون ۽ تمنائون ڪنهن اڇوت مرد جي، برهمڻ عورت سان پيار جيان، مذهبي ڪٽرپڻي جو شڪار ٿيل، مفلسي ۽ تنگدستيءَ سبب اڪثر مايوس رهندو آهي، ۽ مايوسيءَ جون ڳالهيون ڪري پنهنجي نظرياتي ڪهاڻين جا بخيا اڌيڙيندو آهي. هو پنهنجي ڪهاڻين ۾ پاڻ جهڙين منجهيل ڪردارن کي زندگيءَ سان ٽڪر کائيندي ڏيکاريندو آهي. جڏهن ته عملي زندگيءَ جي ميدان ۾، هو ريس جي ٽڪل گهوڙي جيان مايوسيءَ سان ڊوڙندو نظر ايندو آهي. سندس مايوسيءَ وارو اهو فعل نندڻ جوڳو آهي يا نه، سو اهو هڪ جدا ۽ لمبو بحث آهي. پر وڏي ڳالهه ته اهو سندس ذاتي معاملو آهي.

بهرحال، هو هڪ آفيس ۾ پنهنجي مرضيءَ جي خلاف هڪ ڪلارڪ آهي. ان ڪري سدائين پريشان رهندو آهي، ۽ هاڻي هو ڊيوٽي ڏئي، گهر موٽي آيو آهي. دريون ٽپي اندر داخل ٿيو آهي. نظرون چلهه ڏانهن ڪجي ويون اٿس. چلهه تي هاريل پاٽي، وسايل ڪاٺيون، ۽ ٻوڙ سان پريل وڪريل ٿانو نه ڏسي چڙي پيو آهي. صبح ماني کائڻ بنا ئي آفيس ويو هو، ۽ هاڻي جڏهن خالي چلهه ڏسي محسوس ڪيو اٿائين ته ٻيو ويلو به بک ڪاٽڻي پوندي ته ڪاوڙ ۾ سڄو باهه تي وڃي ٿو. هن جي منهن جي ڪاوڙ پريل گهنجن مان لڳي ٿو، اڄ جوٽس جو خير بلڪل ناهي. زال مٿان ڏاڍي چڙ اٿس. هو ڪاوڙ ۾ نانگ جيان ڦوڪارا ڏيندو، اڱڻ لتاڙي صفي اندر داخل ٿئي ٿو. سامهون زال ڏانهن نظرون ڪجي وجنس ٿيون. هوءَ کٽ تي سڌي ليٽيل آهي، هن جي پير ۾ ننڍي ڏيٽس ستل آهي. جوٽس جي مٿي تي پيندي ٻڌل آهي جنهن منجهان ظاهر ٿئي ٿو ته هن جي طبيعت ٺيڪ نه آهي. ڪيس ان حال ۾ ڏس، هميشه جيان سموري ڪاوڙ ڍري ٿي وڃيس ٿي. ٿڌو شوڪارو پري ٿو وني.

اهڙن وقتن تي، جڏهن ماڻهن جي خلوص ۽ پيار کي بک جي باهه ساڙي ڀسم ڪري ڇڏيندي آهي، ۽ جڏهن انهيءَ مسئلي کي حل ڪرڻ کان سواءِ ٻيو ڪجھ به سوچي ناهي سگهبو، تڏهن هو انهيءَ جي ابتڙ الڳ رستو اختيار ڪندو آهي. هو سوچيندو آهي، دنيا طرفان مليل نفرتن، محرومين ۽ وري گهر اچي ڪڏهن ڪڏهن بک ڪاٽڻ تي جا پيڙا هو پوڳي ٿو، ان جو سمورو بدلو زال کان وني ڇڏي. پر هو پنهنجي ان سوچ مٿان چاهيندي به عمل ڪري نه سگهندو آهي، شايد ان لاءِ ته جوٽس جو رد عمل به هن لاءِ ساڳي قسم جو هوندو آهي.

هو جڏهن ڪاوڙ هوندي به زال کي ڪجھ ناهي چئي سگهندو، تڏهن محسوس ڪندو آهي ته ڪاشيءِ سندس اندر ۾ پيل گهاءَ گهرا ڪندي پئي وڃي. سو هاڻي هو ڪاوڙ هوندي، توائي هوندي به ڪجھ نه چوڻ جو فيصلو ڪري چڪو آهي. ان ڪري ڪن پل لاءِ اتي بيهي، پوءِ زال جي پير ۾ پيل ننڍي کٽ ڏانهن وڌي، ان تي ليٽي پوي ٿو.

ڪيتري دير ساڳيءَ ريت هڪ هٿ مٿي هينان ۽ ٻيو مٿان ۽ جوٽس ۽ ڊيٽس جي ساهن کان سواءِ ڪمري ۾ خاموشي ڇانيل آهي. هو مٿي هينان هٿ ڪڍي زال ڏانهن منهن ٿو ڪري. ڪا گهڙي سندس نظرون هن جي منهن ۾ کپي وڃن ٿيون. زال جي منهن ۾ پيل گهنج هن جي اندر جي پيڙا لڪائي نہ سگهيا آهن. سندس چهرو اندر جو آئينو بڻجي ويو آهي، جنهن ڏانهن هو ڏک وچان گهوريندو رهي ٿو. هاڻي زال مان نظرون ڪڍي هڪ اونهو شوڪارو ڀري ٿو.

ڪجهہ دير ساڳيءَ طرح سان سمهڻ بعد اٿي ويهي ٿو. هاڻي بک جو راڪاس ڪيس نستو ڪرڻ شروع ٿو ڪري. جيئن جيئن بک وڌندي وڃيس ٿي، تيئن ڪمزوري سان گڏ بيچينيءَ ۾ بہ اضافو ٿيندو وڃيس ٿو.

هو وري سمهي ٿو پوي. هاڻي هو پاسي واري ڀت ڏانهن ڏسڻ لڳي ٿو. گهڙي رکي پاسو بدلائي زال ڏانهن منهن ڪري ٿو. هوءَ ساڳي ريت چپ چاپ ليٽيل آهي. زال مان نظرون ڪڍي در جي ڀر ۾ رکيل ٽيبل ڏانهن ڏسي ٿو، سندس ڪمزور جسم ۾ الائجي ڪيئن شڪتي اچي وڃي ٿي. تڪڙ ۾ کٽ تان اٿي ٿو. ٽيبل تي جڳ، گلاس، ننڍي ڊيٽس جو چمڪڻو، ان جي ڀرسان ڊينٽونڪ جي ننڍي دٻي رکيل آهي ۽ وري انهن سڀني جي ڀرسان بہ پنڊيون رکيل آهن. هڪ سڌي ۽ بہ انهن جي مٿان اونڌي، ڪيس لڳي ٿو، انهيءَ پنڊيءَ ۾ ضرور ڪجهہ ماني ڍڪيل هوندي! هو ان اميد تي ٽيبل ڏانهن وڌي وڃي ٿو، پوءِ جيئن ئي پنڊي مٿي ڪري ٿو، تہ خالي پنڊي سندس ويچارا ڪڍي سندس آڌر ياءُ ڪري ٿي ـ اميدون نا اميديءَ جي لهر ۾ لڙهي وڃنس ٿيون. هو پهرين کان وڌيڪ پريشان ۽ بي چين ٿي وڃي ٿو. بک نئر ٻار جيان جاڳي پوي ٿي، جنهن آڏو، پاڻ کي ڏاڍو بيوس محسوس ڪرڻ لڳي ٿو. "ڇا ڪريان؟" هو ڪنڌ مٿي ڪٽي سوچي ٿو.

۽ وري کٽ ڏانهن هاڻي خالي نظرن سان ڀت ۾ لڳل تختي ڏانهن ڏسي ٿو ۽ ان هينان ڪوڪن سان لڳل فلمي اخبارن کي ڏسندو وري زال ڏانهن ـ وري هڪ نئين سوچ ڪر موڙڻ لڳيس ٿي.

"ماسيءَ جي گهران ڀڇي اچان، شايد ڪا ٻچيل سچيل ماني ملي وڃي،" هو پنهنجي ان سوچ تي عمل ڪرڻ لاءِ اٿي ٿو. ۽ بہ ٿي وکون مس کڻي تہ وري پير رڪجي وڃنس ٿا. ڪيس ياد ٿا اچن، جوٽس سان ڪيل جهيڙي ۾ ننڍي ماسات جا لفظ "......۽ شوڪت جڏهن، ڏينهن ۾ ٽي ٽي ڀيرا وٺو ڪٽي اسان جي گهر پنڻ ايندو آهي، تڏهن تہ ڪا ڳالهہ ئي ناهي ٿيندي ۽ هاڻي وري انبن جا ٿي مهڻا ڏئين......."

جيتوڻيڪ سندس ماسيءَ پنهنجي ڌيءَ جي ڪيل ان بدڪلاميءَ جي ڪائنس معافي بہ ورتي آهي، پر پوءِ بہ هن ماسيءَ جي گهر وڃڻ بلڪل گهٽائي ڇڏيو آهي. "نہ." مون کي

هن جي گهر نہ وڃڻ گهرجي، بلڪل بائيڪاٽ، هو وري پوئتي موٽي ساڳيءَ ڪٽ تي ليٽي ٿو پوي.

۽ هاڻي بڪ ڪري هانو ۾ چڪ، منيون پيڪوڙجي وڃنس ٿيون. چپ ڏندن ۾ ڏيئي اکيون ٻوٽي ٿو ڇڏي. ڪا گهڙي ساڳي ڪيفيت اٿس، پوءِ جڏهن منهن ۾ پيل گهنج هوريان هوريان لهي وڃنس ٿا تہ اکيون کولي ٿو. ”رن بہ ماني ڪاڏي الاءِ ائين ئي بڪ تي سمهي پئي آهي، زال ڏانهن ڏسي سوچي ٿو، ”نہ پاٿو ساٿو آهي. ٻيو نہ تہ صبح واري ماني ضرور لڪائي رکي هونديئين. ائين تہ جيڪر ننڊ ئي نہ اچيس ها، هوسکينا ڏانهن پاڻ کي مطمئن ڪري وري پنهنجي لاءِ سوچڻ لڳي ٿو. ”نيٺ هاڻي ڇا ڪجي! هاڻ تہ اصل بک لاهہ ڪڍندي پئي وڃي،“ اوچتو پاڻ تي چڙ اچي وڃيس ٿي. ”صبح ڇيو بہ هئائين تہ ماني کائي وڃ ڪٽي جي اڌ ڪلاڪ کن ٻيو ترسي پوان ها تہ ڇا ٿئي ها! هاڻ پل پيو لوڙيان. ڪنڌ کي جهٽڪو ڏئي ٿو. جي ترسان ها تہ وڏ ۾ وڏ هيڊ ڪلارڪ جا دڙڪا ئي تہ ٻڌڻا پون ها. ڦاهي تہ ڪا نہ اچي ها. پلا روز ائين ناهي ٿيندو ڇا.“ آفيس ڪيڏو بہ ساڃهر وڃجي. ڇو نہ بهتر ڪم جو مظاهرو ڪجي، ڪنهن نہ ڪنهن بهاني مڙئي ڳالهائي وٺندو. هرويرو پنهنجي برتري جو احساس ڏياريندو. اڄ بہ ڪٽي ساڳيو ئي رينگي جو رڪارڊ چالو ڪري ها. بس نہ! ان ۾ لهي تہ ڪونہ وڃان ها. پر وڏي ڳالهہ تہ اڄ هو پاڻ ئي ليٽ آيو هو. اف ٿوري ڳالهہ جي ڪري اجايو پاڻ کي سزا ڏنم، جڪ ڪائي اٿي ويهي ٿو ـ پوءِ ڪا گهڙي مٿي کي هٿ ڏئي، هيٺ اکڙيل فرش ڏانهن ڏسندو رهي ٿو.

”هڪ ٻي ڳالهہ بہ آهي نہ،“ هاڻي هو ڪجهہ گهڙيون اڳ رٿيل، خيالن جي تضاد ۾ سوچي ٿو. اهو تہ ڪٽي اتفاق ٿي ويو جو هو دير سان پهتو، پر جي اڄ دير ڪري وڃان ها ۽ هو مون کان اڳ ۾ ئي پهچي ويو هجي ها تہ پڪ ئي نوڪريءَ تان هٿ ڌوئي وينو هجان ها. ڪلهہ ميٽنگ مان ٿي، صاحب موجوده حالتن سبب جنهن نموني ڊيڄاريو ۽ ڌمڪايو هو، ان لاءِ هاڻ آفيس وارن کي تہ رڳو بهانو گهرجي. جنهن سان بہ وير هجين ان لاءِ هڪڙي رپورٽ پڙي آهي. ۽ وري نہ ڳولهيو لڀي! مان درست ئي کهڙو آهيان. حقيقت ۾ صبح نيڪ ئي ڪيم. غريب ماڻهو، نوڪري بہ هلي وڃي پوءِ اصل ڏوٻي ڪتي واري ڪار ـ شڪر آ، نوڪري تہ بچي پئي آ، ايمرجنسي حالتون آهن، ڪنهن کي موقعو ئي ڇو ڏجي ـ اطمينان جو شوڪارو ڀري ٿو. پوءِ وري ڪٽ تي ليٽي ٿو پوي.

”پر هاڻي ڇا ڪجي ـ هاڻي تہ اصل ساهہ پيو نڪري.“ اوچتو ڪنهن خيال سبب ڪيسي ۾ هٿ هڻي ٿو. خوشيءَ جي احساس کان اکين ۾ چمڪ اچي وڃيس ٿي. هو ڪٽ تان اٿي ٿو، جڻ انعامي بانڊ جي ڪلڻ واري خبر ملي هجيس، ”ها ڪٻٽ ۾ پيا آهن.“ هو اڳتي وڌي ڪٻٽ کولي ٿو، پوءِ ڪتابن جي هيٺان پراڻي اخبار جيڪا ڪتابن کي مٽيءَ کان بچائڻ لاءِ وڇايل آهي، تنهن جي هڪ ڪنڊ مٿي ڪري ٿو، ڪنڊ خالي ڏسي مايوس

ٽي وڄي ٿو! شايد سڪينا ڪنيا آهن. ڏڳهو شوڪارو، وري ساڳي ڪٽ! ”اهي ٻارنهن آنا ئي ملن ها ته جيڪر چئين آني ڪن جا ڀڳڙا ئي ونجن ها، ڪجهه ٻل ٽئي ها! ڀلا هن ڪان پڇان.“ هو سڪينا ڏانهن ڏسي ٿو جيڪا چپ چاپ ستي پئي آهي. هن جي اهڙي نموني سمهي رهڻ ۾ لٽل ڇهري ڏانهن ڏسڻ تي الائجي ڇو مٿس رحم اچي وڃيس ٿو. بخار اٿس، اتي ته وري دوا جي گهر ڪندي ۾ مان وري ڪجهه ڏيڻ بدران چوانس ته ٻارنهن آنا تو ڪنيا آهن. ڏاڍو نهندس ائين چوندي! نه پاڻ ڪان ايڏي خود غرضي نه پڄندي. ڇڏينس ڀلي ستي پئي هجي. هو هن جي هيڏ جهڙي ڇهري ڏانهن ڏسي سوچي ٿو، ”فرض ڪجي دوا لاءِ ڪٽي گهر نه به ڪري ته ضروري ناهي ته ٻارنهن آنا بچائي رکيا هجنس. ڏنوئي ڇا اٿمانس. اجايو پاڻ کي خراب ڪرڻو.“ وري اتي تو 7 لاشعوري طور تي ساڳيو ڪٻٽ کولي وري اخبار جي ساڳي ڪنڊ مٿي ڪري ٿو ۽ جڏهن اها جاءِ وري به خالي ڏسي ٿو ته پنهنجي ان حرڪت مٿان ڪکو وکو ٿئي ٿو. پوءِ کن لاءِ ڪجهه سوچڻ بنا اتي ڄمي وڃي ٿو.

هاڻي وري پنهنجي بي ترتيب زندگي وانگر بي ترتيب ڪتابن کي اٿلائڻ پٿلائڻ لڳي ٿو. اجايو، بي مقصد، ۽ ائين انهن هينان دبيل پنن تي نظر پويس ٿي، جيڪي ڪجهه ڏينهن اڳ ڪهاڻي لکڻ لاءِ آفيس مان ڪٽي آيو هو، ۽ چاهيندي به ڪا ڪهاڻي لکي نه سگهيو هو. ”چو نه ڪا ڪهاڻي لکان؟ان خيال سبب پنا ڪٽي ٿو. ”اَٽ ڏهه مهينا ته ٿيا هُوندا جو ڪُجهه به لکي نه سگهيو آهيان. ائين ته بلڪُل ختم ٿي ويندس.“ ڪوجهه گهڙين لاءِ بُک وِسري وڃيس ٿي. هُو ڪٻٽ بند ڪري اچي کٽ تي ويهي ٿو.

پر ڇا لکان؟ سوچي ٿو.

۽ هاڻي ڪيتري دير گُذري وئي آهي جو هُو مٿي کي هٿ ڏئي وينو آهي. بُک سبب ذهن به ساٿ نه ٿو ڏئيس. هاڻي ڇا ڪجي؟ ڪُجهه ته ڪجي. سوچي ٿو. نيڪ آهي پڙهان ٿو. ائين پڙهندي پڙهندي شايد ننڊ ئي اچي وڃي. ڪتابن جي ڪٻٽ ڏانهن ڏسي ٿو. مُنهن ۾ ناگواريءَ جا گهُنج پئجي وڃنس ٿا. نه دل ڪچي ڪچي تي ٿئي. پڙهندس ته الٽي! هاڻي پنا پنهنجيءَ پر ۾ رکي سُمهي ٿو پوي. ذهن ٽڪل ٽڪل ۾ خالي محسُوس ڪري ٿو. ان لاءِ اکيون بُوٽي ٿو ڇڏي.

وري سوچن جا طُوفان ذهن جي بُنيادن کي لوڏڻ لڳنس ٿا. سوچون، پنهنجي آئيندي جون ۽ آئيندو نظر ايندڙ پريشانين جي ڪُن ۾ قاتل! زندگي ڏاڍي، ڪڙي زهر اکيون کولي مٿي ڇت ڏانهن گهُورڻ لڳي ٿو. ڪا گهڙِ ذهن ساڻو ساڻو محسُوس ڪري ٿو. هاڻي ڪنڌ کي جهٽڪو ڏئي پاسو بدلائي ٿو. نظرون مينهن سبب ٽيڏيءَ ٽيل پٽ ڏانهن ڪجي وڃنس ٽيون. ”اوهه! هينئن ته جاءِ ڪِري پوندي ۽ جي ڪِري پئي ته ڪاڏهون نهرائبي؟ پُراڻا فڪر نئينءَ سوچ جي صليب تي ٽنگي ڇڏنس ٿا. پنهنجي محرُوم

زندگيءَ جو ڏُکوئيندڙ احساس لڳندڙ واريءَ تي تڙيل پکڙيل توهرن جو نه کُٽندڙ سلسلو، هڪ کُنڊ ۾ پاڻ اُيو تيل، سڄو ڪنڊن سان ڀريل، پنهنجي ذات سُڪي سڙي ختم تي ويل، ڪنهن کي منجهانس ڪو فائدو نه حاصل ٿيندڙ تڏو شُوڪارو ڀري ٿو. ڇا ڪجي؟ هزارين پريشانيون آهن. ڪنهن سان مُنهن ڏيان؟ پريشانيءَ جي عالَم ۾ اتي ويهي ٿو. هاڻي پيسا هُجن ته جيڪر مهل ۾ نهرائي ڇڏجي. نه نهرائڻ جي صُورت ۾ ڪِرِي پوَندي پوءِ ته ويل ۾! هو ٻئي هٿ مٿي کي ڏئي سوچي ٿو. ڪيس ڪُجهه سمجهه ۾ نه ٿو اچي. ڇا ڪجي؟ ڪنڌ کي هلڪو جهٽڪو، مائٽ آهن، سي ٻه نه هُئڻ برابر! ٻيو ته نهيو پر سڪٽي همدردي ٻه ڪانئُن نه پُڄي. بس آهي ته پنهنجو ابو امڙ، ٻيو سڀ ڪُوڙ! افسوس ڳاڏڙ ڏُک ڀري پِيڙا سندس ڇهري منجهان ظاهر ٿيڻ لڳي ٿي. اکين ۾ ڳوڙها ڀرجي ٿا وڃنس. هڪ ڊگهو شُوڪارو! پوءِ مُنهن تي هٿ ڏئي اکيون بند ٿو ڪري ڇڏي.

ڪيتري دير گُذري وئي آهي پر هن جا هٿ هن جي مُنهن تي ساڳيءَ طرح پيل آهن ۽ هن جون اکيون اڃا ٻه بند آهن. سوچن جا سوين قافلا ذهن جي رڻ ۾ ڀٽڪندا رهنس ٿا ۽ هُن جي حالت ان مُسافر جهڙي پئي لڳي، جو رستو ڀُلجي ڪنهن اهڙي جزيري ۾ وڃي ڦاسي، جتي ماڻهو ته ملنس پر انهن جي ٻولي هن لاءِ بلڪُل ڌاري هُجي. ان جزيري جا باشندا جڏهن ته هزارن جي تعداد ۾ گڏجي ڪيس رڙيون ڪري ڪُجهه سمجهائڻ جي ڪوشش ڪندا هُجن پر انهن جو مفهُوم هن جي قطعي سمجهه ۾ نه ايندڙ هُجي. هو اکيون کولي ٿو. پوءِ مٿي کي ٻنهي هٿن سان هلڪا هلڪا زور ڏئي ٿو. پوءِ ڪر موڙي کٽ تي سُمهي ٿو پوي.

ڪُجهه گهڙين بعد سندس مُنهن ۾ پيل پريشانيءَ جا گهُنج ڊهي وڃن ٿا. هن جي ڇهري تي اهڙي سرهائي اچي وڃي ٿي. جيئن ڪو ڀٽڪيل مُسافر اوچتي پنهنجن سان ملي وڃي بهتر ٿيندو ته سڀ ڪان پهريان آفيس سُپرينٽينڊنٽ سان ملان. شايد رحم اچي وڃيس. پوءِ ته پئون ٻارهن آهي. سوچي ٿو پر رحم ڇا جو؟ مان ڪو پنانس ٿو ڇا؟ مان ته پنهنجو حق پر چوانس کهڙي نمُوني؟ ڀلا ائين سڌن لفظن ۾ نه چوانس ته مُون سان هيڏو ظُلم ڇو؟ نه ائين نيڪ نه ٿو لڳي. بلڊ پريشر جو مريض آهي. چڙي پيو ته نهيل ڪم بگڙي ويندو ته ڀلا....... هو سوچ ۾ گُم ٿي وڃي ٿو.

ها هن اڳيان ويچارو ٿي ٻيهبو. سبب پُڇيائين ته ڇئي ڏيندومانس پر چوانس ڪيئن؟ اصل مُونجهارو ته اهو آهي يا ائين صحيح ٿيندو ته بس نيڪ آهي. هڪ زوردار خط لکي ميز تي رکندومانس. پوءِ ڏِسان ڪيئن نه ٿو مڃي؟ چوَندا آهن غرض مهل گڏهه کي ٻه بابو چئبو آهي پر اهو سڀ ڪُجهه مُون کان پُڄندو. سوچي ٿو. ڪيس ياد ٿو اچي منظور جو لٽل ڇهرو!

ڇو اڄ اُداس پيو ڏِسجين؟

يار سُپرينٽينڊنٽ نوڪريءَ مان ڪيرائي ڇڏيو آهي.

پر ڇو؟

پنهنجي طاقت ڏيکارڻ خاطر

آخر ڳالهه ڇا هُئي؟

هُو ڪراچيءَ پئي ويو ۽ مان هُن جي ريل ۾ جاءِ رکڻ نه ويس. هُو ڪلارڪن کي پنهنجو ذاتي نوڪر ٿو سمجهي.

شوڪت ٿڌو شُوڪارو ڀري ٿو. آهي ته ڀرن ڪان ڀير گهُرڻ پر وري به ڏِسجي. داءُ هٽي ٿو ڏِسان! ڀيو نه ته پنجو ڇڪو ڪٽي ئي سهي ڪُجهه نه ڪُجهه ته ضرُور پوَندو. هينئن جو ٻين کي خوش ڏِسي سڙندو ڪامندو رهان ٿو. سُياڻي پنهنجو وارو به ته وري سگهي ٿو. ڇوَڻ ۾ نُقصان ئي ڪهڙو آهي؟ هُو پڪو پهه ڪري ٿو. اڳي جيءَ پيٽ ۾ مُون سان رويو به سُنو ٿيندو پيو وڃيس. ٻين سان سنئين مُنهن ڳالهائيندو به نه ۽ مُون سان هرون ڀرون ڳالهائڻ جي پيو ڪندو. مان ته اڇڻ شرط ڀهريان هُن کي ئي سلام ڪندو آهيان. ڇا ڪجي؟ مجبُوري آهي. اڳتي ڪٽي وڏيڪ هينانهين ونبي. اوٻاسي ڏئي ٿو.

پر مان ايڏو ڪرندو ڇو پيو وڃان؟ ذهن بغاوت جي جيين سان ڀڙڪي ٿو اٿيس. نه پاڻ کان ائين ڪونه پُڇندو. هڪ واهيات ماڻهوءَ آڏو ڪِري پوان، جنهن ۾ ڪو ماڻهپو ئي ڪونهي. نه ان ماڻهوءَ آڏو نه جهُڪبو. پڪو فيصلو آهي. اوچتي سندس نظر زال جي ڦڪي، هيڊ جهڙي ڇهري ڏانهن وڃي ٿي. هن کي خوشيون گهُرجن. دوا گهُرجي ۽ مُنهنجيءَ خودداريءَ ڪري مُون سان گڏ هيءَ به پئي ٿي پوڳي. اُف هڪ ٻيو شُوڪارو ڀري ٿو. پوءِ وري ساڳيءَ ٿيڙيءَ پٽ ڏانهن ڏسي ٿو. ڏسندو رهي ٿو ۽ پوءِ ٿيڙ بدران نظر اچيس ٿو. آفيس جو منظر ڪيس ياد ٿو اچي رفيق، جيڪو هُن جي آفيس ۾ ورڪ چارج ڪلارڪ آهي، جو ٻن سالن کان لاڳيتو ٽائيپ ڪندو رهيو آهي ۽ شايد ايندڙ ڪُجهه سالن ۾ به ورڪ چارج ڪلارڪ جي حيثيت ۾ ٽائيپسٽ رهي.

اڄ صُبح وري رفيق سان ڪيل گُفتگو ياد اچيس ٿي ۽ هاڻي پٽ جو ٿيڙ وري نظر اچيس ٿو ۽ نظر اچڻ جي باوجُود ان جو هاڻي فڪر نه ٿو ٿئيس. هُو تڪڙ ۾ سيراندیءَ کان رکيل ڪاغذ ڪڍي ٿو. مُون کي ان موضُوع تي لکڻ گهُرجي. ضرُور لکڻ گهُرجي. هُو لکڻ جي تياريءَ ۾ ڪاغذن جي مٿان پين رکي، ٽُٽل سلسلن کي ڳنڍڻ جي ڪوشش ٿو ڪري. اوچتي هٿن ۾ حرڪت اچي وڃيس ٿي.

............................

هُو دروازي مان داخل ٿيو. هڪ هڪ ڪلارڪ سان هٿ ملائڻ بعد مُون سان خالي هٿ ملائي خاموشيءَ سان وڃي ڊگهن ڄنگهن واري ڪُرسي سنڀاليائين. هُن جي سامهُون هڪ پُراڻي ٽائيپ رائيٽر مشين رکيل هُئي، جنهن جيءَ پر ۾ ڪاغذ ٽائيپ ڪرڻ واسطي رکيل هُئا. ان ڏينهن هُو ڪنهن ڪلارڪ سان ڳالهائڻ بنا ٽائيپ رائيٽر ۾ ڪاغذ وِجهي ٽائيپ ڪرڻ ۾ مشغُول ٿي ويو هو.

هُو ۽ مان هڪ ئي آفيس ۾ ڪم ڪندا آهيون. فرق رُڳو ايترو آهي ته هُو ورڪ چارج ٽائيپسٽ آهي ۽ مان ريگيولر ڪلارڪ! باقي بار ٻنهي تي ساڳيا آهن. ساڳيون ئي پريشانيون، ساڳيون ئي مُصيبتون، ٻئي قرضن ۾ وَڪوڙيل، خوشيون پاڻ کان ڪوهين ڏُور! مُنهنجي وجُود مٿان ٽن زندگين جو بار آهي ۽ هُو اٺن ڀاتين جي زندگيءَ جو گاڏو اڪيلي سِر ڇِڪيو رهيو آهي. باقي مُنهنجي ڪپڙن ۽ هُن جي ڪپڙن ۾ ايترو ئي فرق آهي جيترو هُن جي پگهار ۽ مُنهنجيءَ پگهار جي وِچ ۾! مان هُن کان چاليهه رُپيا مٿي ڪٽندو آهيان ۽ هيءُ مُنهنجي مُقابلي ۾ وري ڪپڙا اوترا ئي سادا پائيندو آهي جيترا مُون کان پئسا گهٽ ڪٽندو آهي. هُن جي ڪپڙن مان ائين لڳندو آهي ڄڻ هُو ٽائيپسٽ نه پر مليريا کاتي جو پٽيوالو هُجي. حد کان وڌيڪ سادگي پسند شايد ان لاءِ ٿي پيو آهي جو هن جي ٿوريءَ پگهار تي هن جي گهٽن ڀاتين ڪي زندهه رهڻو ٿو پوي. هُن جي عالي شان زندگي گهارڻ تي هن جي سامهُون ويهندڙ ٻه ڪلارڪ پاڻ ۾ اڪثر سُرباٽ ڪندا آهن ۽ هُو انهن جي اکين ۽ چهرن ڪي پڙهي، وڏي ڳالهه ته سڀ ڪُجهه ڄاڻندي به لنوائي ڇڏيندو آهي.

هُو جڏهن نئون نئون اپائينٽ ٿي آيو هو تڏهن هُن جي سُٺن ڪپڙن جو ڏاڪو گهٽن تي ڄمي ويو هو. خاص ڪري هُن جي سامهُون ويهندڙ ٻئي ڪلارڪ ڪانئُنس ڏاڍو مُتاثر ٿيا هُئا...... ۽ تڏهن هُو مُون کي ڏاڍو خود دار نظر آيو هو. پوءِ هڪ ڏينهن مُون کي پاڻ ئي ٻُڌايو هُئائين ته اهي ڪپڙا هُو ڪلارڪن تي رعب وِجهڻ خاطر هڪ دوست کان وٺي آيو هو!

انهن ڪپڙن واپس ڪرڻ کان اڳ هُن ۾ جيڪا مُون کي خودداري نظر آئي هُئي سا پوءِ انهن سُٺن ڪپڙن جيان هن وٽان هميشه لاءِ دُور هلي وئي هُئي. هُن کي هن جي مسڪين حال تي، هن جي سامهُون ويهندڙ ٻئي ڪلارڪ ٺٺولين سان سنگسار ڪندا آهن ۽ هُو ان لاءِ ڪُجهه نه ڪُڇندو آهي جو ڪيس لڳندو آهي اهي ٻئي پنهنجي پاڻ تي ٺٺوليون ڪندا آهن ۽ اينڊڙ دور ۾ پنهنجي پاڻ کي ننگو ڪرڻ لاءِ ئي هُن جي غريبيءَ کي اُگهاڙيندا آهن.

هُو پنهنجي ڪم سان ڪم رکندو آهي ته جيئن هيڊ ڪلارڪ هُن منجهان راضي ٿي وڃي پر اسان جو هيڊ ڪلارڪ احساسن کان خالي، ڄڻ ته بيجان پٿر آهي. ڪيڏو به

ڪم چو نہ ڪيو وجي؟ هن جي واتان بہ لفظ شاباس جا تہ نهيو پر گهٽي ڪم جو اثر جڻ تہ اُلٽو ٿيندو آهي. رفيق مٿان تہ اصل ڏاڪا ٻَڌي چڙهي ويندو آهي.

............................

اوهہ، الا! ابوءِ، اوهہ! زال ڪِنجهڻ لڳي ٿي. ان لاءِ هُو کهاٽي اڌ ۾ ڇڏي هُن ڏانهن ڏِسي ٿو، پوءِ هُن ڏانهن وڌي اچي ٿو.

طبيعت ڪيئن اٿئي؟ زال کان پُڇي ٿو.

مٿي ۾ سُور آ، ڏاڍو سُور آ! جوٽس ڪِنجهندي وراڻي ٿي. سمجهان ٿي ڪا رڳ ڦاٽڻ واري آهي.

هٿ وڌائي سندس نبض ڏِسي ٿو. هيءُ بُخار هاڻي ٿيو اٿئي ڇا؟ نرميءَ سان چويس ٿو. صُبح تہ نيڪ ڏسي ويو هومانءِ!

ٿورو ٿورو صُبح هو تہ سهي پر وڏيون بيماريون ڪاٿي، نرجي جو ٿي وئي آهيان نہ! ان لاءِ هلڪو سلڪو بُخار هاڻي اثر ئي نہ ٿو ڪري. هوءَ زور سان اکين جا ڇپر مٿي ڪري هُن ڏانهن ڏِسي چوي ٿي پر باهہ لڳيس! مٿي جي سُور هٽي ڪيرائي وِڌو آ!

ڪا گوري بوري ڪاڌي اٿئي؟

ها........ وراڻي ٿي ۽ جائي ٻي ڳالهہ ٻُڌئي؟ صُبح دائي آئي هُئي. ڇيائين جي دوا مُڪمل نہ ڪرائبي تہ ٻار ڪِري پوَندُئي!

مُون کي خبر هُئي تہ هوءَ اهو ئي چوَندي. هُو سامُهُون ٽيڏيءَ ٿيل پيٽ ڏانهن ڏِسندي ڪنهن تعجب کان سواءِ وراڻي ٿو. جڏهن نصيبن جو سڄ بدنصيبيءَ جي ڪڪرن ۾ لڪي ويندو آهي تہ پوءِ ائين ئي ٿيندو آ سگهينا!

تہ ڇا تُون چاهين ٿو تہ ائين ٿيندو رهي ۽ مان شڪيلا وانگر تڙپي تڙپي مري وڃانءِ! ۽ تُون...... جوٽس جو آواز پرجي وڃي ٿو. هوءَ نماڻا نيڻ کڻي هُن ڏانهن ڏسڻ لڳي ٿي. هُن جي اهڙيءَ طرح پاڻ ڏانهن ڏِسڻ تي هو ائين محسُوس ٿو ڪري جڻ تہ هُن جي رُوح کي ٻاٻري ڪنڊن جا رهڙا ڏئي رتوڇاڻ ڪيو ويندو هُجي. هُو پنهنجو زخمي رُوح ڪيس ڏيکارڻ ٿو چاهي. هُو هُن سان گهڻو ڪُجهہ ڳالهائڻ ٿو چاهي پر اندر جو روڄ اندر ۾ سانڍي ڪنهن جواب ڏيڻ کان سواءِ ئي اچي کٽ تي ويهي ٿو.

جوڻس مُسلسل بيمارين جي ڪري، هڏن مُٺ وجي بچي آهي ۽ هاڻي بُخار ۾ وَڪوڙي پئي آهي پر هُن جي ڪيسي ۾ جيئن ته پئسا ڪونه آهن ان لاءِ هُن ڪي پنهنجو وجُود پگِهل آئيني جيان پورا پورا لڳي ٿو.

هُو سوچي ٿو انسان جيڪي ڪُجھ چاهي ٿو پل اُهو سڀ ڪُجھ حاصل ڪري نه سگھي پر مُسلسل عذاب مان ته ڇوٽڪارو مليل هُجيس. ائين ڇو نه ٿو ٿئي؟ هُو ڊگھو ساهه ڪڍي ٿو. شايد ائين ڪڏهن به نه ٿئي. هُو مايُوسيءَ وِچان زال ڏانهن ڏِسي ٿو، جيڪا پرتي مُنهن ڪري چُپ ٿي وئي آهي. زال مان نظرون ڪڍي ٿو. پاڻ ڪي به ڪيترِيءَ ئي دير تائين چُپ لڳي وئي اٿس. لڪڻ تان ارواح ڪڇي ويو اٿس. دل چاهيس ٿي ته رڙيون ڪري روئي پوي. ننڍن ٻارن جيان روئڻ کان بس نه ڪري، مُسلسل روئندو رهي ۽ اوچتي هُو بلڪُل ننڍن ٻارن جيان چِپ ڪڍي روئي پوي ٿو ۽ آهستي آهستي سُڏڪا ڀرڻ لڳي ٿو پنهنجيءَ محرُوميءَ تي، پنهنجيءَ بي مقصد زندگيءَ تي! اندر ۾ اُٿلون ڪائيندڙ روڄ آهستي آهستي گهٽجي وڃيس ٿو. پوءِ هُو بي دليو لڪيل پنن ڏانهن ڏِسي ٿو ۽ اهي ڪڍي نه چاهيندي به پڙهڻ لڳي ٿو. بي دليو پڙهندو رهي ٿو ۽ پوءِ آخري سِٽن تي پهچي ٿو.

هُو پنهنجي ڪم سان ڪم رکندو آهي ته جيئن هيڊ ڪلارڪ هُن منجهان راضي ٿي وڃي پر اسان جو هيڊ ڪلارڪ احساسن کان خالي جڻ ته بيجان پٿر آهي. ڪيڏو به ڪم ڇو نه ڪيو وڃي؟ هُن جي واتان هڪ لفظ به شاباس جا ته نهيو پر گهٽي ڪم جو اثر جڻ ته اُلٽو ٿيندو آهي. رفيق مٿان به اصل ڏاڪا ٻڌي چڙهي ويندو آهي.

هُو آخري سِٽون پڙهي پوريون ٿو ڪري ته ذهن ۾ گڏ ٿيل مواد پني تي هارجڻ لاءِ سٽون ٿو ڏئيس ۽ هُو وري لکڻ لڳي ٿو.

.................................

مسٽر! نوڪري ڪرڻي اٿئي ته پنا ضايع ڪرڻ ڇڏي ڏي!

جي سائين!

جي سائين ڇا؟ روزانو هيتريون ساريون چُڪون آخر ڪيستائين برداشت ڪجن؟ ٻُڌاءِ!

سائين اڳتي!

واقعي هاڻي هُو تمام هوشياريءَ سان ڪم ڪندو آهي پر تنهن هُوندي به ڪانئُنس ڪڏهن نه ڪڏهن ڪا چُڪ ضرُور ٿي ويندي آهي. پوءِ ته دڙڪن جي ڦاهي ڳچيءَ ۾

پئجي ويندي اٿس. هُن جي هڪ چُڪ سبب هيڊ ڪلارڪ آفيس ڪٽي مٿي تي ڪٽندو آهي. ڪلارڪ آڏو ته نهيو پر عام ماڻهو، جن جو آفيس سان رُڳو ڪاروباري تعلق هُوندو آهي، هُو اُنهن آڏو به ڪيس ذليل ڪندي ناهي مُڙندو.

هڪ ڏينهن ته هُو مُون سان روئي پيو...... همت نه هار رفيق! ڪيس چيو هُئم. هڪ اهڙو ڏينهن ضرُور ايندو جڏهن تو ڪي ۽ مُون ڪي هن واهيات پوڙهي آڏو ذليل ٿيڻو نه پوَندو.

هُن وراڻيو مُون ڪي ڏُک ان ڳالهه جو نه آهي ته ڪو هُن مُون ڪي هيترن ماڻهن اڳيان بيعزتو ڪيو آهي پر ڳڻتي رُڳو ان ڳالهه جي پئي ٿئي ته هُو مُون ڪي نوڪريءَ مان ڪڍڻ جا دڙڪا پيو ڏئي. سوچ! مان نوڪريءَ مان نڪري ويس ته مُنهنجي گهر وارن جو ڇا ٿيندو؟ هُن اُونهو شُوڪارو ڀري مُون ڏانهن ڏٺو هو.

رفيق! صلاح ڏيانءِ؟ مُون چيو.

هُن فقط مُون ڏانهن ڏٺو، ڪُڇيو ڪُجهه به نه هُئائين.

رفيق! زندگيءَ سان لڙجي يا ان هٿان چُپ چاپ شڪست قبُول ڪجي؟ دُنيا ۾ جيئڻ جا رُڳو اهي ٻه رستا آهن ۽ ٽيون رستو ڪو به ڪونهي. مان سندس ڪُلهي تي هٿ رکي ڳالهائي رهيو هُئس. مُون محسُوس ڪيو آ رفيق! ته تو ۾ جدوجهد ڪرڻ جو حوصلو به آهي ته جذبو به! پوءِ ڇو تون ان واهيات نوڪريءَ کي لَت نه ٿو هڻين؟ ڇا لاءِ ان ڏينهن کان ڊڄين ٿو جو اچڻ وارو آهي، جنهن ۾ تو ڪي نوڪريءَ مان ڪڍيو ويندو؟ هُن حيرانيءَ وچان مُون ڏانهن ڏٺو. ڪنهن سخت لهجي ۾ جواب ڏيڻ بدران ڏاڍيءَ نرميءَ سان پُڇيو هُئائين. پوءِ مُون ڪي ڇا ڪرڻ گهُرجي؟

ڇيم محنت ڪر! مزوري ڪر! انسانن جي اُن ڀِڙيءَ تي وڃي بيهه جتي مُون ۽ تو جهڙا هزارين ماڻهو مزدوريءَ لاءِ اچي گڏ ٿيندا آهن.

ڇا ضروري آهي ته هفتي جي ستن ڏينهن مان ست ئي ڏينهن مزدُوري ملي ۽ نه ملڻ جيءَ صُورت ۾ مُنهنجي گهر جو بار ڇا تون ڪٽندين؟

هُن مُون کان اهڙي نمُوني پُڇيو هو جو مان ڪيس تڪڙ ۾ ڪو به جواب ڏئي نه سگهيو هُئس ۽ هُو اُتان هليو ويو هو.

مُون گهر اچي محسُوس ڪيو هو ته مُون ڪي ان جذبات کان ڪم وٺڻ نه گهُربو هو. هُن سان هُن جي ڏُکن ۾ شريڪ ٿيڻ گهُربو هو. هُن سان همدردي ڪرڻ گهُربي هُئي

نہ ڪي اهڙي صلاح جنهن سان هُو مُون کي خود غرض سمجهڻ لڳي. مان ڪيس دوست نہ لڳان، عام رواجي ڪلارڪن جيان احساسن کان وانجهيل ڪمپيوٽر لڳان.

ان جي ٻئي ڏينهن مُون ڪانئُنس معافي گهُري هُئي ۽ هُو مُنهنجي معافي گهُرڻ تي حيران ٿي ويو هو. هُن چيو هو....... تُنهنجي اها ڳالهہ ٺيڪ ۽ مُون کي بہ لڳي ٿو تہ مان پنهنجيءَ ان سوچ تي غلط نہ آهيان. اسان ٻئي برابر آهيون. ان لاءِ معافيءَ جو تہ سُوال ئي پيدا نہ ٿو ٿئي.

۽ وري چار ڏينهن اڳ هُو ڏاڍو پريشان پريشان آفيس ۾ آيو هو. ڪنهن سان ملڻ بنا هيڊ ڪلارڪ جي چڪ ڏنل ڪمري ۾ اندر ويو هو. پوءِ ساڳيو ئي پريشان پريشان آفيس سُپرينٽينڊنٽ جي برانچ ڏانهن وڃي وري اچي مُون سان مليو هو.

يائو! خير تہ آهي...... سندس پريشان چهرو ڏِسي مُون ڪانئنس پُڇيو هو.

ٻُڌ! هُو ڪِيت ڏئي ڪن لاءِ چُپ ٿي ويو. ساڳي وقت پريشانيءَ ۾ اجا بہ واڌارو اچي ويس. يار ڳالهہ آهي تہ مُنهنجي گهر واري ڏاڍي بيمار آهي. هوءَ اُميد واري آهي. هُو وري چُپ ٿي ويو. لڳي رهيو هو هُن کي وڏيڪ ڳالهائڻ لاءِ لفظ نہ ٿي مليا. هُو ڏاڍو مُنجهيل مُنجهيل پئي نظر آيو.

ڇا ڳالهہ آهي؟ هُن کي پريشان ڏِسي هُن جي سامهُون ويهندڙ ڪلارڪ مُرڪي پُڇيس.

ڪُجهہ ناهي. هُن تڪڙ ۾ وراڻيو. پوءِ مُنهنجيءَ ٻانهن ۾ هٿ وِجهي مُون کي ٻاهر وٺي آيو.

يائو! تو وٽ ڪُجهہ پئسا هُوندا؟ ڏاڍيءَ نماڻائيءَ سان پُڇيائين. سئو رُپيو ڪن گهُرجي. واعدو آ پهرينءَ تاريخ ڪيئن بہ ڪري تو کي موٽائي ڏيندُس.

مُون اُونهو شُوڪارو ڀريو. ڪيس سمجهائڻ جي ڪوشش ڪيم. رفيق! تُون مُنهنجو گهاٽو دوست آهين. ٽن سالن کان مُون سان لاڳيتو گڏ رهيو آهين. تُون ڀاڻ چئہ ڇا مان انهن ماڻهن مان ٿي سگهان ٿو جيڪي هُوندي سُوندي ڪنهن جي مُشڪل ان لاءِ آسان نہ ڪندا آهن جو ائين ڪرڻ سان انهن جي اندر سُتل ماڻهو جاڳي پوَندو آهي؟

هُن الائجي ڇا سمجهي اطمينان جو ڊگهو ساهہ کنيو هو.

مُون چيو هو مُنهنجيون گهرو حالتُون تو کان ڳُجهيون ناهن. پروڪي سال ڳهه ڳاري زال جو علاج ڪرايم. اڄ گهر ۾ جيڪڏهن ڪو سونو ٽپڙ ئي هُجي ها ته جيڪر اهو ڪپائي به تُنهنجي مدد ڪريان ها پر خُدا شاهد آهي.....

چئو مان هلان تو! ذري گهٽ روئندي چيو هُئائين.

ڪيس مُطمئن ڪرڻ لاءِ سڌ ڪيم. رفيق! ترس! مُنهنجي ڳالهه ته ٻُڌ!

پر هُو بيٺو نه. رُڳو ويندي ويندي ايترو چيو هُئائين بس تُنهنجي مهرباني! ۽ پوءِ آفيس بائونڊري پار ڪري هليو ويو هو.

۽ ڪلهه خبر پئي ته جوٽس خيراتي اسپتال ۾ پئسن نه هُئڻ ڪري گُذاري ويئي پر مُون ڪي ان ڳالهه تي ڪا به حيرت ڪانه ٿي. ناانصافيءَ واري هھڙي نظام ۾ اها ڪا نئين ڳالهه ڪانهي. مان ذاتي طور هڪ اهڙي شخص ڪي سُڃاڻندو آهيان جيڪو ٿي پيرا ميٽرڪ فيل هُئڻ جي باوجُود مُلڪ جي هڪ اعليٰ عُهدي تي فائز ٿي راتو واهه لڪ پتي بڻجي ويو پر مُنهنجو دوست رفيق ان چنيءَ کان محروم آهي جنهن سان هُو گريجوئيٽ هُئڻ جي ناتي نوڪري ڪري، پنهنجي وڏي ڪُٽنب ڪي جيئڻ جو حق ڏئي سگهي. پنهنجن ننڍن ڀائرن کان ڪتابن جا ٿيلها ڦُرڻ جو نه سوچي.

سو مُون ڪي ڪلهه خبر پئي ته جوٽس گُذاري ويئي. اها ڳالهه ٻُڌي مُون ڪي ٿوري به حيرت ڪانه ٿي پر مُنهنجي اندر ۾ ويٺل هڪ انسان سُڏڪا ڀري رڙي پيو. ڪلهه هُن جي جيوَن ساٿڻ ڪيس اڪيلو ڇڏي هلي ويئي ۽ هُو جنهن جي سيني ۾ پيل وڇوڙي جا گهاوءَ اڃا ڇُٽا نه هُئا ته اڄ آفيس هليو آيو! ۽ هڪ هڪ ڪلارڪ سان هٿ ملائڻ بعد مُون سان خالي هٿ ملائي، خاموشيءَ سان وڃي ڊگهين ڄنگهن واري ڪُرسي سنڀاليائين. هُن جي سامهُون هڪ پُراڻو ٽائيپ رائيٽر رکيل هو، جنهن جيءَ پر ۾ ڪاغذ ٽائيپ ڪرڻ واسطي رکيل هُئا. اُن مهل هُو ڪنهن ڪلارڪ سان ڳالهائڻ بنا ٽائيپ رائيٽر ۾ ڪاغذ وِجهي ٽائيپ ڪرڻ ۾ مشغُول ٿي ويو هو ۽ مان ڪُرسي سوري هُن جي ڀر سان وڃي ويٺس.

ٻُڌي نه تو ميان! ٽيون سڌ آهي! هُو وري ڪهاڻي مُڪمل ڪرڻ کان سواءِ اڌ ۾ ڇڏي زال ڏانهن ڊِسڻ لڳي تو.

ڪو مري يا جيئي! ڪو فڪر اٿئي ڪنهن جو؟

ڀلا مان ڇا ڪريان؟ ٻُڌاءِ!

ڇا تو کان همدرديءَ جا ٻه ٻول به نه ٿا پُڄن؟

جڻ ڪا تيز ڇُري سيني مان لهي دل ۾ چُڀي وڃيس ٿي. پنهنجي ترش لهجي ۾ ڳالهائڻ تي سخت نادم! مُون کي معاف ڪر سڪينا! هُو هُن جي متي ڪان اچي بيهي ٿو.

ڪاوڙ ڪئي اٿئي؟

نہ! نماڻا نيڻ کڻي، ڪنڌ لوڏي چوي ٿي.

ادا شوڪت! ٻاهر ماڻهو آيو اٿئي. پاڙي مان آيل هڪ ننڍي ٻار خبر ڏني اٿس ۽ هُو ڪُجهہ ڳالهائڻ بنا ٻاهر نڪري وڃي ٿو.

اوهہ، خير تہ آهي.

سائين! سُپرينٽينڊنٽ صاحب ياد ڪيو اٿوَ! آفيس مان آيل پٽيوالو چويس ٿو.

ڪاوڙ لڳي ٿي وڃيس. مان ڪو سُپرينٽينڊنٽ جي پيءُ جو نوڪر آهيان جو هِن مهل هلان؟

دل ۾ اچيس ٿو تہ ڪيس چئي ڏئي پر سڪينا جي بيماريءَ ۽ اينڌڙ دور جي بدحاليءَ جو تصوُر ڪيس ائين ڪرڻ نہ ٿو ڏئي ۽ هُو ڪُجهہ گهڙيون اڳ پاڻ سان ڪيل فيصلي تي قائم رهڻ لاءِ ڪانئُس رُڳو وقت ئي پُڇي سگهي ٿو.

ساڍا ست ٿيا آهن.

چڱو تُون اِتي ويهہ تہ مان اچان ٿو.

هُو وري گهر موٽي اچي ٿو.

ڪير هو؟

اهو ئي تہ ٻُڌائڻ آيو آهيان. آفيس مان سُپرينٽينڊنٽ جو پٽيوالو آيو آهي.

هِن مهل؟

ها مجبُوري آهي. وڃڻو ئي پوَندو

پوءِ پلا ايڏانهون دوا تہ مُنهنجي ورتيون اچجانءِ! جيڪا اڳئين پيري آندي هُيئہ! پريشان نہ ٿيءُ! تو ڪي ڏهہ ڪن ڏيان ٿي. باقي ڏهہ ڪنهن دوست کان وٺجانءِ! وٺي ايندين نہ مُنهنجي دوا؟

زال ڪٽ جي ٻانهينءَ تي هٿن جي ترين جو زور ڏئي اُتي ويهي ٿي ۽ آهستي آهستي هلي، ڪٻٽ کولي چانهن جي خالي ڪٽليءَ مان ڏهين جو نوٽ ڪڍي شوڪت کي ڏئي ٿي. هي شميم کان اُڌارا ورتا اٿم. رن کان گهُريم ٽيهہ رُپيا تہ ڏنائين رُڳا ڏهہ رُپيا!

هُو کهاٽيءَ وارن ڪاغذن کي ڪٽ تان ڪڍي ويٺو ٽيٽو ڪري ٿو ۽ نوٽ وري انهن ڪاغذن جي وچ ۾ وِجهي، پنا ڪيسي ۾ وجهي ٿو ڇڏي. باقي آفيس وڃي لکندس. سوچي ٿو.

چا ٿي ڏِسين؟

تُنهنجو روڙيل مُنهن! ڏس تہ سهي هڙٻاٽيون نڪري آيون اٿئي.

مُرکي وراڻي ٿو مان ٺيڪ آهيان. مُنهنجو فڪر نہ ڪر! ۽ اڳتي وڌي ٿو وڃي.

ٻُڌ! جوٽس سڌ ڪريس ٿي.

هُو بيهي رهي ٿو.

اهي ڏهہ رُپيا اٿئي نہ انهن جي دوا نہ آڻجانءِ!

وري چو؟ هُو موٽي اچي ٿو.

ڪنهن هوٽل ۾ وڃي ماني ڪائجانءِ! دوا تو کان مٿي ڪونهي.

مان ماٺهو آهيان. پٿر ناهيان سڪينا....... مان جيڪو تُنهنجي دوا ڪرائي نہ ٿو سگهان، تو کي خوشيون ڏئي نہ ٿو سگهان، سو چا تُنهنجا دوا لاءِ ورتل قرض وارا پيسا پاڻ تي خرچ ڪري ڇڏيندس؟ چا اهو لعنتاٽو مُون کان پُڄندو؟

تُون صُبح کان بُکايل آهين ۽ تُنهنجون مجبُوريون مُون کان ڳُجهيون ڪونهن. پوءِ مُون کي تُنهنجو احساس نہ ٿيندو تہ ٻئي ڪنهن کي ٿيندو؟ مان بہ تہ ماٺهون آهيان يا مُون کي پٿر سمجهيو اٿئي؟

ڪيئن بہ سهي، مُون کان ائين ڪونہ پُڄندو سڪينا! هُو اڳتي وڌي ٿو.

ڏس هاٽي جي دوا آندئي تہ ٻاهر هاري پئي هُوندئي!

وري ساڳيو ٻاراٽو ضد! هُو وري بيهي رهي ٿو.

دل جي ڳالھہ آهي نہ، مُون کان تُنهنجيون اهي ڏرا ڏنل اکيون نہ ٿيون ڏٺيون وڃن.

تہ ڇا مان تُنهنجو ڦڪو هيڊ جهڙو چهرو ڏِسي خوش ٿيندو هُوندس؟ ڇا مان تو کي بيماريءَ جي حالت ۾ پريشان ڇڏي ڪنهن هوٽل ۾ عياشي ڪري سگهندس؟ اهو پُڇندو مُون کان؟ هُو هلندو ٻاهرئين در وٽ پهچي رُڪجي ويجي ٿو. ٻُڌ! مان منجهند دُڪاندار کي ٿورو مجائي آيو آهيان. آهي تہ اول درجي جو...... پر ڪو ٻار موڪلي ڏجانس. شايد سِيڌو ملي وڃي. هُو در ٽُپي ٻاهر اچي ٿو ۽ پٽيوالي سان آفيس ڏانهن هلڻ لڳي ٿو.

........................

مسٽر شوڪت اچي وئين.

جي سائين!

ٿُلهو سُپرينٽينڊنٽ ٽيبل جو وڏو خانو کولي، اُن منجهان ڪاغذن جو وڏو بنڊل ڪڍي ٿو.

هان! هي وٺ! هڪ هڪ جُون چار چار ڪاپيون ڪري وٺ پر جلدي!

سائين مان بل ڪلارڪ آهيان: ٽائيپسٽ نہ! مان نہ ڪندس اهي ٽائيپ! چاهڻ باوجُود ڪُجھہ چئي نہ ٿو سگهي.

ڇا ٿو سوچين؟

چئي ٿو ڏيانس. ڪهڙو آگُونو پٽيندو؟ ۽ هُو چوي ٿو سائين! مجبُوري هيءَ آهي تہ...... سندس نظرون سُپرينٽينڊنٽ جي نظرن سان ملي جهڪيون ٿيو وڃن. لفظ نڙيءَ ۾ اٽڪي ٿا پوَنس.

ڪهڙي مجبُوري آهي؟

سائين! مُنهنجو مطلب آهي تہ...... هُو ڳيت ڏئي چئي ٿو ڏئي. مُنهنجي ٽائيپ جي اسپيڊ بلڪُل ڍري آهي ۽ ان حساب سان اهي ڪاغذ هڪ هفتي کان بہ متي عرصو وٺندا.

تُون پنهنجا اهي لفظ لڪت ۾ ڏيندين؟

هُو چُپ!

ڏس شوڪت! مُون کي مجبُور نہ ڪر تہ مان تُنهنجي خلاف ڪو قدم کڻان. هُو پهريان جيءَ پيٽ ۾ ڪُجھہ نرميءَ سان ڳالهائڻ لڳي تو. تُون ڄاڻين ٿو تہ آفيس ۾ اهڙا رولس پهتل آهن جن ۾ هر هڪ ڪلارڪ کي ٽائيپ لازمي ڄاڻڻ لاءِ هدايت ڪيل آهي ۽ اُن مُطابق مان تُنهنجي مٿان ايڪسپلينيشن ڪال ڪري سگهان ٿو. ٻُڌاءِ! ڇا تُون ساڳيا لفظ لکت ۾ ڏئي سگهين ٿو؟

ڪاغذن ڏانهن ڏسي هن جون ڏرا ڏنل اکيون ٻاهر نڪري اچن ٿيون. اکين ۾ پاڻي ڇُلڪڻ لڳيس ٿو. نہ چاهيندي بہ هٿ ڊگهيري پنا کڻي ٿو وٺي.

اهي ڪاغذ هيڊ آفيس ويندا. ان لاءِ صفائي ۽ احتياط نهايت ضروري آهي.

پر هُو ڪنهن جواب ڏيڻ بنا چُپ چاپ پنهنجيءَ برانچ ڏانهن هليو اچي ٿو. بي دليو ٽائيپ رائيٽر جي پر ۾ پنا رکي اُن ڪُرسيءَ تي ويهي ٿو جنهن تي هُن جو دوست رفيق ويهندو آهي ۽ جا ڪُرسي ٻين ڪُرسين جي مُقابلي ۾ مٿانهين تہ آهي پر ان تي ويهندڙ سماجي رُتبي جي لحاظ کان سيني ۾ ڪمتر ليکيو ويندو آهي.

رفيق کي ڇو نہ چيائين؟ سوچي ٿو هُون! پوءِ ڪنڌ لوڏي ٿو. اڄ جوٽس جو تيجهو آهي. تنهن لاءِ نہ چيائُنس. ڇئبو سُپرينٽينڊنٽ ۾ هاڻي ماڻهپو اچي ويو آهي...... نہ ائي تي نہ ٿو سگهي. پنهنجي وِيچار تي ٽيڪا ٽپڻي ڪري ٿو. هيءَ تہ ماڻهوءَ جو ڦُر ئي ناهي. ضرُور ڪا ٻي ڳالھہ هُوندي. ڪن لاءِ سوچن جي رڻ ۾ ڀٽڪڻ لڳي ٿو. ها ائين ئي ٿي سگهي ٿو. نہ فقط ٿي سگهي ٿو پر رُپئي مان سورهن آنا ائين ئي آهي ڇو تہ هُن جو گهر هتان ڏھہ ميل پري آهي ۽ مان..... اها مُنهنجي بدقسمتي ڇئبي جو وچ شهر ۾ رهان ٿو. هُو اوٻاسي ڏئي ٿو..... اُٿي جيڪر پاڻيءَ ڊُڪ پيان. پنهنجيءَ اِن خواهش کي پُوري ڪرڻ لاءِ اُٿي ٿو. نندي ڪٻٽ ۾ رکيل گلاس کڻي ٿو. پوءِ دروازي جي پر سان رکيل دلن ڏانهن وڌي ٿو وڃي..... در کوليان! سوچي ٿو. ها کوليان ٿو. جيئن ٻاهرين هوا اندر اچي سگهي. باقي پکي جي گرم هوا تہ رهندو ٻُوسٽ ڪري ڇڏيو آهي. هُو وڌي در کولي ٿو. ٻاهر تيز هوا جا جهُوتا هلي رهيا آهن. هُو وڏا وڏا ساھہ کڻي تازي هوا پاڻ ۾ جذب ڪري ٿو. پوءِ در جي پاڙ ۾ رکيل دلي ۾ هٿ وِجهي، اُن مان پاڻي ٿو ڪڍي. ٿي ڊُڪ مس پيري ٿو تہ پاڻي نڙيءَ ۾ اَٽڪي ٿو پويس. گلاس ڇپن کان ڏار ڪري ٿو. پاڻي سِڌو هنياوَ کي ٿو وڃي ونيس. هُو پيٽ تي هٿ رکي ٽائيپ رائيٽر جي سامهُون اچي ويهي ٿو. اهو سڀ پنهنجي غرض جي ڪري لوڙٽو ٿو پوي. نہ تہ ڇا مان ۽ ڇا آفيس ٽائيم بعد ٽائيپ ڪرڻ لاءِ سُپرينٽينڊنٽ آڏو پنهنجي هستي ماري ڇڏيان؟ هُو ٽائيپ رائيٽر ۾ پنا وِجهي، سُپرينٽينڊنٽ کان مليل بنڊل مان پنا ڪڍي ٿو. پوءِ پنهنجي

ڪاٻي پاسي ڪان رکي اُنهن ڏانهن ڏِسندو ٽائيپ ڪرڻ لڳي ٿو. ٽڪ...... ٽڪ...... ٽڪ...... ٽڪ...... ۽ ائين سڄو ڪمرو ٽائيپ رائيٽر جي ٽڙڪي سان گُونجي اُٿي ٿو.

هُن جون نظرون جيٽوٽيڪ بنڊل مان نڪتل ڪاغذن جي اکرن ۾ کُتل آهن پر سندس خيالن جي گهوڙي جي دوڙ سندس گهر جي رستي مٿان آهي.

خبر ناهي لالي حراميءَ سِيڌو ڏنس الائي نه؟ ۽ نه ڏيڻ جي صُورت ۾ اڄ رات به بُک تي! اُف....... اڙي غلطي ٿي وئي. هاڻي ڇا ڪجي؟ ڪُرسيءَ کي ٽيڪ ڏئي ٿو. ڪمري ۾ خاموشي ڇانئنجي وڃي ٿي. مار! هڪ سٽ رهجي وئي ۽ هاڻي وري ٻيو پنو وِڃهٽو پوَندو. مُنهن ۾ بيزاريءَ جا گهُنج پئجي وڃنس ٿا. ڇڏينس! هيڏا ڍِڦ پنن جا آهن، جي هڪ هڪ پنو وري وري ٽائيپ ڪرڻو پيو ته پوءِ صُبح ٿي ويندو. هُونئن به هڪڙي ئي سٽ ته آهي. ڪنهن کي ڪهڙي خبر پوَندي؟ هُو سِڌو ٿي ٽائيپ رائيٽر تي آڱريون رکي ٿو. ڇو نه خبر پوَندن؟ انڌا آهن ڇا؟ اهو ته مان ئي انڌن وارا ٽاڦوڙا ٿو هڻان. هاڻي وينو لوڙيان! هُو خار ۾ ٽائيپ رائيٽر مان پنا ڪڍي ٻيا پنا ٿو وِجهي ۽ وري ڪمزور گُونجي وڃي ٿو. ٺڪ...... ٺڪ، ٽڪ... ٽڪ... ٺڪ ٺڪ......

۽ هاڻي رات جا ٻارهن ٿي رهيا آهن. ان سمُوري عرصي ۾ ڏهه ٻيرا غلطيون ڪري وري نئين سِر ٽائيپ ڪري چُڪو آهي. ان لاءِ ڏاڍو بيزار ٿي ويو آهي. ذهن ۽ دل مٿان ڏاڍو بار ٿو محسُوس ڪري. جيٽوٽيڪ ڪمرو سوَ جي بلب ۽ ٽيوب لائيٽ جي روشنيءَ ۾ وهنتل آهي پر پوءِ به هُو محسُوس ٿو ڪري. هُن جي ذهن ۾ اُوندهه ڇانيل آهي. اُوندهه جيڪا جيئن پوءِ تيئن وڌندي ٿي وڃي ۽ هُو غلطين مٿان غلطيون ڪندو ٿو وڃي ۽ هاڻي وري ڪانٽُنس غلطي ٿي وڃي ٿي. هُو ڏند ڪرٽي، ٽائيپ رائيٽر مان هٿ ڪڍي ڪُرسيءَ کي ٽيڪ ڏئي ٿو. چڙ منجهان ڪُجهه لمحا ٽائيپ رائيٽر ڏانهن گهُوريندو رهي ٿو ۽ پوءِ اکيون ٻُوٽي ٿو ڇڏي.

ڪا گهڙي ڪُجهه سوچڻ بنا چُپ آهي. ذهن ۽ دل مٿان بار وڌندو پيو محسُوس ڪري ۽ هاڻي ڏکهو شُوڪارو ڀري اکيون کولي ٿو. دماغ ۾ سُور جُون سٽون اُڀرڻ لڳنس ٿيون. اوچتي اوڪارو ٿو اچيس. وات تي هٿ ڏئي تيزيءَ سان دروازي ڏانهن ڊوڙي ٿو.

اوڪ...... اوڪ...... در جي ڍِڪيءَ تي اوڪڙُون ويهي ٿو. دل ڪچي ڪچي.... وري اوڪارا اوڪ.... اوڪ.... ڪا گهڙي نڙيءَ مان نڪتل قاتل آواز سان رات جي خاموشيءَ کي ٽوڙيندو رهي ٿو.

پوءِ اُٿي ٿو. اکين ۾ آيل ڳوڙها اُگهي، دلي مان پاڻي ڀري وڏا وڏا گُرُوڙا ڪرڻ لڳي ٿو ۽ پوءِ وري ساڳيءَ ڪُرسيءَ ڏانهن وڌي اچي ٿو. ذهن مٿان اڃان به ساڳيو بار

اٿس. هُو نرڙ تي هٿ رکي وينو رهي ٿو. نہ هاڻي وڏيک ڪم نہ ڪبو. جيڪو ٿيندو ڏٺو ويندو. ڪو مان سندن زر خريد غُلام تہ ناهيان جو سڄي رات لوڙيندو رهان. سوچي ٿو. غرض بہ تہ شيئر جي آهي نہ! هُونئين بہ وقت گُذري پيو. اڳتي ڪٿي اُميد نہ رکبي. تڏو شُوڪارو پري اکيون ٻُوٽي ٿو ڇڏي.

سڪينا جو الائي ڇا حال هُوندو؟ اُٿي ٿو. ٻاهر نظر وجيس ٿي. هر شئي مٿان اُوندهہ جو ڪارو تهہ چڙهيل آهي. هُن کي سواءِ ڪاريءَ رات جي ٻاهر ڪُجهہ بہ نظر نہ ٿو اچي. ٽڙ تڪڙ ۾ پنا ڪٺي هڪ هنڌ ڳنا ڪري، اُنهن مٿان پيپر ويٽ رکي ٿو. هاڻي ڪيڏي نہ پريشان هُوندي سڪينا؟ مان بہ ڏاڍو ڪو ڳنور آهيان. گهر ويس تہ هُن سان سنئين مُنهن ڳالهايم بہ ڪونہ! هُن کان اهو بہ نہ پُڇيم تہ مانيءَ بہ کاڌي اٿئي يا نہ؟ اوهہ! مان ڪيڏو نہ ڪِريل شخص آهيان. اصل ڪميڻو، واهيات! مُون جهڙو ذليل مرد دُنيا جي تختي تي نہ هُوندو. هُو پنهنجي پاڻ کي زال جو ڏوهي محسُوس ٿو ڪري. ڪيڏو نہ بُخار هُيس. ٻاهہ ٿي ٻري. نہ آٿت ڏنيمانس، نہ ڪو همدرديءَ جو اظهار ڪيومانس ۽ وينس واهيات ڪهاڻي لکڻ! اجايو، بي مقصد! پڇتاءَ جو شديد احساس!

ٻاهريون در بند ڪرڻ لڳي ٿو. سڪينا کان پري رهڻ جو افسوس ٿيڻ ٿو لڳيس. در بند ڪري ٿڙيل قدمن سان هلڻ لڳي ٿو. مان انسان نہ آهيان. پٿر آهيان. هينيون چپ ڏندن ۾ ڏئي ٿو. سڪينا جنهن دور مان گُذري رهي آهي شايد ئي ٻچي ۽ مان هُن سان گڏ رهڻ بدران هُن کان پيو دور ڀڄان. اڄ تہ اصل حد ئي ڪري ڇڏيم. محسُوس ٿو ڪري ڄڻ تہ سڪينا هُن جي پهچڻ کان اڳ مري چُڪي هُوندي. اکين ۾ ڳوڙها ڀرجي وجنس ٿا. هينيون چپ ڏندن ۾ اچي ڦاٽي ٿو پئيس. ڪيس سڪينا کان دُوري اختيار ڪرائيندڙ فقط اها نئين لکيل ڪهاڻي ئي لڳيس ٿي. ڪيسي ۾ رکيل پنن ڏانهن ڏِسي ٿو. اُوندهہ سبب ڪُجهہ نظر نہ ٿو اچيس. ڪاوڙ ۾ ڪيسي ۾ هٿ وِجهي پنا ڪڍي ٿو ۽ پوءِ ساڳيءَ ئي ڪاوڙ ۾ پنن کي ڦاڙي ٽُڪرا ٽُڪرا ڪري ٿو ڇڏي. هُو پنهنجي ۽ سڪينا جي وِچ ۾ حائل ٿيندڙ اڌُوري ڪهاڻي ڦاڙڻ کان پوءِ دل تان ڪُجهہ بار هلڪو محسُوس ٿو ڪري.

هاڻي هُو اطمينان سان ڪُجهہ وِکُون اڳتي ڪٿي ٿو ۽ پوءِ حواس گُم ٿيل ماڻهوءَ جيان پوئتي موٽي ساڳيءَ جاءِ تي اچي ٿو. گهڻن ڏينهن کان پوءِ جي لکيل ڪهاڻيءَ جا ڦاٽل پنا، هوا جي زور تي اُڏامڻ لڳن ٿا ۽ هُو اُوندهہ ۾ پنن مٿان هٿوراڙيون ڏيندو رهجي ٿو وڃي ڇو تہ جوڻس جو ڏنل ڏهين جو نوٽ بہ انهن پنن سان گڏ ڦاٽي ويو اٿس!!!

# پروٽوڪول

بند ڪمري ۾ اجلاس جاري آهي. هيءُ اجلاس پارٽيءَ اندر ڊسيپلين قائم رکڻ ۽ ناراض ڪارڪنن جي شڪايتن جي ازالي خاطر طلب ڪيو ويو آهي. ڪارڪنن کي شڪايت آهي ته ميمبر انهن جي حصي جي ڪوٽا به پاڻ کائي ٿا وڃن.

ڏي جواب، وٺ جواب واري ڇڪتاڻي ماحول کي انتهائي جهڳڙالو بڻائي ڇڏيو آهي. معاملي جي سنگينيءَ کي محسُوس ڪندي صُوبائي سطح جو پارٽي اڳواڻ سمُوريون مصروفيتون ڇڏي نبيري لاءِ پهچي ويو آهي. هُو ٻنهي ڌُرين جي وچ ۾ سرچاءَ جي ڪوشش ڪري ٿو. هُن جو سڄو زور ان ڳالهه تي آهي ته ڪنهن به طرح ڪارڪُنن مان بيچينيءَ ۽ بي اعتماديءَ کي دُور ڪيو وڃي.

هڪڙو جوشيلو ورڪر پاڻ سان ٿيل ناانصافيءَ تي ردِعمل ظاهر ڪري ٿو. اسان سان نسورو ناحق پيو ٿئي..... اهم نوڪرين سان فقط ميمبرن جي پُٽن، پوٽن، پائٽين ۽ پاٽيجن کي وَرسايو پيو وڃي. اسان کي ته ديڳ مان کُرڙ به نصيب ڪانه ٿي ٿئي. ڇا اسان پارٽي ورڪر ڪونه آهيون جو اسان کي نظر انداز ڪيو ٿو وڃي؟

نوجوان ورڪر پنهنجون قُربانيون ياد ڏياري ٿو. جڏهن روڊن تي نڪرڻ ۽ قيد ۽ بند جون صعُوبتون سهڻ جو وقت اچي ٿو ته ڪير هُوندا آهن جيڪي ظُلم جي اکين ۾ اکيون وِجهي اُن سان ٽڪرائجي ويندا آهن: جيڪي پوليس، لٺ بازيءَ ۽ گولين جو ڪاڄ بڻجي پارٽيءَ جي وجُود کي زنده رکندا آهن؟ انهن جي قربانين جي ميجتا اها آهي ته جڏهن وٺ ورڇ جو وقت اچي انهن کي ياد ئي نه ڪيو وڃي. ڇو؟ اها زيادتي آخر ڪيستائين برداشت ڪجي؟

ڪمري ۾ وينل باقي ڪارڪُن اتحاد ۽ يڪجهتيءَ جو مُظاهرو ڪندي ميمبرن خلاف نعري بازي ڪن ٿا ۽ اهڙن ميمبرن تي لعنتون وِجهن ٿا جيڪي سندن حق غصب ڪيون وينا آهن. صُوبائي اڳواڻ اُٿي بيهي ٿو ۽ ڪارڪنن کي گوڙ ۽ هُلڙ بازيءَ کان روڪي ٿو. خاموش خاموش...... ڪو هڪڙو ڳالهائي...... ٻُڌو...... ماٺ ڪريو.... مان چوان ٿو ماٺ ڪريو!

ڪُجهه لمحن لاءِ ماٺ ڇانئجي وڃي ٿي ۽ پوءِ اڳواڻ پنهنجي لهجي ۾ انتهائي نرمي آڻيندي ڪارڪنن سان مُخاطب ٿئي ٿو. توهان اسان جا بازو آهيو، اسان جي طاقت

آهيو، اسان جي سر جو ڇٽ آهيو! معمُولي ڳالهين جي ڪري انتشار ۾ ٽوڙ ڦوڙ جو شڪار نہ بڻجو...... غلط فهميون ٿيندون آهن. اهي ٿيندي‌يون ئي ان لاءِ آهن تہ جيئن انهن جو خاتمون ٿي سگهي...... ختم ڪريو اهي غلط فهميون!

سائين! اهي معمُولي غلط فهميون نہ آهن. ساڳيو ناراض ڪارڪُن ساڳئي جوشيلي انداز ۾ ڳالهائي ٿو. اسان گريجوئيٽ، پوسٽ گريجوئيٽ بيروزگاريءَ جو عذاب ٿا ڪٽيون پر اسان ڪي بہ ليکي ۾ نہ ٿو آندو وڃي. توَهان علي محمد ڪان پُڇو ڪو هڪڙو آرڊر بہ ڪنهن ڪارڪن ڪي ڏنو اٿائين؟ پُڇوس!

اڳواڻ ڪارڪُنن جي ڪاوڙ ۾ ڪروڌ ڏسي ميمبر ڏانهن شڪايتي انداز ۾ ڏِسي ٿو.

سائين! مان مجبيان ٿو. ميمبر ڳالهائڻ لڳي ٿو. مان مڃان ٿو تہ پنهنجن ڪي نوڪريون ڏنيون اٿم.... هاڻي انشاءَ الله تعاليٰ هنن ڪي بہ ملنديون..... پر ان لاءِ ٿورو صبر ڪن نہ!

ڪُوڙ ڪُوڙ ۾ شيم شيم جا نعرا لڳن ٿا. ميمبر نڪ جي پڪائيءَ سان وري ڳالهائي ٿو. سائين! هنن کان پُڇي ڏِسو تہ ڇا اهو بہ ڪُوڙ آهي تہ هنن ڪي مشينون ۾ نلڪا نہ ڏنا آهن. هنن کان معلُوم ڪريو تہ اهي نلڪا ڪاڏي ويا؟ ڇا اهي نلڪا پنهنجن چاچن مامن جي گهرن ۾ نہ لڳايا اٿن؟

ڪارڪن سخت رڌِعمل سان وري ڳالهائڻ لاءِ اُٿي بيهي ٿو تہ اڳواڻ هُن ڪي هٿ جي اشاري سان روڪي ٿو. ڪارڪُن وڏيءَ تڪليف سان ضبط ڪري ٿو.

ميمبر پنهنجي ڳري ۾ ڏُکويل آواز سان ڪمري جي سياسي ماحول تي حاوي پئجي وڃي ٿو. هُو ذري گهٽ روئندي چئي ٿو سائين! آيا آهيو تہ هنن ڪي سمجهايو..... هنن ڪي سمجهايو تہ اسان جي بيعزتي نہ ڪن. اسان جي خلاف اجائي نعري بازي بند ڪن. ڇا اسان جي اها عزت آهي جو اسان ڪي پنهنجي تڪ جي ماڻهن ۾ بُڇڙو ۾ بي عزتو ڪيو وڃي. اسان جي تقريرن تي هوٽنگ ۾ نعري بازي ڪرائي ماڻهن ۾ اسان جو اميج خراب ڪيو وڃي..... سائين گُذريل سال ٻوڏ جو امدادي سامان ٿورو ورهائڻ کان رهجي ويو تہ ان ڪي اسڪينڊلائيز ڪرائڻ لاءِ هٿ نوڪين تنظيمن جي نالي ۾ چاڪنگ ڪرائي وئي.

چئبو تہ توَهان ڪي ڇوٽ ڇڏي ڏيون تہ لکڙ هضم، پٿر هضم ڪندا رهو. ڇو؟ اسان ڪي پيٽ ڪونهي؟ ياد رکو اسان نلڪن ۾ سلائي مشينن تي سمجهوتو نہ ڪنداسين...... جيستائين اسان ڪي اسان جو پُورو حصو نہ ٿو ڏنو وڃي تيستائين توَهان

جا وَڪا پٽرا ٿيندا رهندا. ظالمو! اسان کي ڪاڻ لاءِ ڪونهي ۽ توهين اسٽور ڪيل ڪاٺي جو سامان گُذرڻ ڪان پوءِ رستن تي اُڇلائي ڇڏيو ٿا. توَهان کي ڪُجهه بہ نہ چيو ويجي.

وري نعري بازي شروع ٿئي ٿي. اڳواڻ پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻ لاءِ ڪڙڪيدار آواز ۾ ڳالهائي ٿو خاموش خاموش..... هِن کي ٻُڌو..... هن کي ٻُڌو! پوءِ فيصلو ڪريون ٿا..... ڏيان ڏيو..... توَهان سان انصاف ٿيندو.... ٿيندو انصاف توَهان سان......

سائين! مُنهنجي ڪردار ڪشيءَ جي مُهم شروع ڪئي وئي آهي. مُختلف طريقن سان مُون کي لويو ٿو وڃي. اخبارن ۾ بيان بازي ڪئي ٿي وڃي تہ مُون هيترا کي هيترا ڪروڙ ناهيا آهن. مُنهنجي لاءِ کُليل ڪچهرين ۾ چيو ٿو وڃي تہ پنج سال اڳ شهر جي فوٽ پاٿ تي ٻِهہ ڪپائيندو هُئس ۽ هاڻي ڪروڙن ۾ ٿو ڪيڏان! سائين! هنن کي سمجهايو تہ اندر جون ڳالهيون اندر نبيرن. انهن کي ٻاهر آڻڻ سان پارٽيءَ جي ساک مُتاثر ٿيندي.

هڪ پيرو وري گوڙ وڌي وڃي ٿو. ناراض ڪارڪُن الزامن جي ڍگهي لسٽ کولي ٻيهي رهن ٿا. ميمبر جي پاسي ڏانهن ميمبر جا دوست ۽ گهٽگهُرا ڳالهائڻ لڳن ٿا.

مُنهنجي ڳالهہ ٻُڌو.... ٻُڌو! جلد بازي نہ ڪريو! هڪ ٻئي کي برداشت ڪرڻ سِکو! اڳواڻ سندن دليون جيتڻ لاءِ هينائين وٽ وني ڪين سمجهائي ٿو. هڪ ٻئي کي برداشت ڪرڻ سکو..... توهين سڀ اسان جي طاقت آهيو. اسان پنهنجيءَ طاقت کي ڪمزور ٿيڻ نہ ڏينداسين. تاڙيون وَڄن ٿيون. اڳواڻ جي تقرير جاري آهي. هُو ڪارڪنن ڏانهن هٿ کڻي چوي ٿو مُنهنجو توَهان کي چوَڻ آهي تہ ڪو بہ مسئلو، ڪا بہ شڪايت هُجي تہ سڌو سنئون مُون وٽ هليا اچو! مان آهيان نہ توَهان جو وڏو!

اڳواڻ جي حق ۾ نعري بازي ٿئي ٿي. پوءِ ڪارڪن ڪيسن مان نوڪرين، پلاٽن ۽ پرمٽن جون درخواستون ڪڍي اڳواڻ ڏانهن وڌن ٿا. اڳواڻ ڪارڪنن جي هجُوم ۾ وَڪوڙجي وڃي ٿو. هُو هر هڪ ڪارڪن سان خير سگاليءَ طور چند لفظ بہ ڳالهائي ٿو ۽ سندن آندل درخواستن تي آرڊر بہ صادر ڪندو وڃي ٿو.

اُن ويل ٻاهرئين دروازي کان هڪڙو گوڏ ۽ گنجي پهريل ڳوناٺو شخص پوليس جي ڏنل سيڪيورٽي پروٽوڪول کان کسڪي اندر داخل ٿئي ٿو. هُن جي هٿ ۾ درخواست پڪڙيل آهي جنهن ۾ هُن جي نوجوان پُٽ کي ڌاڙيل قرار ڏئي مارڻ تي نوحو لکيل آهي. هُو پنهنجي بيگُناهہ پُٽ جي ايف آءِ آر داخل ڪرائڻ لاءِ اڳواڻ کان حُڪم صادر ڪرائڻ لاءِ آيو آهي..... جيئن ئي اجلاس واري ڪمري ۾ داخل ٿئي ٿو تہ مضبُوط قد ڪاٺ وارا سپاهي ڊوڙي هُن تائين پهچي وڃن ٿا.

ڪمري ۾ ڪارڪنن، ميمبرن ۽ اڳواڻ جي آوازن ۾ هاڻي پوليس جي هلايل لنين جو آواز بہ شامل ٿي ويو هو.

اجلاس جو آخري اسم پُورو ٿئي ٿو. نوجوان پُٽ جي شهادت جو نوحو سرڪاري لانگ بُوٽن هينان لتاڙجي ويو ٿو ۽ پوڙهي پيءُ ڪي پوليس لنيون ۽ ٺُڏا هڻي ٻاهر گهلي وڃي ٿي.

# ميران مُئي کان پوءِ........

هُو اڳتي وڏي ميران جي پيرن ۾ ويهي رهيو.

ڏهه ڏينهن اڳ جڏهن ميران وٽ رکيل پئسن مان پنج رُپيا آفيم لاءِ گهُرڻ لڳو هو تڏهن ميران چيو هُئس علوءَ جا پيءُ! ڪُجهه هونش ڪر! ٻه هزار مٿان قرض بينو آهي. ٻارن کي ڏس لِڱن تي لَٽو به ناهي! انهن جو ايترو به خيال نه اٿئي جيترو آفيم جو!

ميران جو ايترو چوَڻ ۽ پيرل جو هٿ هڪ دم وچي ميران جي وارن ۾ پوَڻ! ڇڪي ٻيٽو ڪري ڇڏيائينس. ميران پاڻ ڇڏائڻ چاهيو.

پيرل مچربو ويو. اڪيون پوائتيون، وات ڳِف! اصل چريو تي پيو هو. ڪميٽي! مُون ڪي تي مهٽا ڏين. گهٽا گهُمرا سمجهايو تيمانءِ ته گهُري موچڙا نه ڪائيندي ڪر!

هُو ميران جا وار ڇڏي پٽ جي ڪُنڊ ۾ رکيل ڪپڙن ڌوئڻ واريءَ سوٽيءَ ڏانهن ڀڳو. سوٽي کٽي اچي ورتائينس. هڪ زومائتي سوٽي لڳڻ سبب ميران ڪُسندڙ ڍور جيان رَنڀ ڪئي. ائي ابا ڙي! ۽ پيرل ڪُجهه سوچي، سوٽي ڦٽي ڪئي. پوءِ ڌڪن مُڪن ۽ وري لتن سان ورتائينس ۽ هوءَ فوٽ بال جيان ٽُڏبي رهي. ميران هميشه جيان صبُر سان ڪُٽبي رهي ۽ هميشه جيان روئي کٽي رڇ پريائين.

اُن ڏينهن پيرل هن کي ڌرتيءَ تي اڌ مُئل ڇڏي، کٻٽ مان وچي پئسا ڪنيا ۽ پوءِ تڪڙو تڪڙو گهر کان ٻاهر نڪري ويو. تڏهن ميران ڏند ڪرٽي اُڃنگار ڏني هُئي. ماريا شل ڪو مُنهنجو صبُر پُڄندئي. هوءَ رِڙهندي ڪِنجهندي ڪٽ ڏانهن وڌي وئي هُئي.

اها مار ميران لاءِ ڪا نئين ڳالهه ڪانه هُئي. ٻيو ته نهيو پر هر عيد تي جڏهن گهر گهر خوشين جي ورڪا ٿيندي هُئي تڏهن به ميران بي زبان جانور جيان ڪٽبي هُئي. تڏهن به هُن جي گهر ۾ ڪنهن نه ڪنهن بهاني روڄ راڙو ضرور ٿيندو هو. هُن جا ٻار، جيڪي مهيني کان عيد اچڻ جا ڏينهن ڳڻيندا هُئا اُهي اُن ڏينهن گهر جي ڪنهن ڪُنڊ ۾ مُنهن پيلو ڪري ويهي رهندا هُئا. تڏهن ميران ٻارن جا لٿل مُنهن ڏسي، دل ۾ جهير پوَندا محسُوس ڪندي هُئي.

هوءَ چاهيندي هُئي ٻارن کي سڄي جڳ جون خوشيون ڏئي پر هُن وٽ رُڳو نہ کُٽندڙ غمن جا انبار هُئا. هوءَ ٻارن کي خوشيون ڏئي نہ سگهندي هُئي تہ پنهنجي نصيب تي روئي پوَندي هُئي. گُذريل عيد تي پيرل جيئن ئي نماز پڙهي گهر آيو هو تہ ڏٺو هُئائين، ديڳڙو اجان دم تي هو، اجان ڪُجهہ گهڙيون هُيون چانورن رَڌجڻ ۾! پيرل جي نظر ۾ اها ميران جي وڏيءَ ۾ وڏي غلطي هُئي جنهن کي معاف ڪرڻ هُن جي اصُول جي بلڪُل خلاف هو. هُن کي هڪ دم ٻاهہ لڳي وئي. ٻہ چار ڪڇيون گاريون ڏئي، ديڳڙو ڪٽي اُونڌو ڪيائين. رڌل چانوَر ڌرتيءَ جي نذر ٿي ويا، جن منجهان نظرون ڪڍي ٻار پيءُ جي ڪاوڙيل چهري ڏانهن ڊنل نظرن سان ڏسڻ لڳا هُئا.

ذليل! مان وڃي ماڻهين جي گهر روزو کوليان؟ ڪٽ جو پڳل پائو ڪٽي اڇي ورتائينس. پوءِ جڏهن مار ڏئي توائيءَ مان گهر کان ٻاهر نڪري ويو هو تہ ميران پويان ڇيو هو مُئا! شل ڪاريءَ واءَ جي جي سَٽ ايندئي.

ڪاريءَ واءَ جي سٽ پيرل کي تہ نہ آئي پر ميران پاڻ ئي هيءُ جڳ ڇڏي هلي وئي. ڇهہ ڏينهن اڳ ميران کي ٻار ڄائو هو ۽ جنهن ڏينهن هُن جي ڇٽي هُئي اُن ڏينهن ميران مري وئي.

ٽئين ڏينهن جي ئي تہ ڳالهہ آهي جو ميران پيرل کي ڇيو هو علوءَ جا پيءُ! دائيءَ ڇيو آ تہ مُون کي ذرڪان ٿي پيو آ، تڏهن سُڄي پئي آهين.

تڏهن پيرل چڙي پيو هو. ڇيو هُئائين مَڪر ڇڏ! مڪر ڇڏ تہ وناڻءِ نہ سوٽن سان!

۽ هُن وڏيڪ نہ کُڇيو هو. ان ڏينهن کان پوءِ سندس حالت وئي جيئن پوءِ تيئن خراب ٿيندي. اهڙي حال ۾ هوءَ گهر جو ڪم ڪار ڪندي رهي. ڇڻ هوءَ عورت نہ هُئي ڪنهن مچي مارڪيٽ جي رول کُتي هُئي.

هڪ ڏينهن اڳ جڏهن پيرل پاڙي ۾ نهندڙ نئينءَ جاءِ جي ڪم تي وڃي رهيو هو تڏهن ميران ڪيس ڪِنجهندي ڪنجهندي التجا ڪئي هُئي علوءَ جا پيءُ! مان مري ويندي‌سانءِ ٻيلي! مُنهنجو ڪو احساس ڪر!

تُون ڏانئڻ! تُون مرندينءَ؟ کُٽڪو نہ ڪر رَن! تون مُون کي ماري پوءِ مرندينءَ!

پوءِ جڏهن هو ڪم تي هليو ويو هو تڏهن ميران ڏانهنس پنهنجو وڏو پُٽ علو، جيڪو ستن سالن جو هو، موڪليو هو، جڏهن پيرل آيو تہ ميران پنهنجون بند ٿيل اکيون کوليون ۽ وري بند ڪري ڇڏيون. انهيءَ تي پيرل کي چڙ لڳي وئي. مُنيون پڪُوڙجي وينس. ڏند ڪرٽيندي چيائين شهند نہ ڪر! مان ڏاڍو حرامي آهيانءِ! اصل هڏ گُڏ پيچي وِجهندومانءِ!

تڏهن ميران ڊپ کان ڪٽي نماڻا نيڻ کوليا هُئا.

اُن ڏينهن پيرل ۽ ٻارن لاءِ ماني پاڙي جي وڏيءَ مائي سَيائيءَ موڪلي هُئي. پيرل کي اها ڳالهه وٽي ته ڪونه هُئي پر سَيائيءَ جو چوَڻ موتائڻ هن لاءِ ڪُجهه ڏکيرو ٿي پيو هو. ان لاءِ به جو سيائيءَ جو هن جي مٿان وڏا احسان ڪيل هُئا.

ٻئي ڏينهن جڏهن ميران اُٿڻ ويهڻ کان لاچار ٿي وئي تڏهن سيائيءَ پيرل کي ڪُجهه چيو ۽ پيرل ڪنڌ ڌوٽي، ٽانگو ڪرائي ميران کي ڊاڪٽر ڏانهن ڪٺائي ويو پر ان مهل وقت گُذري چُڪو هو. ڊاڪٽر ڪيس جواب ڏئي ڇڏيو. هُو گهر ڏانهن واپس پئي آيو. ٽانگو اجان رستي ۾ ئي هو ته ميران به موت جي ڪاري ٻاٽ اُوندهه ۾ گُم ٿي وئي پنهنجن نصيبن جي سج جيان!

گهر ۾ ماتم مچي ويو. (ان روج ۾ ڇهن ڏينهن جي نئين چاول ٻار جون رڙيون به شامل هُيون، جنهن کي پوءِ پاڙي جي هڪ عورت کي ٿڃ لاءِ ڏنو ويو.)

ميران جي ماءُ ڏانهن تار موڪلي وئي پر هوءَ اجا نه پهتي هُئي. هُن جي اچڻ تائين ميران جو لاش هڪ ڏينهن تائين رکڻ جو فيصلو ڪيو ويو هو. در جي ٻاهران تڏو وِڇايو ويو هو، جنهن تي آهستي آهستي ماڻهو اچي ويهڻ لڳا هُئا.

پيرل تڏي تان اُٿي اندر آيو. ان مهل پاڙي جي وڏي مائي سيائي پيرل جي ٻارن کي پرچائڻ جي ڪوشش ڪري رهي هُئي، جيڪي رڙيون ڪري روئي رهيا هُئا.

سيائيءَ جي نظر جڏهن پيرل تي پئي ته هوءَ هُن ڏانهن وڌي آئي. ابا پيرل! ٻار بس ئي نه ٿا ڪن. تون ڪو هنن کي چُپ ڪراءِ!

پيرل ڪُجهه نه ڪُڇيو. رُڳو اڳتي وڌي آيو. ٻار هُن کي پاڻ ڏانهن ايندو ڏسي، پنهنجو پاڻ ئي چُپ ٿي ويا.

ابا ڳالهه ٻُڌ! مائي سيائيءَ هُن جي ڀر سان ايندي چيو.

ان کان اڳ جو مائي سيائي قرض ڏنل پئسن جي ڳهر ڪري، پيرل هڪ دم چئي ڏنو ماسي! تُنهنجي پائي پائي مان لاهندس. تو اسان سان وڏا ڳُڻ ڏنا آهن. بس هاڻي ڪُجهه ڏينهن رُڳو مُهلت ڏي.

مائي سيائيءَ ميران جي لاش ڏانهن ڏِسندي وراڻيو پيرل! جيڪي ميران مون کان جاءِ لاءِ به هزار ورتا هُئا اُهي ياد اٿئي نه؟

ها ماسي! گهر ۾ نه ڪائبو! پهريان تُنهنجو ئي قرض لاهبو!

مائي سيائيءَ ميران جي لاش تان نظرون هٽائي، ٿڌو ساهه کنيو. چيائين ابا! سچي ڳالهه اها اٿئي تہ ميران رُڳو نانءُ مُنهنجو ڪيو نہ تہ اهي پئسا پاڻ پورهيو ڪري ميڙيا هُئائين.

هي ڇا پئي چوين ماسي؟ هُو وائڙو ٿي ويو.

ها ابا! جڏهن تون ڪم تي ويندو هُئين تہ ميران ويچاري هِن هُن جي گهر وڃي پورهيو ڪندي هُئي. هاڻي جڏهن اها شئي ئي هلي وئي تہ لِڪ لڪاءُ ڇا جو؟

پيرل جي نرڙ ۾ گهُنج پئجي ويا. هُن پنهنجو نوس وجُود برف جيان ڳرندي محسُوس ڪي. سيني ۾ هلڪي هلڪي سُور جون سٽون اُڀرڻ لڳينس. جهُڪيل ڪنڌ مٿي ڪٽي هڪ نظر ٻارن تي وڌائين، جيڪي ڏانهنس خوف وچان ڏسي رهيا هُئا ۽ ٻي نظر چادر ۾ ڍڪيل ميران جي لاش ڏانهن وڌائين. هُن جي اکين ۾ پهريون ڀيرو ميران جي لاءِ ڳوڙها پرجي آيا. پيءُ کي روئندو ڏِسي ٻار ماءُ لاءِ وري روئڻ لڳا ۽ هن اڳتي وڌي ٻارن کي ڀاڪُرن ۾ ڀريو ۽ ڍورن وانگر ڍِڪڻ لڳو.

# عقيدو

بابا!

جي پُٽ!

بابا ڏاڍو سيءُ ٿو ٿئي.

پُٽ! الله کي ٻاڏاءِ!

پوءِ سيءُ ڪونہ ٿيندو بابا؟

ها پُٽ! پوءِ سيءُ لهي ويندو.

پوءِ ڀلا مينهن وَسڻ بہ بند ٿي ويندو؟

ها پُٽ! مينهن وَسڻ بہ بند ٿي ويندو.

۽ بابا! اسان جي مَنهن اندر مينهن جو پاڻي بہ نہ ايندو؟

ها پُٽ! خُدا چاهيو تہ جاءِ بہ سُٺي ملي ويندي.

۽ اها ڪڏهن ملندي بابا؟

پُٽ! خُدا راضي ٿيندو تہ پوءِ ملندي.

خُدا ڪيئن راضي ٿيندو؟

عبادت ڪرڻ وارن تي راضي ٿيندو آهي.

بابا! تُون جو روز عبادت ڪندو آهين!

خُدا غريبن کي آزمائيندو آهي پُٽ!

اميرن کي ڇو نہ ٿو آزمائي؟

پُٽ! خُدا پيارن ٻانهن کي آزمائيندو آهي.

هان بابا!

ها پُٽ!

بابا!

جي ٻچڙا!

بابا! مُون کي بُک بہ لڳي آهي.

الله الله ڪر پُٽ!

پوءِ ڇا ٿيندو بابا؟

ماني ملي ويندي.

تُون جو ذڪر ڪندو آهين.

خُدا آزمائي ٿو پُٽ!

خُدا علي حسن شرابيءَ کي نہ ٿو آزمائي؟

اهو خُدا جو نيڪ ٻانهو ناهي پُٽ!

بس رُڳو غريبن کي آزمائيندو آهي؟

ها پُٽ! غريب خُدا کي پيارا آهن.

بابا!

جي پُٽ!

بابا! لَٽا ڦاٽي ويا آهن.

الله ٻيا ڏيندو پُٽ!

ڪڏهن ڏيندو بابا!

اسان جي عبادت جڏهن قبُول پوَندي پُٽ!

بابا تُون روز نماز جو پڙهندو آهين!!

ها ٻچا! جڏهن قبُول پوي.

بابا! تُون روز قُرآن به ته پڙهندو آهين؟

ها پُٽ! انهيءَ جو اجُورو به ملي ويندو.

ڪڏهن ملندو بابا؟

الله مان آسرو نه لاهه پُٽ!

روئين ڇو ٿو پُٽ؟

بابا! ڏاڍو سيءُ ٿو ٿئي.

مان ڇا ڪريان ٻچا؟

بابا! ڏِس بُخار به ٿي پيو آ!

خُدا جلد نيڪ ڪندئي پُٽ!

بابا! اڄ سيءَ ۾ مري ويندُس!

سُست نه ٿيءُ ٻچڙا!

بابا! ڏِس ڪيترو ڏڪان پيو؟

الله الله ڪر! نيڪ ٿي ويندين.

بابا! ڏڪڻي ويتر وڌي وئي آهي.

ڪُفر نه بَڪ چورا!

ڪُفر ڇاهي بابا؟

خُدا کي نہ مڃڻ!

خُدا کي نہ مڃڻ وارن کي ڇا ٿيندو آهي بابا؟

خُدا کين دوزخ ۾ وِجهندو.

دوزخ گرم هُوندو آهي بابا؟

ها پُٽ!

ڪيترو گرم بابا؟

هِتان جي باهہ کان ستر ڀيرا وڌيڪ!

تمام گهڻو بابا!

ها تمام گهڻو! ڊڄي وئين نہ پُٽ!

نہ بابا! مُون کي سيءُ ٿو ٿئي!

# ترورا

شهر جي وچ ۾ پُراڻي انداز جي جوڙيل گهر ٻاهران زندگي پنهنجي روزاني معمُول مُوجب گُذري رهي آهي. ٽرئفڪ جو درياهه روڍ جي پيٽ مان تيزيءَ سان وهي رهيو آهي. شام جو وقت آهي. ڦُٽ پاٿ تي بيٺل ريڙهين وارا پنهنجي پنهنجي وَکر جو نيڪال ڪري گهرن ڏانهن وڃي رهيا آهن. هڪجهڙائپ ان حد تائين آهي جو گهر جي پر ۾ ڪانين جي مَڏيءَ پر سان بيمار گڏهه بہ ساڳيءَ طرح بيٺل آهي ۽ ساڳيءَ طرح هُن جي پُنيءَ جي ڦٽ مٿان سائي رنگ جي ڪپڙي مان نهيل پٽي نظر اچي ٿي جنهن سان ڦٽ پُوريءَ طرح ڍَڪجي نہ سگهيو آهي. جيڪو بہ اُتان گُذري ٿو گڏهه جي ڦٽ تي نظر پوَندي، ڪِرڀ مان مُنهن ڦيري، ٺُڪ اُڇليندي گُذري ٿو. ڪانين جي مَڏيءَ ڪان پريان پُراڻيءَ طرز جي نهيل گهر اندر ڄڻ تہ ڪو زلزلو آيل آهي. ڄڻ تہ ڪو طُوفان اچي تباهي ڦهلائي گُذري ويو آهي.

پوڙهيون پڪيون ۽ زماني جي اُتل پُتل جون تاريخي گواهہ عورتون مُڇو ٺاهي وينيون آهن. اهي ڪنهن اهڙي نتيجي تي پهچڻ گهُرن ٿيون جنهن سان گهر ۾ لهي آيل قيامت ڪان پاڻ بچائي سگهن.

انهن ڪان پريان ساڳئي نيم اُونداهين ڪمري ۾ سڪينا کٽ تي ليٽي پئي آهي. هُن جي پر ۾ ستن مهينن جو نئون چاول ٻار بہ سُتل آهي. گهر جي ڀاتين ڪان وڌيڪ سڪينا پريشانيءَ ۽ پشيمانيءَ جي احساس ۾ وَڪوڙيل نظر اچي ٿي.

واهہ جي اسان جي عزت رکي اٿئي.... اڙي ٻُڏي نہ مُئينءَ....... هِن خواريءَ ڪان تہ پاڻ ماري ڇڏين ها....... وڏيءَ ڀيڻ جي ڳالهائڻ سان ڪُجهہ لمحن جي خاموشي وري ٽُٽي ٿي. ماءُ، پُڦي ۽ نوجوان ڀيڻ روئڻ لڳيون.

سڪينا ماٺ، ڦِڪائيءَ ۽ شرمندگيءَ جي احساس سان رتوڇاڻ ٿيل! ائين ٿو لڳيس تہ هشام ماڻهن جي وچ ۾ ڪيس ننگو ڪيو ويو هُجي!

خُدا غرق ڪريئي..... اسان جي آهہ لڳندئي....... وڏي ڀيڻ پاراتا ڏيڻ لڳيس ٿي. شل هيڏڙي ۾ ئي هلي وينديںءَ ڏائڻ......

وڏيءَ مُشڪل سان سڪينا لفظ لفظ ڪري قسمت ڪي ميار ڏيئي روئڻ لڳي ٿي. پريان ماءُ رڙ ڪري چويس ٿي چُپ ڪر ته زبان نه پٽي ڪيانءِ...... قسمت ڪي ٿي ميار ڏين.....ائين چو نه ٿي چوين ته باهه ڪنيو هُيئي..... نه اڳ ڏنئي نه پوءِ.....

اڙي چوين چو نه پئي ته شادي ڪرايو؟ هيءُ لعنتاٽو ته نه ڏين ها ڪميٽي! ان روج پٽڪي ۾ اوچتي نئين چاول ٻار جو روئڻ به شامل ٿي وجي ٿو. اُوئان اُوئان جي ڪمزور آوازن تي سڪينا جي ماءُ ائين چرڪ پيري ٿي جڻ ڪنهن وڇونءَ ڏنگ هڻي ڪڍيو هُجيس. هوءَ ڪاوڙ ۽ خوف ۾ ڪيس چوي ٿي ان حراميءَ ڪي ته ماٺ ڪراءِ ته ڦڪڙ نه ڦاڙي وِجهي....

سڪينا گهبراهٽ ۾ ٻار ڪي هنج ۾ ڪٽي تج ڏئي ٿي ته ڪمري ۾ وري ماٺ چانئنجي وجي ٿي. ڪُجهه لمحن لاءِ ڪمري ۾ فقط ٻار جي چُوساڙڻ جا هلڪا هلڪا آواز ايندا رهن ٿا. ذلت جي انهن سخت گهڙين ۾ به هن ڪي ٻار مٿان پيار اچي ٿو يا شايد رحم اچي ٿو. هوءَ مُستقبل بابت سوچي ٿي، جتي اُوندهه ئي اُوندهه پکڙيل آهي. روشنيءَ جو ڪو به ترورو نظر نه ٿو اچيس.

اڳتي لاءِ ڇا سوچيو اٿئي؟...... وڏي پيڻ چويس ٿي.

مُون ڪيس آن.......

ٻيو نه ٻُڌايائين تو واري چڳهه سان ٿي ڳالهايان.........

ڪهڙي ڳالهه ٿي پُڇين؟

هن حراميءَ لاءِ ڇا سوچيو اٿئي؟

سڪينا جو ڪمزور ۽ پيلو چهرو وڌيڪ پيلو ٿي وجي ٿو. ڪو به جواب نه ٿو سُجهيس.

ٻُڌاءِ نه ڇا سوچيو اٿئي هن حراميءَ لاءِ......

سڪينا وري روئڻ لڳي ٿي.

هاڻي اها مس مس بند ڪر..... تُنهنجي انهيءَ روئڻ سان هيءُ ڪو هِتي رهندو ڇا؟........ يا اهو سوچيو اٿئي ته ان حراميءَ ڪي گهر ۾ رهائي وڏو ڪنديئن؟

وڏيءَ مُشڪل سان هوءَ صرف ايترو چوي ٿي هن معصُوم....... ڪهڙو ڏوهه ڪيو آ....... ڏوهه ته مُون ڪيو آ...... پل مُون ڪي سزا......

شرم نہ ٿو اچئي؟ حرامي ٻار جا ٿي ٻدر پرين...... جي پوليس کي ٻاٻُور پئجي وڃي ۽ گهر ۾ اَٽالو وٺي ڪاهي پئي تہ تو وارو پڙوو مُنهن ڏيندو..... اهو بہ تہ ڇڏي پڄي ويئي نہ.....

اهو هيبو تہ نہ وڃهو..... پوڙي پُڦي چوي ٿي اڳي ئي ماڻهو ڪنيو نہ ٿا ڪائن...... ڪُجهہ هونش ڪان ڪم ونو.....

ڪنهن ڪان ٿي پئُ ڪرين..... وڏي پيڻ وراڻي ٿي. سڄي جهان کي خبر پئجي وئي آ.....

هن ڪئي آ نہ...... ماءُ ڳالهائي ٿي. هن جي ڪري اڄ شريڪن ۾ ڪنڌ ڪڻڻ جهڙا نہ رهيا آهيون.....

سڪينا ڪُجهہ ڳالهائڻ چاهي ٿي پر لفظ نڙيءَ ۾ اٽڪي پوَنس ٿا. هوءَ وڏيءَ پيڻ ڏانهن ڏِسي ٿي. وڏيءَ پيڻ کي اوچتي ياد اچي ٿو تہ افراتفريءَ ۾ پيءُ کي ماني ڏيڻ بہ وِساري ويٺي آهي. هوءَ تڪڙ ۾ اُتان اُٿي چُلهہ تي اچي ٿي.

پوڙهو پيءُ ڪمري کي اندران بند ڪري هيٺ پَٽ تي ويٺل آهي. هن جي اکين مان وَهي ويل ڳوڙها هن جي چهري تي نشان ڇڏي خُشڪ ٿي ويا آهن. بہ هفتا اڳ جڏهن حج ڪري موٽيو هو تہ هن جي وهم گُمان ۾ بہ ڪونہ هو تہ هُو ماڻهن کان ائين لڪي ويهندو. اوڙي پاڙي ۾ مُعزز ڳڻيو ويندڙ پاڻ کي ڪيڏو نہ ڪِريل محسُوس ڪري ٿو. هُو پاڻ ۾ ايترو بہ سَت نہ ٿو پائي جو ماڻهن جي نظرن جو مُقابلو ڪري سگهي.

وڏي پيڻ ماني کڻي در ڪڙڪائي ٿي. پوڙهو پيءُ اهو ظاهر ڪرڻ لاءِ تہ هوءَ سُتل آهي در نہ ٿو کولي.

وڏي پيڻ وري ساڳئي ئي اڌ اُونداهين ڪمري ۾ موٽي اچي ٿي. اوچتي ٻاهر در ڪڙڪي ٿو. در تي هڪ ٻئي پُٺيان ٺڪ ٺڪ جا آواز ايندا رهن ٿا.

اڙي مايون در تہ کوليو..... هيءَ ماسيءَ راڄُل جو آواز آهي.

ماسي راڄل رلي ڇو مئي آ؟ اچي تي اڄ ٽڪو مُلهہ ڪري ٿي روانو ڪريانس..... تماشو ڪڻي ٻڌايو اٿائين.....

نہ امان ائين نہ ڪجانءِ...... متان اهڙي غلطي ڪئي اٿئي..... ماءُ وڏيءَ پيڻ کي سمجهائي ٿي ۽ پنهنجي مُنهن پُڻ پُڻ ڪندي در ڏانهن وڌي ٿي. مُنهنجا مولا تون ڍَڪڻ وارو آن...... تُون ڍڪ.......

در کُلي ٿو. ماسي راڄل جيئن ئي اندر داخل ٿئي ٿي سيني کي خوف ۽ حراس جي ڏُٻڻ ۾ ڏِڪي ڇڏي ٿي. اي مايون! ڪُجھ ڪريو...... سڄي شهر ۾ ڳالھ هلي وئي آ....... مُون کي پڪُ ٿو ٿئي تہ ڪٿي پوليس نہ اچي ڪڙڪيوَ......

ماءُ سَڪتي ۾ اچي وڃي ٿي. ڪيس ماسي راڄل وري قسڪو هٽي ٿي. شهر گيري آ! ڪُجھ ڪريو..... ماڻهن کي تہ آ رُڳو تماشو ڏِسڻو..... اڄ ڪو ڪنهن جو ڪونہ اٿوَ.

ماءُ پاراتو ڏيندي چوي ٿي او ماريا! شل پنهنجن ۾ لوڙيندين........ جيئن نہ اسان سان ڪئي اٿئي شل پاڻ بہ ائين ڪِيتا ڏيندين.....

ماءُ تي پنهنجيءَ ڳالھ جو اثر ڏِسي ماسيءَ راڄل کي بہ سڪينا کي لوڻ جو سرٽيفڪيٽ ملي وڃي ٿو. بي نڪي..... نر لڄي.... سيني کي اچي رڦ تي چاڙهيو اٿئي. اڙي پيءُ جي اچي متي کي تہ ڏسين ها.......

سڪينا خاموش آهي. لفظن جي پٿرن سان اندر ئي اندر رتوڇاڻ ٿيندي رهي ٿي. ڪنهن وٽ بہ هن لاءِ همدردي ڪونهي. رحم ڪونهي. ٻاجھ ڪونهي. هُونئن جيڪڏهن نڪاح جي نالي ۾ پُٽ جميس هان تہ ڪيئن نہ مُبارڪون ملنس ها. ڪيئن نہ سندس ٻار سان پيار ڪيو وڃي ها...... ڏُهل وَڄن ها، سهرا ڳائجن ها. تڏهن سندس ڪمزور جسم اندر ڪيئن نہ زندگيءَ جي توانائي ڊوڙي وڃي ها. هينئر ڇا حال ٿيو اٿس؟ جهڙو قبر مان اُٿي آيل مُڙدو هُجي. هوءَ ڏُک ۽ پشيمانيءَ جي بار ڪان سُڏڪو ڀري ٿي.

ماسي راڄل ماءُ سان وري مُخاطب ٿئي ٿي. ادي! مان وري بہ چوانءِ ٿي ائين ماٺ ڪري نہ ويھ! آئيءَ بلا کي ٽارڻ لاءِ ڪا ٽل ڪر.....

ماءُ ڪو بہ جواب نہ ٿي ڏئي. وڏي پيڙ چوي ٿي ماسي! تون ئي ٻُڌاءِ تہ هن حراميءَ مان ڪيئن جند آجي ڪجي؟

امان تون اعتبار ڪرين يا نہ ڪرين پر مُنهنجي تہ ننڊ ڦِٽي وئي آهي.

ماسي راڄل ڏوراپي ڏيڻ جي انداز ۾ چوي ٿي پل توَهان مُون کي پنهنجو نہ سمجهو پر مان تہ توَهان کي پنهنجو رت ٿي سمجهان....

ماسي! تون ئي ڪا واھ ڪڍ......

اها ڪهڙي ڳالھ ٿي ڪرين؟ گهُٽو ڏيئي پُورو ڇو نہ ڪريونس؟

لفظ گهُٽي سان سڪينا لرزي وڃي ٿي. هوءَ دانهُون ڪري ڪين ان عمل ڪان روڪڻ جي ڪوشش ڪري ٿي پر موت ۾ ڪيس ساڳيءَ طرح گاريون ۽ پُوندا ملن ٿا. سڪينا ٻار ڪي ياڪُر ۾ سوگهو ڪري ٿي.

سيئي ماسي راڄل ڏانهن ڏِسڻ لڳن ٿا. هلڪيءَ ميرانجهڙيءَ روشنيءَ ۾ پيت تي پوَندڙ پاڇا قصن ۽ ڪهاڻين جي ديو مالائي ڪردارن جيان ڏاڍا هيبت ناڪ لڳن ٿا. ماسي راڄل سڪينا ڏانهن وڌي ٿي.

نہ ماسي! اهڙو ظُلم نہ ڪجانءِ! تون پاڻ ٻچڙي وال آهين. اسم اٿئي الله جو!

بس ڪر لُچي..... ڪيئن تہ مسڪين ٿي جڻ حق حَلال جو هُجئي نہ.... وڏي پيڻ ڪيس وچ ۾ ڪٽي هن ڏانهن اُلر ڪري ٿي.

ماسي راڄل ٻار ڏانهن ڏسي ٿي. اوڏيءَ مهل ٻار الائجي ڪيئن اوچتي روئڻ لڳي ٿو. جڻ تہ هنن جي موت مار سوچ اڳيان پنهنجيءَ هستيءَ جو آخري احتجاج ڪندو هُجي. ماسي راڄل ڪُجهہ سوچي مارڻ جو ارادو بدلائي ڇڏي ٿي. ڇو ماسي؟ ڏينس نہ گهُٽو....

امڙ مُون ڪان اهو پاپ نہ ٿيندو باقي..... هوءَ جُملو پُورو ڪري نہ ٿي سگهي.

باقي هتي تماشو ڏِسڻ آئي آهين ڇا؟

اڙي ڇوري! تو ڪي وڙهسان وڙهسان ڇو اچي لڳي آ؟ ماءُ وڏيءَ پيڻ ڪي ڏيرج سان ڇئي ماسيءَ راڄل سان مُخاطب ٿئي ٿي. او ادي راڄل...... هن جو دل ۾ نہ ڪرِ ناراض نہ ٿيءُ.....

ماسي راڄل ڪاوڙ مان اُٿان وڃڻ لڳي ٿي. ويندي ويندي چوَندي وڃي ٿي باهہ ٻاري اٿوَ تہ وِسايو بہ پاڻ! اسان ڇو پنهنجا هٿ گُناهہ ۾ ٻوڙيون؟

ماسي راڄل جي وڃڻ ڪان پوءِ ڪيتريءَ دير تائين ڪمري ۾ اٿوَٽندڙ خاموشي پکڙيل رهي ٿي. وقت تيزيءَ سان گُذري رهيو آهي. سڪينا سميت گهر جا سيئي فرد ڏاڍا ڊنل آهن. سڪينا ٻار مُتعلق سوچي ٿي، جيڪو چند لمحن جو مهمان آهي.

اوڏيءَ مهل ٻارهن سالن جو هنن جو ننڍو ڀاءُ شڪيل اندر اچي ٿو. شڪيل ڪي ڏسي وڏيءَ پيڻ ۾ ساهہ پئجي وڃي ٿو. هوءَ شڪيل ڪي ٻار مان نجات حاصل ڪرڻ لاءِ زور ڀري ٿي. هو پريشان ٿي وڃي ٿو. ڪيس سمجهہ ۾ نہ ٿو اچي تہ ڪهڙو جواب ڏئي؟ هُو ڪڏهن سڪينا جي پير ۾ سُتل ٻار ڏانهن ڏِسي ٿو ۽ ڪڏهن پنهنجيءَ ماءُ ڏانهن!

وڏي پيڻ ڪيس ٻار ڪي گهُٽي ڏيڻ لاءِ التجا ڪري ٿي. مان عورت آهيان.... مان ان ڪي نہ ٿي ماري سگهان. تُون مرد آهين..... گهر جي عزت بچائڻي اٿئي تہ اهو ڪم ڪرڻو پوَندئي.

هڪ زندھ ٻار ڪي گهُٽو ڏيان....

ها شڪيل! ان ڪان سواءِ ٻيو ڪو بہ چارو ڪونهي.......

شڪيل ڪو بہ جواب نہ ٿو ڏئي. هو وري ماءُ ڏانهن ڏِسي ٿو جيڪا اکين مان ڳوڙها آڻي شڪيل ڏانهن ائين ڏِسي ٿي ڄڻ ڪوڪلي ٿيل عزت جي عمارت ڪي ڪِرڻ ڪان بچائڻ وارو فقط شڪيل ئي رهجي ويو هُجي. شڪيل ٻار مان نجات حاصل ڪرڻ لاءِ هڪ ٻيو حل ٻُڌائي ٿو. پريان سڪينا دانهن ڪري ٿي. هوءَ ٻار ڪي موت جي مُنهن ۾ وڃڻ ڪان روڪڻ لاءِ وري هُن ڪي هنج ۾ لڪائي ڇڏي ٿي. شڪيل جي سوچ تي عمل ڪرڻ لاءِ وڏي پيڻ ٻار ڏانهن وڌي ٿي.

سڪينا هڪ هڪ اڳيان آزيون نيزاريون ڪندي رهي ٿي پر هُن جي هڪ بہ نہ ٿي هلي. ٻار هُن جي ياڪُر مان زوريءَ ڇيڪائي ڪڍيو وڃي ٿو.

شڪيل ٻار ڪي ڪڇي ٻاهر نڪري اچي ٿو. هُو چورن وانگر لڪندو رستي جي اُونداهن پاسن ڪان هلندو وڃي ٿو. پري پري تائين خاموشي پکڙيل آهي. هُو روشنيءَ ڪان پاڻ بچائيندو، اسٽيشن ڏانهن وڌي رهيو آهي. جيئن جيئن روشني ويجهي ايندي وڃي ٿي خوف هُن تي حاوي ٿي وڃي ٿو. اوچتي پريان موڙ وٽان پوليس جي گاڏي ظاهر ٿئي ٿي. بد حواسيءَ مان هُو روڊ ڇڏي ريل جي پٽڙين ڏانهن وڌي وڃي ٿو. پوليس جي گاڏي شور مچائيندي اُتان گُذري وڃي ٿي. هڪ لمحي لاءِ هُو ويندڙ گاڏيءَ ڏانهن ڏِسي بيهي رهي ٿو ۽ پوءِ ريل جي پٽڙين وِچ ۾ هلڻ لڳي ٿو.

پريان پليٽ فارم تي ايندڙ ويندڙ ماڻهن جو هُجوم آهي. ماڻهن جي هجُوم ڪي ڏِسي هُن جا پير اڳتي هلڻ ڪان نابري واري بيهي رهن ٿا. هُو فيصلو نہ ٿو ڪري سگهي تہ هيترن ماڻهن جي وچ ۾ ڪنهن خالي بينچ تي ٻار ڪي ڇڏي يا اُتي ئي ڪيس مرڻ لاءِ ڇڏي هليو وڃي.

هڪ لمحي لاءِ هُو سوچي ٿو ۽ پوءِ ٻار ڪي اُتي بند جي پر سان ليٽائي ٿو. ٻار جي نازڪ بدن ۾ چُهنبيارا پٿر لڳن ٿا تہ ايذاءَ ڪان هُو روئڻ لڳي ٿو.

سامهون ريل جي پٽن وچان ريلوي جو ڪو مُلازم ايندو نظر اچي ٿو. هُن جي هٿ ۾ لالٽين پکڙيل آهي. هُن ڪي ڏسي شڪيل تيزيءَ سان بند ڪان هيٺ لهي لوهيءَ پُل جي پر سان بيهي رهي ٿو. لالٽين مان نڪرندڙ روشنيءَ جو گول دائرو آهستي

آهستي ٻار جي ويجهو اچي وجي ٿو. اوچتي دائرو بيهي رهي ٿو. ڪُجهہ لمحا ٻار واري هنڌ روشني پکڙيل رهي ٿي ۽ پوءِ روشنيءَ جو اهو دائرو وري اڀتي وڌڻ لڳي ٿو. روشنيءَ جي ترورن سان گڏ ٻار جي روئڻ جو آواز بہ پري ٿيندو وڃي ٿو.

# ڀنڊڙ ليڪا

پيءُ گهر مان ٻاهر نڪتو. پول جي پر ۾ بيٺل نوجوان تي نظر پيس ته آپي مان نڪري ويو. ڇڻ ته ڪنهن گندرف جي وڏي ڍير کي ٻاهه ڏئي ڇڏي. گاريون ڏيندو تيزيءَ سان هن ڏانهن وڌيو. ڳِف وَهڻ لڳس.

هتي ڪا تُنهنجي ڀيڻ ويٺي آ ڇا؟ ڇو ايندو آهن ڙي هيڏي؟ هو اُلر ڪري هن جي مٿان چڙهي ويو. وجي پيٽ ۾ هنيائينس. پوءِ ساڳئي جوش ۾ جيئن ئي پادر لاهڻ جي ڪيائين ته پاڻ سنڀالي نه سگهيو ۽ ٿابو ڪائي پريان وڃي ڪِريو.

ماڻهو مڙي ويا. پيءُ وري اُلر ڪئي. تڏهن ڪُجهه ماڻهو پيءُ ڏانهن وڌي آيا ۽ ڪُجهه ماڻهو رهڙا آيل نوجوان ڏانهن وڌيا. پٽ جي گيساڙي اچڻ سبب هن جي مُنهن تي رهنڊون اچي ويون هُيون، جن مان ٿورو رت وَهي اُتي ئي ڄمي ويو هو.

ڪُجهه ماڻهن نوجوان کي سمجهايو. هُو ڪپڙا ڇنڊي، قميص جي آڳي سان مُنهن اُگهي اُتان هليو ويو. پيءُ جو ساڳيو حال هو. اکيون ڳاڙهيون، اڃان به مُنهن اوڏانهن ڪري گاريون ٿي ڏنائين جيڏانهن نوجوان ويو هو.

ماڻهن هاڻي پيءُ مان هٿ ڪڍي ڇڏيو هو ۽ اُهي ننڍين ننڍين چوڪڙين ۾ ورهائجي ويا هُئا. ڪڏهن هلندو ڪڏهن بيهندو گاريون ڏيندو پئي ويو.

ماڻهو رونشي تي اڃا به بيٺا هُئا. ڪيترا ئي سُوال ڪٽي ۽ ڪيترا ئي جواب سوچي هڪ ٻئي سان ڳالهائي رهيا هُئا. پيءُ هاڻي سهڪندو گهر ۾ اندر داخل ٿيو. اکين ۾ اڃا به ساڳي ڪاوڙ ۽ ڪروڌ اُماڙين وانگر نظر آيو. ڌيءَ تي نظر پيس ته وري ٻاهه لڳي ويس.

ڏک هٽي مُندي لاهي ڇڏجئي! ٻيو ڪم نه ڪجئي......

پيءُ ۽ ڌيءُ جي وِچ ۾ جيڪي اخلاقي حد بنديون آهن، گاريون ڏيندي ڏيندي پيءُ اُهي به اورانگهي ويو. اکين ۾ خون لهي آيو هُئس. لڱو تي ڪنهن به لمحي هُو ڌيءُ مٿان ڪڙڪي پوَندو. ڪيس ٻن ڏکن ۾ پُورو ڪري ڇڏيندو پر ائين نه ٿيو.

ڪُجهه لمحن جي وٿيءَ کان پوءِ پيءُ جي ڪاوڙ ڍري ٿيڻ لڳي. هاڻي هن ۾ ڏک ۽ بيوسي ديرو ڄمائڻ لڳي. اڪين ۾ ڇُپڪو ٿيڻ لڳس. زندگيءَ پر جا اهنج ۽ سُور هُن جي چوگرد ڦِري آيا. ڪيڏا نہ صدما سَنا هُئائين. ڪيڏيءَ نہ تڪليف ۾ گُذاري هُئائين سڄي زندگي! ننڍپڻ کان جوانيءَ ۽ جوانيءَ کان ٻُڍاپي جي چائنٺ تائين هُن رُڳو پوڳيو هو. رُڳو سُور پيتا هُئائين. ڪڏهن ڪڏهن خوشيون ڪنهن سانوڻيءَ جي ڪڪريءَ جيان وَسڪارو ڪري ويندون هُيون ۽ وري وارو ايندو هو غمن ۽ ڏکن جي نٽهڻ اُس جو جنهن ۾ پيو سڙندو ۽ پڄرندو هو.

ڪالهہ جي ئي تہ ڳالهہ هُئي. هُن جي ڏُکن ڪي پلئہ ۾ ڪٽي هُن جي وِڪ سان وِڪ ملائي هلندڙ هُن جي ملُوڪان مري وئي هُئي. ڪيڏو نہ تڙپيو هو. چرين جيان ڪُوڪون ڪيون هُئائين. رُنو هو، رڙيو هو پر وڃڻ وارا ڀہ ڪي ورندا آهن جو هُن جي ملوڪان موٽي ها.

ڏُک ۾ خزان ٿي ويو. مائٽن شاديءَ لاءِ زور پريس تہ ڪٽي ڪاري رنگ ۾ ڪپڙا ٻوڙائي ڇڏيائين. اڌ چريو ٿي پيو.

اڳي ڪڏهن ڪڏهن اسڪُول ۾ ڪو چرچو پوڳ ڪري وٺندو هو پر هاڻي اسڪُول ويندو، ٻي دليو پڙهائي واپس موٽندو. شام ٿيندي تہ زال جي قبر تي قل وجي پڙهندو. اها هُيس زندگي! پلا اها ٻہ ڪا زندگي هُئي. نہ پنهنجو خيال نہ ٽن سالن جي معصُومڙيءَ جو ڪو احساس! جا وارث هُوندي بہ لاوارث ٿي وئي هُئي. تڏهن الائي ڪيئن پري جي مائٽن ڪي ڏيٽس تي ڪهل اچي وئي. ڪيس گود وٺڻ جي ڳالهہ ڪيائون. هُن مجبو پر جڏهن ڏيڻ جو وقت آيو تہ ڦري ويو. ڏيءُ ڪي ڪٽي ياڪُر ۾ لڪايائين. چيائين مُئيءَ مِٺيءَ جي نشاني بہ پالي نہ سگهان تہ پوءِ ٻُڌي چو نہ مران؟

۽ ائين ڏيءُ سان موهہ وڌيس. هاڻي هُن جو سمُورو ڏيان ڏيءُ جي خوشين ڏانهن هو. ڪيس ٻي انتها پيار ڏيڻ لڳو. پنهنجيءَ حيثيت کان وڌيڪ خيال رکيائينس. ڪير چوَندو تہ پرائمري ماستر جي ڏيءُ هُئي؟ قسمين قسمين ويس نئين ڊزائينن تي نهرائي ڏيندو هُئس. جيڏانهن ويندو هو پوليءَ وانگر هوءَ بہ ڇُنبڙيل هُوندي هُئس. دُنيا جهان کان ڪٽجي هڪ اهڙي دُنيا جوڙي ورتي هُئائين جا هُن جي ۽ ڏيٽس جي دُنيا هُئي، جنهن ۾ پيار هو؛ خوشيون هُيون؛ ننڍا ۽ وڏا ٽهڪ هُئا.

ڏيٽس ميٽرڪ پاس ڪئي تہ فڪر وٺي ويس. مٽن مائٽن ڏي اچ وڃ شروع ڪري ڏنائين تہ اوچتي هُو مري ويو. ها پيءُ مري ئي تہ ويو هو. جڏهن چوڪيدار اچي ٻُڌايو هُئس تہ ڏيٽس ڀڳي هُئي. پڄندي پڪڙجي ٽاڻي تي وڃي ويني هُئي.

چا......؟ پيءُ جون وايون بتال تي ويون هيون. ڄڻ تہ هن کي اهڙيءَ سزا جو حُڪم مليو هُجي جنهن ۾ هُو روز مرندو ۽ روز جيئندو رهندو.

پوءِ ڪيئن نہ ماڻهن کان نظرون بچائي هلندو هو، رستي مان گُذرندو هو تہ محسُوس ٿيندو هُئس ڄڻ تہ سندس ڪارو مُنهن ڪري جلُوس ڪڍيو ويو هُجي ۽ ماڻهو ڪيس پُوندا ۽ ٺُڪون هڻندا هُجن. ڪيڏي نہ عزت هُوندي هُئس ۽ ڏيءُ ڪيئن نہ پنهنجين ئي نظرن ۾ ڪيرائي ڇڏيس.

پيءُ هڪ ڏکو شُوڪارو ڀري پاسو بدلايو تہ ڪٽ هُن جي اهنجن وانگر چيچلائي ماٺ تي وئي.

گهري خاموشي هُئي. سامهُون رُڳو ڏيءُ ويني هُئي جا مُنهن تي ٻانهن ڏئي سُتل پيءُ ڏانهن نهاري رهي هُئي. هوءَ ئي تہ هُئي جنهن پيءُ کي جيئري ئي قبر ۾ لاهي ڇڏيو هو. هجُومن جي وچ ۾ پيءُ جو پٽڪو لاهي هُن جي اَڇن وارن ۾ ڌُوڙ وڌي هُئائين.

۽ پاڻ..... پاڻ ڪهڙي زندھ هُئي؟ آئي وئي جي نظرن ۾ ڪِريل هُئي. ٻڃي ٻڃي پئي ڳالهائيندي هُئي تہ متان ڪو ڳُتو لفظ نڪري ۽ موت ۾ تڏهن ڪيڏو نہ زهر پيل محسُوس ڪندي هُئي. ان لفظ ۾ ڄڻ تہ ڪيس سرِ عام سنگسار ڪيو ويندو هُجي.

اُها شام بہ ڪيڏي نہ اُداس ۽ تڪل تڪل هُئي. هر طرف چُپ چُپات هُئي. جلال چانڊئي جي شوقين گُلوءَ هوٽل واري کي بہ الائي ڇا ٿي ويو هو؟ سارو ڏينهن هلندڙ ٽيپ رڪارڊر چُپ هُئس. نہ چيڙيون هُيون نہ يڪتارو هو ۽ نہ جلال چانڊئي جو آواز هو.

انهن اُداس گهڙين ۾ پوڙهو سبزيءَ وارو سڄي ڏينهن جي رولڙي کان پوءِ گهر واپس وري رهيو هو. ريڙهيءَ جو اڳيون ٽائر پنچر ٿي ويو هُئس، جنهن ڪري ريڙهيءَ ڌِڪو پئي ڪاڍس.

گهر جي اڳيان لنگهيو تہ تڪل تڪل آواز ۾ هوڪو ڏنائين. هوڪي تي ڏيءُ تڪڙ ۾ جست جو ٿالھ ڪڻي هُن ڏانهن وڌي آئي. اکهن تي پڪائي ٽيڻ لڳي. پوڙهي جو قسم تي قسم ۽ هُن جي پڪائيءَ تي پڪائي هُئي.

۽ تڏهن نہ ڏنو هُئائين تہ هُن کي ڪو سامهون هوٽل تان ڪُرسي ريڙهي هُن ڏانهن ڏِسي رهيو هو. هوءَ سبزي ونڻ ۾ مگن هُئي. پوءِ اوچتي نظر ويس تہ ڪٽي ٻيهر ڪلون اُڇلائڻ آئي تہ وري ڏنائين تہ هُو اجا بہ اُتي وينو هو ۽ هُن ڏانهن ڏِسي رهيو هو ڄڻ پند پاهڻ ٿي ويو هو.

الائي ڪير آ ماريو؟ ڪيس خوف ٿيڻ لڳو. پٽس اجان گهر نہ پهتو هو. تڏهن اوچتي هڪ انديشو ذهن ۾ اُڀريس. جي زوريءَ گهر ۾ گهڙي اچي تہ مان زائفان ذات ڇا ڪري سگهنديس؟ تڪڙ ۾ در ڏنائين.

پوءِ هُو روز اچڻ لڳو ۽ ڪنهن نہ ڪنهن بهاني هُن جي گهر اڳيان اچي گُذري ويندو هو يا ڪڏهن ڪنهن ٻار سان ڳالهائيندو تہ ڪڏهن وري سامهون واري پول ڪي ٽيڪ ڏئي پيو هُن ڏانهن ڏِسندو. اها هُن جي روز جي ڪِرت هُئي.

۽ هڪ ڏينهن تہ حد ٿي وئي. ڌيءُ دروازي کي ٿورو کولي ٻاهر طرف پئي نهاريو تہ هُو سامهون واري هوٽل تان اُٿي هُن جي پر سان آيو هو. پوءِ وڏيءَ دليريءَ سان هڪ لفافو هُن جي آڏو ڦٽي ڪري رفو چڪر ٿي ويو.

ڌيءُ پيرن تائين ڪنبي وئي هُئي. جڻ تہ لفافي ۾ ٻُڪ وِڇُن جو بند هُجي. تڪڙ ۾ لفافو کڻي ورتائين. ڌپ وَڪوڙي ويس. جي ڪنهن ڏِسي ورتو تہ پنيور کي ٻاھ لڳي ويندي.

در بند ڪري خط کوليائين. پڙهيائين تہ ساهن جي رفتار تيز ٿي ويس. خط ۾ نوجوان پنهنجيءَ محبت جو ڏاڍي روايتي نمُوني اظهار ڪيو هو.

پوءِ ٻن ٽئن ڏينهن بعد نوجوان جو پيءُ ماءُ هُن جي گهر آيا هُئا پر پيءُ کي اهو رشتو قبُول نہ پيو. ڌيءُ ڳالهائي نہ سگهي. فقط پيءُ ڳالهايو. پاڻ برادريءَ کان ٻاهر نہ ڪندا آهيون! نہ ڏيون نہ وٺون! ٺپ جواب ڏئي ڇڏيائين. نوجوان جي ماءُ مُسلمان هُجڻ جو ڪمزور دليل ڏنو پر پيءُ اُتي بہ ذات پات جي فرق کي مضبُوط هٿيار بڻائي ورتو. مائٽي نہ ٿي.

ڌيءُ کي ڏاڍو ڏُک ٿيو. ڪيڏو نہ خوش گُذاري ها اُتي جتي سندس چاهيندڙ هو؛ جتي محبت جي نالي ۾ سندس پُوڄا ٿئي ها. جنهن هُن لاءِ خودڪشي ڪرڻ جي دعوا ٿي ڪئي سو ڪيڏو نہ سُکي رکيس ها پر پيءُ پنهنجي هلائي. پڙهيل ڳڙهيل پيءُ ذات پات جي پُراڻن پيچرن تي ليڪو ڪڍي بيهي رهيو. ٻئي جتي هُئا اُتي ئي بيهجي ويا. پيءُ جو پاتل ليڪو نہ ڌيءُ اورانگهيو نہ ئي نوجوان ايڏي همت ڪري سگهيو.

پوءِ گهڻن ڏينهن کان پوءِ هڪ ڏينهن نوجوان وري ظاهر ٿيو. ڏاڍو ڏُکي، ڏاڍو اُداس پئي نظر آيو. ڄاڻ تہ سڄيءَ دُنيا جو غم سمائي ڇڏيو هُئائين پنهنجي اندر ۾! ڏاڙهي وڌيل، اکيون ڏرا ڏنل! ڪيڏو نہ اُجڙي ويو هو. ڪيڏو نہ بدلجي ويو هو!

ڌيءُ جي سيني ۾ دل، ڪنهن بند پکيءَ جيان اُڇل کاڌي، هڪ سُڏڪو اُڀري ويس. هيءُ کهڙو پيار هو جنهن ۾ وڇوڙي جا سُور کڻي جيئڻو ٿي پيو؟ نہ ڳالهائڻ نہ ٻولهائڻ!

ڪُجھ بہ ھڙ حاصل نہ! پوءِ ڇو ويھي ڏُک ڏجن ۽ پرائجن؟ ڏيءُ جي اکين ۾ ڳوڙھا پرجي آيا. ھٿ جو اشارو ڪري اُتان ئي ھٽي وڃڻ لاءِ چيائينس پر نوجوان ويو نہ! ھُن ڏانھن وڌي آيو.

پريان ماٺھو اچي وڃي رھيا ھُئا. گلوءَ جي ھوٽل تي جلال چانڊئي جي ڪيسٽ ھلي رھي ھُئي. چپڙين ۾ يڪتاري جو آواز اچي رھيو ھو. ماڻھن وٽ زندگي ھُئي پر ڏيءُ جي اندر ڇڻ تہ موت واسو ڪري ويو ھو. ڍپ ھُن کي وڻ ويڙھيءَ جيان وَڪوڙي ويو. ڏيءُ ڪُجھ بہ چئي نہ سگھي. نوجوان ڳالھايو سُڀاڻي صُبح جو ساڍي چئين وڳي ايندس! تيار رھجانءِ!

نہ نہ! نہ اچجانءِ! در جي اوٽ مان ڏڪندڙ آواز ۾ چيائين مان اھا خواري نہ ڪٽندس.....

صرف چند لمحن جي ميلاپ لاءِ اچجانءِ! پوءِ وري نہ ايندس. اچجانءِ وڇوڙي لاءِ اچجانءِ!

پويان لفظ ھُن جي نڙيءَ ۾ ڦاسي پيا. وڏيءَ مُشڪل سان پاڻ تي ضبط ڪيائين ۽ اُتان ھليو ويو.

۽ ڏيءُ ھا ۽ نہ جي وچ ۾ لَڙڪي پئي. لُچ پُچ، ھيڏي ھوڏي وڏي آزمائش! ڪنھن کان صلاح وٺي؟ ڪير ڪيس سنئين دڳ وٺي وڃي؟ ڪھڙو دڳ صحيح ھو ۽ ڪھڙو غلط؟ تنھن جو فيصلو ڪري نہ ٿي سگھي. ھڪ پاسي پيءُ جي مٿي جا اچا وار ھُئا؛ اَنا ھئي ۽ اُن جا پاتل لِيڪا ھُئا ۽ ٻئي پاسي ھُن لاءِ موت کي ياڪُر پائيندڙ نوجوان ھو. ھُن جي آخري خواھش ھُئي. وڇوڙي کان اڳ ميلاپ جي چري چاھت ھُئي. آخر ڇا ڪري؟ ڪيئي ڀيرا فيصلو ڪيائين تہ نہ ويندي. ڇا و لڳي اھو اوپرو ۽ اڻچاتل نوجوان ھُن جو؟ ڇو ٿي تڙپي ھُن لاءِ؟ پر جڏھن بہ اھو فيصلو ٿي ڪيائين تڏھن نوجوان جو اُداس چھرو ھُن آڏو ڦري ٿي ويو. ڏاڍو ڏُکي، ڏاڍو ويڳاڻو! تڏھن ھنيانءُ مُٺ ۾ ٿي اچي ويس.

سڄي رات ائين ئي گُذاري ھُئائين ٻُڏ تر ۾! جيئن جيئن رات وھامڻ تي لڳي تيئن ھُن جي پريشاني بہ چوٽ چڙھندي پئي وئي.

۽ پوءِ جڏھن نيڪ ساڍا چار ٿيا ھُئا تہ ھوءَ اُٿي. پير پير ۾ ڏئي چورن وانگر در تي آئي. پريان چوڪيدار پنھنجي وجُود جو احساس ڏيارڻ لاءِ رکي رکي سيٽي وَڄائي رھيا ھُئا ۽ ان سان گڏ وڏي واڪ خبردار بہ چئي رھيا ھُئا.

ٻاهر نوجوان پٽ سان لڳي بيٺو هو. ڏيءُ جي حالت هراسيل هرڻيءَ جهڙي ٿي وئي هُئي. خوف هُن جي وڏين وڏين اکين مان ليئاڪا ٿي پاتا. ساهه روڪي در ڪوليائين ۽ پوءِ ڌڙڪندڙ دل سان وجي مليس.

نوجوان جو آواز ڳورو ٿي ويو. سامهُونءَ واري اُونداهين پاسي ڏانهن هلڻ لاءِ چيائينس. ڏيءُ انڪار ڪيو. نوجوان ايلاز ڪيا. نويڪلائيءَ ۾ چند لمحا گهارڻ لاءِ زور ڀريائينس پر هُن جي سيني تي ڪنهن خوف جي سر رکي ڇڏي هُئي. هڪڙو پير به اڳتي پائڻ لاءِ تيار نه هُئي. نوجوان ڏُکاري لهجي ۾ ڏوراپو ڏنس. جي ايڏي پڪي هُئينءَ ته پوءِ ڇو آئينءَ؟ نه اچين ها. مان اهو سوچي هليو وڃان ها ته مُنهنجي محبت هڪ طرفي هُئي. ڏيءُ ڪُجهه نه ڳالهايو. وري به نوجوان ڳالهايو پوءِ وڃان؟ ڪيڏي آزي، ڪيڏي نه التجا هُئي هُن جي دُکي آواز ۾! ڏيءُ پاڻ کي ڪنهن ڪُوري ۾ جلندي محسُوس ڪيو هو. هنيانءُ پرجي آيُس. ڪنڌ جي هلڪي اشاري سان ها ڪري چُپ چاپ هُن جي پُٺيان هلڻ لڳي. هو هڪ گهٽي ڇڏي اسڪُول جي پر واري خاموش حصي ۾ آيا.

پوءِ اچا به گهڙيون به هڪ ٻئي سان گُذاري نه سگهيا هُئا. هڪ ٻئي کي چڱيءَ طرح ڏٺو به نه هُئائون. نه ساهه ساهن سان ٽڪرايا هُئا ته وٺ وٺ ٿي وئي هُئي. پهري تي بيٺل چوڪيدارن ڪٺي هُنن ڏانهن ڊوڙ پاتي. پوليس چوڪي ويجهي هُئي. ٻئي پڪڙجي آيا.

ٿاڻي تي ٻنهي ڏاڍو لِيلايو، ايلاز ڪيا، ٻانهون ٻَڌيون، ڪارو ڪاري تي وڃڻ واري ڊَپ جو اظهار ڪيائون، رُنا پِٽيا، واسطا وِڌائون پر اڳيان به پوليس هُئي، ڏاڍي هُئي! ڪُجهه به نه وَريُن.

ٿاڻي جي پَٽ تي مُنهن گوڏن ۾ لڪائي ڏيءُ روئڻ لڳي. ڏيءُ لاءِ زندگيءَ جو هيءُ رُوپ ڪيڏو نه بُڇرو، اَذيت ڀريو ۽ شرمناڪ هُيو. اوپرن ماڻهن وِچ ۾ پڳل عورت هُجڻ جو احساس هُن کي اندر ئي اندر گهُٽي ماري رهيو هو. ائين ٿي لڳُس ڄڻ ته ڪيس وڏي هجُوم آڏو ننگو ٽيڏو پيو هُجي. ڪيئن نه ندامت جي احساس ڪان ڪنڌ ڪٽي هيٺ ڪيو هُئائين.

صُبح ٿيو ته ڏينهن جي روشنيءَ ۾ مُنهن وڏيڪ روڙجي ويس. ڇا ته حالت ٿي وئي هُئس! شروع شروع ۾ نوجوان جي به ساڳي حالت هُئي پر هاڻي هُو سامت ۾ اچي ويو هو. هُو مرد هو. ڏيءُ جي ڀيٽ ۾ طاقتور! هن سماج جو اڏيندڙ! هُن پنهنجي ڪنهن دوست ڏانهن ٽيليفون ڪيو هو.

پوءِ دوست جي اچڻ تي ٻنهي کي ڇڏائڻ لاءِ اجان ڳالهيون هليون پئي. پوليس جو دهمان هو. اخبار ۾ خبر ۽ ڦوٽو اچڻ جا دڙڪا هُئا. پئسن جي ڏيتي ليتي اجا نہ تي هُئي تہ پيءُ ٽاٽي تي اچي پهتو. ڪمزور، هيڊو ڇهرو، ڪنڌ جهُڪيل! ڪنهن سان بہ نظرون ملائڻ جي سگهہ نہ هُئس. ڏيءُ کي ڏٺائين تہ الائي ڪيئن ساٽي ساٽي ٻُت ۾ طاقت اچي ويس؟ هوش حواس وِڃائي وينو. ٺڦاڙن، پُوندن ۽ گارين سان وڃي ورتائينس. پوءِ ڏيءُ مان هٿ ڪڍي پاڻ بہ روئڻ لڳو.

گهر کان ٽاٽي ۽ ٽاٽي کان گهر جو سفر هُيو تہ فقط چئن ڪلاڪن جو پر انهن چئن ڪلاڪن ۾ ڇا نہ ٿي گُذريو هو؟ هر پاسي بدنامي، خواري ۽ آڱرين جا اشارا هُئا ۽ انهن وچ ۾ پيءُ ۽ ڏيءُ هلڪا پڪا، هراسيل ۽ ڊنل هُئا. زندگي سزاوار وانگر ٽي ڪاٽيائون.

وري نوجوان کُجهہ ڏينهن رکي مائٽيءَ لاءِ ماڻهو موڪليا. هن ڀيري پيءُ نہ فقط انڪار ڪيو پر مائٽي ڪٽي ايندڙن کي گاريون بہ ڏئي ڪڍيائين. هيڏيءَ بي عزتيءَ کان پوءِ بہ ان کي ڏيءُ ڏيان؟ ٻُڏي نہ مران؟ هُن وري بہ فيصلو ڪري ورتو. ڏاڍو تکڙو فيصلو! ضد ۾ اچي پري جي هڪ مائٽ کي ناٺي ٻڌايائين جيڪو عُمر ۾ ڏيءُ کان سڄا سارا ٻارهن سال وڏو هو.

شروع شروع ۾ ڏيءُ ڪوشش جي باوجُود پاڻ کي خوش رکي نہ سگهي پر پوءِ آهستي آهستي هُن سان؛ هُن جي گهر ڀاتين سان مانُوس ٿيندي وئي. هاڻي هوءَ اُتي خوش گُذارڻ لڳي هُئي. مُڙس مٺاڻُنس اول گهول ويندو هُيو. جيڪو انگل ڪندي هُئي پُورو ڪندو هُئس. عُمر ۾ ننڍي هُيس تنهن ڪري ٻن آڱرين جو پُوندو بہ نہ ڏنو هُئائينس.

پر هڪ ڏينهن وڃي کُهاڙي ڪنيائين. ڪنهن ماڻهوءَ زال جي ماضيءَ جو طعنو ڏنو هُئس. مُڙس سهي نہ سگهيو. غيرت ۾ اچي ويو. سس سهرو وچ ۾ نہ اچن ها تہ ڏيءُ ڳيا ڳيا ٿي وڃي ها. طلاق ڏئي ڇڏيائينس.

هوءَ گهر موٽي آئي. اڳي پڳي هُئي ۽ هاڻي طلاق جو ڳٽ بہ ڳچيءَ ۾ وڌل هُئس.

پيءُ پاسو مٽائي ڏيءُ ڏانهن ڏٺو. ڏيءُ هاڻي رَئي جي پلوَ سان ڳوڙها اُگهي رهي هُئي. پيءُ جي ڪاوڙ هاڻي آهستي آهستي ڍري ٿيڻ لڳي. هُن کي ڏيءُ مٿان ترس اچڻ لڳو. هُن کي محسُوس ٿيڻ لڳو تہ ڏيءُ جي بدناميءَ ۾ هُو بہ ايترو ئي حصيدار هو جيترو سندس ڏيءُ هُئي. هُو ئي تہ هو جنهن نوجوان سان هُن جي شادي نہ ڪرائي پنهنجيءَ ۽ ڏيءُ جي دُنيا کي باهہ لڳائي ڇڏي هُئي.

هاڻي هُن کي وري نوجوان ياد اچڻ لڳو جنهن جي اڳ ڪيڏي نہ بي عزتي ڪئي هُئائين. سيني آڏو گاريون ڏنيون هُئائينس. ڏک هنيان هُئائُنس پر هُن موٽ ۾ ڪُجھ بہ نہ چيو هو.

هاڻي هُن کي وري ڏيءُ تي قياس اچڻ لڳو. ڏيءُ هن وقت زندگيءَ جي جنهن موڙ تي بيٺي هُئي اُتي ڪنهن وٽ بہ هن لاءِ همدردي نہ هُئي. پنهنجائپ نہ هُئي. پيار نہ هو. نفرت هُئي. هاڻي تہ ڪيس ڪارو چور بہ قبُولڻ لاءِ تيار نہ هو. تڏهن نوجوان ڪيئن نہ هُن لاءِ وري پنهنجائپ ڪٺي آيو هو. همدردي ڪٺي آيو هو. ڪيئن نہ اليڪٽرڪ پول وٽ بيهي گُونگي آڇ ڏني هُئائين ۽ پيءُ ڪيڏيءَ نہ ڪنورتا سان موٽ ڏني هُئس بنا سوچڻ ۽ سمجھڻ جي!

پيءُ جي دل هاڻي ڀرجي وئي. نڙيءَ ۾ هلڪو هلڪو ڇُڪو ٿيڻ لڳس. ڄڻ ڪُجھ نڙيءَ ۾ ڦاسي پيو هُجيس. هُو اُٿيو. ڪُليل وارن واري مايوس ۽ غمگين ڏيءُ ڏانهن ڏٺائين ۽ ٻاهر نڪري آيو.

ٻاهر هر شئي تي اُداسي ڇانيل هُئي. ڄڻ ڪنهن ڏُهاڳڻ وڏي ڏُک منجهان آهہ ڀري هُجي! سج ڦاسي گهاٽ جي قيديءَ وانگر آخري پساهہ ڪٽي رهيو هو. ڪو هُل هنگامو ڪونہ هو. ماڻهو ائين چُپ چُپ ۽ مايُوس تي نظر آيا ڄڻ ڪنهن جي پٽر تي گڏ ٿيا هُجن.

تڏهن انهن اُداس گهڙين ۾ پيءُ هڪ فيصلو ڪري ورتو. ذات پات جي پُراڻن پيچرن تي پاتل لِيڪا پاڻ ڊاهڻ جو فيصلو! هُو موت جهڙي اُداس ماحول مان نڪري نوجوان جي گهر ڏانهن هلڻ لڳو.

# نظر انداز ٿيل احساس

انهيءَ لکڻ مان تو کي ڇا ٿو ملي؟ لکڻ ته ڪو ڪم آهي؟ ڪم اُهو ڪر جنهن سان ڪُجهه هٿ حاصل ته ٿئي.

تو کي فن ۽ انهيءَ جي اهميت جو اندازو ڪونهي. هيءُ جيڪي مان ڪريان پيو هڪ ڏينهن ڏِس ته مُون کي ڪٿي ٿو پهچائي؟

ڏُک اهو ئي آهي فهميده ته تُون ادب ۽ اُن جي اهميت کان اڻواقف آهين. اها به ته هڪڙي عورت هُئي نه جنهن هڪ ڏاهي سان شادي ڪئي. توڙي جو هوءَ وڏ گهراڻي عورت هُئي. پاڻس وزير هو پر مُڙس جي غُربت ۾ ڪڏهن مُڙس کي غريبيءَ جو طعنو نه ڏنائين. تو کي شايد يقين اچي ته هڪ پاسي انهن جو ٻار سخت بيمار هو ۽ ٻئي پاسي اهو ڏاهو لکڻ جي عمل کي جاري رکيون پئي آيو. سندس چوَڻ هو ته مان جنهن ٻار کي تخليق ڪري رهيو آهيان سو ڪڏهن به مري نه سگهندو.

پوءِ؟

پوءِ اهو ٻار مري ويو پر هُن جي اها تخليق اڄ به زنده آهي جنهن پوريءَ دُنيا کي ڌوڏي ڇڏيو آهي.

پر مان تُنهنجي سڪٽي شوق جي پُورائي لاءِ ائين نه ڪنديس.

۽ اڄ هڪ ئي هفتي ۾ هيءُ ٽيون واقعو ٿيو آهي. هُو هڪ ٻئي جي آمهون سامهُون اچي بيٺا آهن جيئن عدالت جي ڪٽهڙي ۾ فريادي ۽ جوابدار! ٻنهي جي هڪ ٻئي تي جرح شروع ٿي چُڪي آهي. بند ڪمري ۾ لفظن جي ڏي وٺ باهه جيان ٻنهي کي جلائڻ لڳي ٿي.

تو پنهنجي رويي تي ڪڏهن سوچيو آهي؟

ڇا ڪيو آ مُون؟

ٽئين ڏينهن خالد کي جيڪي ڪُجهه چئي رهي هُئينءَ ڇا مطلب هو ان جو؟

ڇا چيو هُيم؟

تہ پيءُ وانگر نہ تجانءِ! ڇو مُون ۾ ڪهڙي خرابي آهي؟ اها تہ تو ڪي ڪڏهن بہ روايتي مرد وانگر پنهنجي ٻانهي ناهي سمجهيو. پير جي جُتي ناهي محسُوس ڪيو.

پلي ائين ڪري ڏِس! مان تُنهنجي ٻانهي ٿي ڪونہ رهندس.

مُون تو کي ڪڏهن ان نظر سان ڏٺو آهي ڇا؟

اڳي تہ نہ پر هاڻي محسُوس ٿئي ٿو.

ڇا؟

تو ٿئين ڏينهن جنهن طريقي سان مُون سان ڳالهايو هو اُن جو ڪهڙو مقصد هو؟

ڪهڙو مقصد هو؟

اهو ئي تہ هاڻي مُون کي دٻائيندو ۽ هيسائيندو رهندين پر مُون کي ان جي ٿڪي جي بہ پرواهہ ڪانهي.

تون ان مسئلي کي پاڻ وڌائڻ ٿي چاهين!

مُون تہ ڪُجهہ بہ نہ ڪيو آ! مان تہ هر ڏُک ۾، تڪليف ۾ تو سان گڏ رهي آهيان؟

۽ مان...... مان جيئن تو سان هليو آهيان اُن جهڙو ڪو مثال آهي تو وٽ؟

پلا مان تو سان ڪهڙو خراب هلي آهيان؟

تو هيل تائين مُنهنجي ڏُک کي، مُنهنجي احساس کي سمجهڻ ئي نہ چاهيو آهي!

مهرباني ڪري مُون سان اها لفاظي نہ ڪر! سِڌو ڳالهاءِ!

مُنهنجو اهو ئي تہ الميو آهي تہ مان ڪڏهن بہ تو کي دل کولي پاڻ ڏيکاري نہ سگهيو آهيان.

اهو بہ تُنهنجيءَ ڪهاڻيءَ جو مڪالمون آهي ڇا؟ تڏا شُوڪارا تو پرين! مُون سان شادي ڪري پڇتائين ٿو ڇا؟

مان وڌيڪ ڳالهائڻ نہ ٿو چاهيان فهميدا!

۽ مُنهنجي جيڪا بي عزتي ڪيئي سا آئي وئي ٿي وئي ڇا؟

مُون چيو نہ فهميدا ڪنهن ٻئي موضُوع تي ڳالهاءِ! مُون کي ٿوريءَ ٿوريءَ ڳالهہ تي جاهل چو سڏيندو آهين؟

مُنهنجيءَ نظر ۾ هر اُهو شخص جاهل آهي جيڪو ٻارن کي ماري ٿو.

تہ ماءُ جي ڪا جوابداري ڪانهي؟

پيءُ ماءُ جي اها جوابداري آهي ڇا تہ گهر ۾ هڪڙو ٽاٽو قائم ڪري اُتي صُوبيدار بڻجي ويهي رهجي.

مان جو خالد کي ماريان ٿي تہ مُنهنجي اولاد نہ آهي ڇا؟ نوَن مهينن جا سُور ڇا تو ڪاڏا هُئا جو ايڏي وارثي ٿو ڏيکارين؟

فهميدا! ائين تہ ٻار نفرت ڪٽي وڏو ٿيندو. ضدي ۽ هوڏي بڻجي آزار پيدا ڪندو.

ڪنهن لاءِ؟

تو لاءِ مُون لاءِ ۽ دُنيا وارن لاءِ!

اهو بہ تُنهنجيءَ ڪنهن ڪهاڻيءَ جو مڪالمون آهي شايد!

مان ان موضُوع تان هٿ ڪڍان ٿو. هاڻي مان هڪ لفظ بہ ڪونہ ڳالهائيندس.

تون ٿوريءَ گهڻيءَ ڳالهہ تي خالد اڳيان مُون کي بي عزتو ٿو ڪرين. گهڻ وڏ تو ڳالهائين. مُنهنجي هِن گهر ۾ ڇا اها عزت آهي؟ ٻُڌاءِ!

خاموشي!

اوڙو پاڙو ۽ شريڪ ٿو مون تي کلائين! ڇو؟

صاف ڳالهہ آهي فهميدا! مان خالد کي مار کائيندو ڏِسي نہ ٿو سگهان. خُدا جي واسطي گهر کي گهر رهڻ ڏي! ٽاٽو نہ بڻاءِ!

۽ خُدا جي واسطي تُون پنهنجي ڳالهائڻ کي درست ڪر! اها گُفتگوءِ مُون کي زهر ٿي لڳي.

فهميدا! اڄ مان هڪ نتيجي تي پهتو آهيان.

ڪهڙو؟

اهو تہ مُون کي تو سان صرف مرد بڻجي ورتاءُ ڪرڻ گهُرجي جيڪو زال کي پير جي جُتيءَ جيتري اهميت ڏيندو آهي پر مُنهنجو الميو اهو آهي تہ مان ائين بہ ڪري نہ ٿو سگهان.

تڏهن تہ چوانءِ ٿي تہ پل اهو شوق بہ پُورو ڪري ڏِس!

مُنهنجي خيال ۾ گُفتگوءَ کي اهو موڙ ڏيڻ کان بهتر آهي تہ ڪو صحيح دڳ ولون. اچ تہ ايمانداريءَ سان پنهنجي پنهنجي غلطين جو اعتراف ڪريون. جيڪي مُون ۾ خاميون آهن مان اُنهن کي درست ڪرڻ جي ڪوشش ڪريان ۽ تُون بہ پنهنجي ان رويي کي بدلائڻ لاءِ سوچ!

مُون کي طلاق گهُرجي!

طلاق! تون هوش ۾ تہ آهين فهميدا؟

ها! مان هوش ۾ آهيان. تُون ڪنهن اهڙيءَ عورت سان وڃي شادي ڪر جيڪا گهٽ پڙهيل هُجي؛ مُهذب هُجي ۽ تُنهنجي ادب ۽ فن جي قدردان بہ هُجي.

مون چيو نہ اها گُفتگوءِ اسان کي تباهيءَ ڏانهن پئي ڪِهلي وڃي. اچ تہ ان کان بچڻ جو ڪو رستو ڳوليون.

گهر ۾ هيڏو ڪاڪڙو ڪيئي. اهو سوچيئي تہ چئن زائفن ۾ مُنهنجي بہ ڪا عزت هُوندي يا احساس تو وٽ ئي آهن بس!

سچي ڳالهہ اها آهي تہ اهو تُنهنجيءَ روش جي خلاف مُنهنجو ننڍڙو احتجاج هو.

۽ تُنهنجو اهو انداز مُون کي بلڪُل پسند ناهي. نفرت ٿي وئي آهي تو کان ۽ تُنهنجيءَ سوچ کان!

تون مُون کي سنگسار ڪرڻ تي سَندرو ڇو ٻَڌي بيٺي آهين فهميدا؟

تڏهن تہ چواءِن ٿي تہ مُون کي طلاق ڏي!

ايتري انتها نہ ڪر فهميدا! جو واپس وَرڻ جا سيئي دڳ بند ٿي وڃن!

مان اهو ئي تہ چاهيان ٿي.

جي مان طلاق نہ ڏيانءِ تہ......

تہ پوءِ تو سان ڪورٽ ۾ مُلاقات ٿيندي.

فهميدا...... فهميدا! اهڙا واقعا اڳ بہ اسان جي زندگيءَ ۾ ٿيندا رهيا آهن. انهن کي اڳي جيان در گُذر تہ ڪري سگهجي ٿو.

پر مُون کان هاڻي اهو برداشت نہ ٿو ٿئي.

مجان ٿو تہ پنهنجن روين سان اسان ٻنهي هڪ ٻئي کي مايُوس ڪيو آهي پر ان کان الڳ هڪڙي ٻي سچائي بہ موجُود آهي تہ اسين هڪ ٻئي کي چاهيون بہ گهڻو ٿا.

اها تہ تُنهنجي غلط فهمي آهي.

تہ هيترو وقت تُون مُون کي صرف برداشت ڪندي رهي آهين!

تون پاڻ بہ تہ ائين ئي ڪندو رهيو آهين.

ڇا ڪيو اٿم؟

جيڪي عشق ڪيا اٿئي مُون کي اُنهن جي خبر ناهي ڇا؟

اهو مُنهنجو ماضي هو. اڄ مون هر عورت ۾ پهريان تو کي ڏٺو آهي ۽ پوءِ ان کي!

تون هيل تائين مُون سان اها لفاظي ئي تہ ڪندو رهيو آهين. مُون کي تُنهنجي سڀ خبر آهي.

نفرت جي انتها کي پهچڻ کان اڳ فهميدا مُنهنجي محبتن کي بہ ياد ڪر!

مُون کي صرف تُنهنجون زيادتيون ٿيون ياد اچن. هيل تائين تون مُون کي نظر انداز ئي تہ ڪندو رهيو آهين.

جذباتيت جي انتها ويل رُڳو هڪ طرفيون ڳالهيون ياد ايندين آهن فهميده! مان تو کي ياد ڏياريان تہ مون تو کي خوش رکڻ لاءِ پنهنجي خواهشن کي ڪڏهن بہ اهم ناهي ڄاتو....

تون سُست ۽ ڪاهل آهين. تو پاڻ کي ڪڏهن بہ بدلائڻ ناهي چاهيو. گهر ۾ اڻپُورائي آهي. تو ان جي خاتمي جو ناهي سوچيو. فقط تصوُراتي دُنيا ۾ رهڻ وارو ماڻهو آهين تون.

مُون کي جيڪو ڪُجھ ٻڌڻو هُيو: سماج ۾ جيڪا حيثيت جوڙڻي هُئي سا جوڙيم. ان کان وڌيڪ ٻيو ڇا ڪريان؟

تو پنهنجيءَ خود پسنديءَ جي ڪري اسان سيني کي رُڳو عذاب ئي ڏنا آهن. مُنهنجن خوابن کي تو ڪڏهن به پُوري ڪرڻ جي ڪوشش نه ڪئي آهي.

ڪنهن جا خواب هِتي پُورا ٿيا آهن؟ ماڻهن جو ڪيترو حصو آهي جن کي پنهنجن خوابن جي من پسند تعبير ملي هُجي؟

مان ٻين سان ٻَڌل نه آهيان. جنهن گهر مان آئي آهيان اُن گهر جهڙيون خوشيون ڳُولجن جيڪي تُون ڪڏهن ڏئي نه سگهيو آهين.

فهميدا! مُنهنجي اها ئي ته خامي آهي نه ته ان سماجي حيثيت ۾ تُنهنجي پيءُ جي برابري ڪري نه سگهيو آهيان.... بس نه!

تون حالتن کي بدلائڻ لاءِ ڪڏهن به سنجيدو نه رهيو آهين.

ڪيئن؟

مان تو کي آئيني ۾ تُنهنجي صُورت ڏيکاريان! تُنهنجو اصُل رُوپ! هوائي ڳالهيون ڪرڻ وارو، خوابن ۾ جيئڻ وارو!

فهميدا! مُون نه ٿي چاهيو ته اسين الڳ ٿي وڃون پر تُنهنجي هٺ ڌرميءَ اڳيان شڪست ڪائي ويو آهيان. تُون وڃڻ چاهين ته وڃ هلي مان ڪونه روڪيندوسانءِ!

باقي پاڻ کي نه بدلائجانءِ! زماني جي ترقيءَ ۾ حصو نه ونجانءِ!

مُنهنجي ضبط جو ائين امتحان نه وٺ فهميدا! جي وڃڻ چاهين ٿي ته پوءِ ٻيني جو آهين؟

۽ خالد لاءِ ڇا ٿو چوين؟ اهو معاملو هاڻي ئي طئہ ڪري ڇڏ!

ان لاءِ جيڪو تُنهنجي من ۾ اچي ڪر! مان خالد کي تُنهنجي فيصلي اڳيان ديوار ڪونه بڻائيندس.

ان مهل اُنن سالن جو خالد انور ڪمري ۾ داخل ٿئي ٿو. ٻنهي اڳيان پنهنجن احساسن کي ائين نظر انداز ٿيل ڏِسي ٿو ته ٻيو ڪُجھ نه ٿو ڪري ته ننڍڙا هٿ مُنهن تي ڏئي روئڻ لڳي ٿو.